ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN

هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار

THE DAILY IBRAT Hyderabad

روزاني عبرت

حيدرآباد

68 Years 1958 - 2025

Regd: NO-2430-B

Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8

سال (94) چنڇر 20 ڊسمبر 2025ع 28 جمادي الثاني 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 وپيه شمارو (127)

website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

گڏيل قومن ۾ پاڪستان جي قرارداد منظور، پرڏيهي قبضي هيٺ رهندڙ قومن جي خودمختياري جي حق جي توثيق

نئين آبادي، پرڏيهي ۽ پرڏيهي قبضي تحت رهندڙ قومن جي خودمختياري جي حق جي ڀيهر توثيق ڪئي وئي، قرارداد جي سفارش گڏيل اسيمبلي جنرل مهيني جي ٽئين ڪميٽي ڪئي

ڪميٽي سماجي، انساني ۽ ثقافتي معاملن بابت معاملا ڏسندي آهي. پاڪستان 1981ع کان مسلسل اها قرارداد پيش ڪندو پيو اچي. جنهن جو مقصد دنيا جو ڌيان انهن قدومن ڏانهن ڇڪرائڻ آهي

خودمختياري وارو حق انهن سمورين حالتن ۾ لاڳو ٿئي ٿو جتي قومون ان بنيادي حقن کان محروم آهن هي گڏيل قومن جي چارٽر ۽ لاڳاپيل قراردادن ۾ داخل اصولن موجب آهي: گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي

ڀارت جي غير قانوني قبضي هيٺ جمون ڪشمير جي عوام لاءِ اها قرارداد انهن جي جائز موقف، آزادي ۽ وقار جي خواهشن طرف عالمي ڌيان ڪي هٽي ڏي ٿي، خطي جا ملڪ قبضن خلاف قدم کڻن

گڏيل قومون (اي پي پي) گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي پاڪستان طرفان پيش ڪيل هڪ قرارداد جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي، جنهن ۾ نئين آبادي، پرڏيهي ۽ پرڏيهي قبضي تحت رهندڙ قومن جي خودمختياري جي حق جي ڀيهر توثيق ڪئي وئي آهي، اها قرارداد اتفاق راءِ سان منظور ڪئي وئي، جنهن جي سفارش گڏيل مهيني جنرل اسيمبلي جي ٽئين ڪميٽي ڪئي هئي، اها ڪميٽي سماجي، انساني ۽ ثقافتي معاملن بابت معاملا ڏسندي آهي پاڪستان 1981ع کان مسلسل اها قرارداد

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

آءِ ايم ايف جو شرط: پيٽروليم ليوي مد ۾ 1468 ارب رپيا اوڳاڙي جي تياري

شوگر سيڪٽر کي ڊي ريگوليٽ ڪرڻ لاءِ پاليسي جو مسودو تيار ڪيو ويو: خوراڪ واري وزارت

هلندڙ سال عوام کان پيٽروليم ليوي جي مد ۾ 1468 ارب رپيا وصول ڪرڻ جو ڪاٿو لڳايو ويو آهي

اسلام آباد (م ر) وفاقي حڪومت عالمي مالياتي فنڊ (آءِ ايم ايف) جي هڪ ٻئي شرط تي عمل لاءِ قدم تيز ڪري ڇڏيا آهن ۽ شوگر سيڪٽر کي ڊي ريگوليٽ ڪرڻ لاءِ پاليسي جو مسودو تيار ڪيو ويو

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: صدر آصف علي زرداري پاڪستان ۾ گڏيل عرب امارات جو سفير سالم محمد سالم البواب الزعابي ملاقات ڪندي

صدر آصف زرداري عراقي صدر جي دعوت تي 20 کان 24 ڊسمبر تائين عراق جو سرڪاري دورو ڪندو

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

ڀارت طرفان سنڌ طاس معاهدي جي خلاف ورزي پاڪستاني معيشت ۽ استحڪام لاءِ سنگين خطرو آهي: نائب وزيراعظم

ڀارت سان تڪرارن جي پرامن حل جي لاءِ پرعزم آهيون پر پنهنجي پاڻي جي حقن تي ڪو ناهه نه ڪنداسين: اسحاق ڊار

سنڌ طاس معاهدي کي غيرقانوني ۽ هڪطرفي طور تي معطل ڪرڻ ۽ پاڻي کي بطور هٿيار استعمال ڪرڻ پاڪستان ۾ انساني بحران کي جنم ڏئي سگهن ٿا: سينيٽر اسحاق ڊار

ڀارت پاران سنڌ طاس معاهدي کي هڪطرفي طور معطل ڪرڻ عالمي قانونن خلاف ورزي آهي، ناب درياءَ ۾ پاڻي جي غيرمعمولي ۽ اوچتو چاڙهه ۽ هڪطرفي اخراج تي شديد ڳڻتي آهي

ڀارت پاران پاڻي ۾ چاڙهه سڌوسنڌون اسان جي شهرين جي جانين، روزگار، خوراڪ ۽ معاشي سلامتي لاءِ خطرو آهي، اهو غيرقانوني ۽ غيرذميواراڻو طرز عمل انساني بحران کي جنم ڏئي سگهي ٿو

ڀارت معاهدي تحت ضروري اڳواٽ اطلاع، هائيڊرو لوجيڪل ڊيٽا ۽ گڏيل نگراني جي فراهمي پڻ روڪي ڇڏي آهي، جنهن جي ڪري پاڪستان ٻوڏ ۽ سوڪهڙي جي خطرن ۾ ورتل آهي

ڀارتي قدم پاڪستان کي ٻوڏ ۽ سوڪهڙي جي خطرن ۾ وجهي رهيا آهن، معاهدي تحت پاڪستان کي ملندڙ پاڻي جي وهڪري کي روڪڻ يا موڙڻ جي ڪنهن به ڪوشش کي "اعلان جنگ" سمجهيو ويندو

ڀارت جون سنگين خلاف ورزيون سنڌ طاس معاهدي جي روح تي ضرب هڻي رهيون آهن جيڪي علائقائي استحڪام ۽ عالمي قانون جي حرمت جي لاءِ سنگين نتيجا رکندڙ آهن

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار چيو آهي ته ڀارت پاران سنڌ طاس معاهدي کي هڪطرفي طور تي معطل ڪرڻ عالمي قانونن جي واضح خلاف ورزي آهي اهو قدم پاڪستان جي سلامتي، معيشت، عوام جي زندگين ۽ ڏکڻ ايشيا جي امن ۽ استحڪام جي لاءِ سنگين خطرو آهي سنڌ طاس معاهدي کي غيرقانوني ۽ هڪطرفي

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: نائب وزيراعظم اسحاق ڊار اسلام آباد ۾ سفيرن کي بريفنگ ڏيندي

فيلڊ مارشل جو آمريڪي دورو رٿيل ناهي، غزا ۾ فوج موڪلڻ جو فيصلو ناهي ٿيو: پرڏيهي ترجمان

افغانستان دهشتگرد عنصرن جي موجودگي علائقي جي امن ۽ سلامتي لاءِ وڏو خطرو آهي: طاهر اندرابي

دهشتگرد عنصرن جي موجودگي بابت جوڳا ثبوت موجود آهن، دهشتگردن کي افغان سرزمين تي سهائتا ملڻ جا پختا ثبوت آهن

هڪ سينيئر سياسي اڳواڻ طرفان مسلمان عورت جو نقاب لاهڻ انتهائي ڳڻتي جوڳو عمل آهي ۽ ان جي سخت مذمت ٿيڻ گهرجي

اهو قدم ڀارت ۾ مسلمان عورتن جي تذليل کي معمول بڻائڻ واري رويي جي هڪ ڪڙي بڻجي سگهي ٿو: پرڏيهي آفيس جو ترجمان

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پرڏيهي آفيس جي ترجمان چيو آهي ته افغانستان دهشتگرد عنصرن جي موجودگي علائقي جي امن ۽ سلامتي لاءِ وڏو خطرو آهي ۽ گڏيل قومن جي رپورٽ پاڪستان جي موقف جي واضح تائيد ڪري ٿي اسلام آباد

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

زرعي شعبي جي بدحالي قومي معيشت لاءِ خطرناڪ بڻجي چڪي آهي: سردار عبدالرحيم

حڪمرانن جي دعوائن جي ابتڙ زميني حقيقتون انتهائي ڳڻتيءَ جوڳي تصوير پيش ڪري رهيون آهن

هاري تاريخ جي بدترين بحران مان گذري پيو پر حڪومتي سطح تي سنجيده قدم نظر نٿا اچن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) عالمي يوم هاري جي موقعي تي جتي حڪمرانن طرفان هارين جي خدمتن کي ساراهيو ويو اتي زميني

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

سعودي عرب ۽ ڀارت ۾ ويزا ڇوٽ جي معاهدي تي صحيحون

ڀارتي سفير اعجاز خان ۽ سعودي وزير رياض ۾ وزارت جي هيڊ ڪوارٽر ۾ صحيحون ڪيون

رياض (اي پي پي) سعودي عرب ۽ ڀارت بيوروڪريٽڪ طريقڪار کي گهٽ ڪرڻ جي هڪ اهم قدم طور ويزا ڇوٽ جي

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

صدر پاران گڏيل قومن جي انساني حقن جي ماهرن پاران جاري ڪيل رپورٽ جي آجيان

پاڪستان خلاف ڀارت جون فوجي ڪارروايون علائقائي ۽ عالمي امن لاءِ سنگين خطرو آهن: صدر

صدر آصف علي زرداري گڏيل قومن جي انساني حقن جي ماهرن پاران جاري ڪيل رپورٽ جي آجيان ڪئي

ڀارت ڊگهي عرصي کان پنهنجي اقليتن کي نظرانداز ڪندو اچي رهيو آهي، جيڪا عالمي قانونن جي خلاف ورزي آهي

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري گڏيل قومن جي انساني حقن جي ماهرن پاران جاري ڪيل رپورٽ جي آجيان ڪئي آهي جنهن ۾ هلندڙ سال مئي ۾ پاڪستان جي خلاف ڀارت جي فوجي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۽ تاجڪستان وچ ۾ مختلف شعبن ۾ گهڻ رخي تعاون وڌائڻ جو عزم

وزيراعظم شهباز شريف سان تاجڪستان جي ثقافت واري وزير مطلوب خان سهتوريان امان زاده وزيراعظم هائوس ۾ ملاقات ڪئي

ٻنهي پاڙ ملڪن جو گڏيل ورثو عوام جي وچ ۾ رابطن ۽ ثقافتي تعاون کي وڌيڪ وڌائڻ جي لاءِ مضبوط بنياد فراهم ڪري ٿو: وزيراعظم

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف پاڪستان ۽ تاجڪستان جي وچ ۾ وڌيان رابطي توانائي ۽ ثقافت

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت ۾ اجلاس ٿي رهيو آهي

وزيراعظم پاران اسمگلنگ جي خاتمي جي لاءِ ايف بي آر جي قدمن جي واکاڻ

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف اسمگلنگ جي خاتمي جي لاءِ ايف بي آر جي قدمن کي ساراهيندي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

پاڪستان جو آبي جارحيت خلاف ڀارتي اختيارين سان رابطو، پاڻي معاملي تي وضاحت طلب

سنڌ طاس لاءِ پاڪستاني ڪميشنر معاملو باضابطا طور ڀارت سامهون اٿاري ڇڏيو، ڀارت سان سخت احتجاج

17 ڊسمبر کان چناب جي وهڪري ۾ نمايان ٻهڏري شروع ٿي، آبپاشي ڪاني طرفان چناب جي مسلسل نگراني جاري آهي: پاڪستاني عملدار

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ڀارت جي آبي جارحيت تي پاڪستان طرفان باضابطا رابطو ڪيو ويو آهي آبي رسيلن واري وزارت موجب، سنڌ طاس لاءِ پاڪستاني ڪميشنر معاملو باضابطا طور ڀارت

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

سنڌ اسيمبلي ۾ هاءِ ڪورٽ اندر آئيني بينچز جي قيام ۽ سيف سٽيز اٿارٽي ترميمي بل منظور

اجلاس ۾ قانون واري وزير ضياءَ الحسن لنجار تعليمي ۽ انتظامي سڌارن بابت قانون سازي وارا بل پيش ڪيا

سنڌ انسٽيٽيوٽ آف ٽيچرز ايجوڪيشن جو درجو ڏيڻ بابت بل قائم ڪميٽي ڏانهن موڪليو ويو

صوبي ۾ عدالتون ڪم ڪري رهيون آهن ۽ حڪومت جو مقصد انهن کي وڌيڪ بهتر ۽ مؤثر بڻائڻ آهي: خطاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وزير قانون سنڌ ضياءَ الحسن لنجار سنڌ اسيمبلي جي اجلاس دوران تعليمي ۽ انتظامي سڌارن سان لاڳاپيل اهم قانون سازي ۾ سرگرم ڪردار ادا ڪندي متعدد اهم بل ايوان ۾ پيش ڪيا. وزير قانون ضياءَ الحسن لنجار گورنمينٽ ڪاليج آف ايجوڪيشن فيڊرل

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سنڌ اسيمبلي ۾ خطاب ڪندي

9 مئي ڪيس: شاهه محمود آجو، ياسمين راشد، اعجاز چوڌري سوڌو 8 جوابدارن کي 10-10 سال ٽيپ

لاهور جي دهشتگردي ڪورٽ عدالت 9 مئي جي هڪ ڪيس ۾ پي ٽي آءِ اڳواڻ شاهه محمود قريشي کي بري ڪري ڇڏيو

عدالت ڊاڪٽر ياسمين راشد، ميان محمود الرشيد، اعجاز چوڌري ۽ عمر سرفراز چيما کي 10، 10 ورهين قيد جي سزا ٻڌائي

لاهور(ويب ڊيسڪ) لاهور جي دهشتگردي ڪورٽ عدالت 9 مئي جي هڪ ڪيس ۾ پي ٽي آءِ اڳواڻ شاهه محمود قريشي کي بري ڪري ڇڏيو اي ٽي سي جج منظر علي گل ڪوٽ لکپت جيل ۾ 9 مئي تي ڪلب چوڪ جي او آر جي گيٽ تي حملي واري ڪيس جو فيصلو ٻڌائيندي شاهه

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

ڀاڙين ماڪن مان ٻني خوري ۽ دهشتگردي جي سهولتڪارن خلاف ڪارروائي ٿيڻ گهرجي: وڏو وزير

هڪ ڏهاڙي خبر ٿئي ٿي ته ڀيرا چي رچي ٿن چيلينج کي مسلسل ڪارروائين ذريعي منهن ڏنو پيو وڃي

صوبائي حڪومت ٻني خوري ۽ منظم ڏوهن خلاف ڀرپور جامع ڪريڪ ڊائون شروع ڪري ڇڏيو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه خميس ڏينهن چيو آهي ته صوبائي حڪومت ٻني خوري ۽ منظم

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم سان آسٽريليا جي نئين مقرر ٿيل هاءِ ڪمشنر جي ملاقات

وزيراعظم پاران بونڊائي بيچ سڊني ۾ دهشتگردي جي واقعي تي ڏک جو اظهار

پاڪستان ۽ آسٽريليا وچ ۾ مضبوط رابطن ۽ ثقافتي رشتن جي اهميت تي زور ڏنو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف بونڊائي بيچ سڊني ۾ دهشتگردن جي فائرنگ سان معصوم جانين

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

صدر جسٽس طارق محمود جهانگيري جي ڊي نوٽيفڪيشن جي منظوري ڏيئي ڇڏي

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي فيصلي جي روشني ۾ صدر آصف علي زرداري اهڙي منظوري ڏني

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري وزيراعظم جي مشوري تي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جج جسٽس طارق محمود جهانگيري جي ڊي نوٽيفڪيشن جي منظوري ڏيئي ڇڏي آهي جمعي

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ٺٽو: صوبائي وزير سردار علي شاهه ۽ ايم اين اي صادق ميمڻ ڪليل ڪچهري ۾ خطاب ڪندي

ڪنهن به ڪيس جي ٻڌڻيءَ کان اڳ دائري اختيار جو تعين بنيادي شرط آهي: وفاقي آئيني عدالت

فيصلو جسٽس عامر فاروق ۽ جسٽس روزي خان تي ٻڌل بينچ سول پٽيشن نمبر 2202 آف 2025ع ۾ ٻڌايو

آئين جي 27هين ترميم کان اڳ آرٽيڪل 202 اي تحت آئيني بينچ جو دائرو محدود هو ۽ سمورا رٽ اختيار استعمال ڪرڻ جو مجاز ناهي

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي آئيني عدالت پاڪستان هڪ اهم آئيني ۽ قانوني نڪتي جو تعين ڪندي قرار ڏنو آهي ته ڪنهن به عدالت يا بينچ لاءِ اهو لازمي آهي ته هو صرف ان دائري اختيار ۾ فيصلو ڏئي

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

ايم ايل ون ڪراچي کان روهڙي منصوبي جي پيڙهه جو پٿر جولاءِ 2026ع ۾ رکڻ تي اتفاق

ايم ايل ون پاڪستان ريلوي جي معاشي ۽ جاگرافيائي شهه رڳ آهي: وفاقي وزير حنيف عباسي

انفراسٽرڪچر جي موجوده حالت ۽ وڌندڙ گهرج کي نظر ۾ رکندي ان ٽريڪ جي فوري اپ گريڊيشن جي اهم ضرورت آهي

ايل ايم ون ڪراچي کان روهڙي سيڪشن جي اپ گريڊيشن جي باقاعده شروعات جولاءِ 2026ع ۾ ڪئي ويندي

اسلام آباد (اي پي پي) ريلوي واري وفاقي وزير محمد حنيف عباسي سان ايشيائي ترقياتي بئنڪ (اي ڊي بي) جي ڊائريڪٽر جنرل ليه گوتريز پنهنجي ٽيم سميت ملاقات ڪئي. جنهن ۾ ريلوي جي اسٽريٽجڪ اهميت رکندڙ منصوبي "مين لائن ون (ML-1)" جي اپ گريڊيشن ۽ مستقبل جي حڪمت عملي تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ملاقات دوران وفاقي وزير کي ڏنل بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته ايم ايل ون پاڪستان ريلوي جي

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

راڻا مشهود جي پرتگالي سفير سان ملاقات، ٻطرفن معاملن تي ڳالهيون

نوجوانن جي بااختياري ۽ ليبر موبلٽي جي حوالي سان خيالن جي پڻ ڏي وٺ

پرتگال ۾ پاڪستاني ڪميونٽي کي ماڻهن ۾ لاڳاپا مضبوط ڪرڻ لاءِ نيمني پل قرار ڏنو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم يوٿ پروگرام جي چيئرمين راڻا مشهود احمد خان پاڪستان ۾ پرتگال جي سفير مينوئل

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

آمريڪي صدر پاران 901 بلين ڊالر جي دفاعي بل تي صحيحون، يوڪرين لاءِ 80 ۽ اسرائيل لاءِ 60 ڪروڙ ڊالر مخصوص

مالي سال 2026ع جو نيشنل ڊيفنس آٿرائيزيشن ايڪٽ 901 بلين ڊالر جي فوجي خرچن جي اجازت ڏئي ٿو: آمريڪي اختيارين

ايڪٽ ۾ فوجين جي پگهارن ۾ اٽڪل 4 سيڪڙو اضافو به تجويز ڪيو ويو آهي، ان ۾ يوڪرين ۽ بالٽڪ رياستن لاءِ نئين فنڊنگ فراهم

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ 901 بلين ڊالر جي دفاعي بل تي صحيحون ڪري ڇڏيون پرڏيهي ميڊيا مطابق صدر گڏريل ڏينهن دفاعي پاليسي بل تي صحيحيون ڪري ان جي منظوري

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

سينيٽ جي وقتي چيئرمين سان مختلف وفدن جون ملاقاتون

عوام کي درپيش مسئلا ۽ انهن جي پائيدار حل لاءِ حڪومتي قدمن تي ڳالهيون

قبائلي نظام گڏيل احترام، مشاورت، امن ۽ برداشت کي هٿي ڏيڻ جو مضبوط ذريعو آهي: سينيٽ چيئرمين

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ جي وقتي چيئرمين سيدال خان سان سينيٽ جي ميمبرن، قبائلي اڳواڻن، شاگردن، دانشورن

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

جماعت اسلامي مڪمل طور تي ناڪام ۽ سياسي دوڪلائي جو شڪار آهي: سعديه جاويد

هڪ پاسي عدالتن جو رخ ڪيو وڃي ٿو ته ٻئي پاسي فيصلي کان اڳ روڊن تي ڌرڻا ڏنا وڃن ٿا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي ترجمان سعديه جاويد جماعت اسلامي جي ڌرڻن تي سخت رد عمل ظاهر ڪندي چيو

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

سنڌ اسيمبلي ۾ واٽش گورننس ۾ صنفي برابري، معذوري ۽ سماجي شموليت بابت بريفنگ

ايم پي اي پير مجيب الحق صدارت ڪئي، صنفي صلاحڪار رحيمہ پنهور بريفنگ ڏني

ڪراچي (بيورو رپورٽ) واٽر ايڊ پاڪستان پاران بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

محترمه راڻي جو خواب هو ته عورتون تعليم يافته هجن، مضبوط سماج قائم ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن: آصفه ڀٽو

نوابشاهه بختاور گرلز ڪيڊٽ ڪاليج ۾ پنجون والدين جو ڏينهن ملهايو ويو، تقريب ۾ آصفه ڀٽو زرداري جي شرڪت

مان بختاورين ڪيڊٽ لاءِ دل جي گهراين سان دعا ڪريان ٿي، توهان پاڪستان جو مستقبل آهيو

نوابشاهه (رپورٽ مشرف پٺي) نوابشاهه ۾ بختاور گرلز ڪيڊٽ ڪاليج ۾ پنجون سالياني والدين جو ڏينهن ملهايو ويو ڀهرين خاتون ايم اين اي آصفه ڀٽو زرداري خاص طور تي تقريب ۾ شرڪت ڪئي پاڪستان

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۾ توانائي جي شعبي ۾ تاريخي بحالي، ڄامشورو پلانٽ ٻيهر فعال ٿي ويو

توانائي جي شعبي ۾ هڪ اهم ۽ تاريخي اڳڀرائي، 5 سالن کان بند قومي اثاثو ٻيهر فعال

اٿارٽي سهولتڪاري سان ڊگهي عرصي کان جاري رنڊڪ ختم ٿي ۽ ريگوليٽري ماحول ۾ نمايان بهتري آئي: اختياريون

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان جي توانائي جي شعبي ۾ هڪ اهم ۽ تاريخي اڳڀرائي سامهون آئي آهي، جتي 5 سالن کان بند قومي اثاثو ٻيهر فعال ٿي ويو آهي ڄامشورو جوائنٽ وينچر لميٽيڊ جي پلانٽ

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

نوابشاهه: خاتون اول آصفه ڀٽو زرداري يوم والدين جي حوالي سان بختاور ڪيڊٽ ڪاليج ۾ ٿيل تقريب کي خطاب ڪندي

27th DECEMBER
Death Anniversary
SHAHEED MOHTARMA
BENAZIR BHUTTO
بينظير ڀٽو
شهيد راڻي کي سرخ سلام
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
RB WASSAN

روزاني عبرت حيدرآباد

پاران شهيد راڻي بينظير ڀٽو جي 27 ڊسمبر يوم شهادت ڏهاڙي حوالي سان هڪ خاص سپليمينٽ شايع ڪيو پيو وڃي. جنهن ۾ شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو پاران ملڪ ۽ عوام جي خوشحالي خاطر ڪيل جدوجهد تي خاص لکڻيون شامل هونديون. نمائندن کي هدايت ڪجي ٿي ته عوام پاران شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو کي خراج تحسين پيش ڪرڻ جي حوالي سان وڌ کان وڌ اشتهار وٺي 25 ڊسمبر 2025 تائين اداري ڏانهن ڏياري موڪلين.

مئنيجر ايڊورٽائيزمينٽ

03003020943/03393020943

سنڌ حڪومت عورتن کي اسڪوٽي هلائڻ جي تربيت ڏيڻ جو آغاز ڪري ڇڏيو

پنڪ اسڪوٽي لاءِ درخواست ڏيندڙ ورڪنگ وومين جي خصوصي حوصلا افزائي ڪئي ويندي: شرجيل ميمڻ

ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ اسڪوٽي هلائڻ جي تربيت شروع ٿي چڪي آهي، ٻين شهرن ۾ جلد آغاز ٿيندو

اسڪوٽي پروگرام مان شاگرديائيون ۽ ملازمت پيشه عورتون فائدو حاصل ڪري سگهن ٿيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) حڪومت سنڌ عورتن لاءِ هڪ ٻيو اهم قدم کڻندي شاگرديائين ۽ ملازمت پيشه عورتن کي اسڪوٽي هلائڻ جي تربيت ڏيڻ جو آغاز ڪري چيو آهي. سنڌ جي سينيئر وزير ۽

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ڪراچي:صوبائي وزير شرجيل ميمڻ ميڊيا سان ڳالهائيندي

ماڻهن جي جان ۽ مال جو تحفظ فراهم ڪرڻ حڪومت جي پهرين ترجيح آهي: گورنر

اسٽريٽ ڪرائم جي خاتمي لاءِ حڪومت پاران کنيل قدمن اهم ڪردار ادا ڪن ٿا

امن امان جي قيام لاءِ سڀني ادارن جي وچ ۾ موثر ۽ مربوط هم آهنگي ضروري آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري سان آءِ جي سنڌ پوليس غلام نبي ميمڻ گورنر هائوس ۾ ملاقات ڪئي ان موقعي تي آءِ جي سنڌ صوبي ۾ امن امان جي صورتحال ۽ سيڪيورٽي قدمن تي تفصيلي

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ملڪ ۾ سون جي قيمت 900 روپيا لاٿ

اسلام آباد (اي پي پي) سڄي ملڪ ۾ سون جي

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

اثاثا ۽ رهڻن جا گوشوارا جمع ڪرائڻ جي حتمي تاريخ 31 ڊسمبر مقرر

ميمبر مقرر تاريخ کان اڳ يا 31 ڊسمبر 2025ع تائين اليڪشن ڪميشن وٽ تفصيل جمع ڪرائين

غلط معلومات فراهم ڪرڻ تي ڪميشن بدعنواني جي ڏوهه ۾ ڪارروائي ڪندي: اليڪشن ڪميشن

اسلام آباد (اي پي پي) اليڪشن ڪميشن چيو آهي ته پارليامينٽ جي ٻنهي ايوانن ۽ صوبائي اسيمبلين جي ميمبرن جي اثاثن ۽

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سي ايم هائوس ۾ ڪراچي جي صنعتي تنظيمن جي نمائندن سان اجلاس جي صدارت ڪندي

ڪراچي سائيٽ ۾ روڊن ۽ انفراسٽرڪچر جي هنگامي مرمت لاءِ 9 ارب 28 ڪروڙ رپيا منظوري

صنعتي علائقن ۾ فوري ترقياتي ڪم شروع ڪيا وڃن ۽ ڇهن مهينن اندر مڪمل ڪيا وڃن: وڏو وزير

صنعتي بنياد کي مضبوطي بهتر پيداوار، برآمدات ۽ روزگار جا موقعا وڌائڻ لاءِ انتهائي ضروري آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ڪراچي جي وڏين صنعتي ايسوسيئيشن جي نمائندن سان گڏ هڪ اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪندي ڪراچي جي صنعتي علائقن ۾

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ سي پي اين اي پيريڊيڪل ڪميٽي جو اجلاس

سرڪاري اشتهارن ۾ نظراندازي ۽ پوسٽل سروسز جا وڌايل شرح جرنلز لاءِ سنگين مسئلو قرار

سرڪاري ادارن اشتهارن ۾ جرنلز کي مڪمل طور تي نظرانداز ڪيو آهي: محمود عالم خالد

ڪراچي (پي آر) ڪائونسل آف پاڪستان نيوز پيپر ايڊيٽرز (سي پي اين اي) جي پيريڊيڪلز (جري والا) تاريخ(بيورو رپورٽ)

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ايڪسپو سينٽر ۾ ورلڊ بڪ فيئر جي ٻئي ڏينهن ڪتابن جي شوقينن جي وڏي انگ ۾ شرڪت

ڪتابي ميلا نه رڳو علم ۽ ادب جي واڌاري پر سماج ۾ مثبت فڪري تبديليءَ جي به بنياد رکي ٿو: ڪامران نوراني

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) ڪتاب جا ميلو نه رڳو علم ۽ ادب جي واڌاري جو ذريعو آهي پر اهو سماج ۾ مثبت فڪري تبديليءَ جي به بنياد رکي ٿو ملڪي توڙي پرڏيهي پبلشرن جي شرڪت هن ايونٽ کي بين الاقوامي حيثيت ڏني آهي اهڙو اظهار پاڪستان پبلشرز اينڊ بڪ سيلرز ايسوسيئيشن جي چيئرمين ڪامران نوراني ۽ بڪ فيئر جي ڪنوينر وقار متين نمائش جي ٻئي ڏينهن صحافين سان ڳالهائيندي ڪيو هنن چيو ته ڪراچي ۾ منعقد ورلڊ

بقايا 1

ڪندو پيو اچي جنهن جو مقصد دنيا جو ڌيان انهن قومن ڏانهن ڇڪرائڻ آهي جيڪي هاڻي به پنهنجي فتح نه ٿيڻ جوڳي خودمختياري واري حق لاءِ جدوجهد ڪري رهيون آهن جن ۾ ڀارت جي غير قانوني قبضي هيٺ جمون ڪشمير ۽ فلسطين جي عوام به شامل آهن.

بقايا 2 خوراڪ واري وزارت

آهي رپورٽ مطابق خوراڪ جي تحفظ واري وزارت جو چوڻ آهي ته شگر سيڪٽر کي ڊي ريگوليٽ ڪرڻ لاءِ پاليسي جو مسودو تيار ڪيو ويو آهي.

بقايا 3 زرداري

زرداري عراق جي صدر ڊاڪٽر عبداللطيف جمال رشيد جي دعوت تي 20 کان 24 ڊسمبر تائين عراق جو سرڪاري دورو ڪندو. اهو دورو پاڪستان ۽ عراق جي وچ ۾ پراڻي ۽ پائيدار لاڳاپن جو مظهر آهي جيڪي گڏيل مذهبي، ثقافتي قدرن ۽ گڏيل احترام تي قائم آهن ڪالهه جمعي ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري بيان موجب دوري دوران صدر عراقي قيادت سان اعليٰ سطحي ملاقاتون ڪندو جن ۾ ٻطرفي لاڳاپن جو سمورن رخن جو جائزو ورتو ويندو ۽ گڏيل دلچسپي جي اهم شعبن بشمول واپار ۽ سيڙپڪاري، توانائي، نئين سر تعمير، افرادي قوت، ٽيڪنالاجي تعليم ۽ عوامي رابطن ۾ تعاون کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي طريقن تي غور ڪيو ويندو ان کانسواءِ علائقائي ۽ عالمي صورتحال، گهڻ رخي فورمز تي تعاون تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ٿيندي. ان دوري ۾ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ خاص طور تي مذهبي سياحت ۽ اقتصادي تعاون جي ڏس ۾ روايتي طور گرمجوش ۽ دوستاڻي لاڳاپن کي وڌيڪ مستحڪم ڪرڻ حصيداري جا نوان موقعا ڳولڻ ۽ عوامي رابطن کي فروغ ڏيڻ ۾ مددگار ثابت ٿيڻ جي اميد آهي اهو سرڪاري دورو عراق سان پاڪستان جي مسلسل مصروفيت هڪ ڪارائتي ۽ اسٽريٽجڪ حصيداري جي فروغ جي عزم جي عڪاسي ڪري ٿو جيڪو عراق جي استحڪام ۽ ترقي سان گڏوگڏ علائقائي امن ۽ خوشحالي ۾ پڻ مددگار ثابت ٿيندو.

بقايا 4 صدر

ڪاررواين ۽ علائقائي ۽ عالمي امن ۽ استحڪام کي متاثر ڪندڙ ان جي وسيع تر طرزِ عمل تي سنگين ڳڻتي جو اظهار ڪيو ويو آهي ڪالهه جمعي ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري بيان موجب صدر چيو ته هي رپورٽ پاڪستان جي ان پراڻي موقف جي توثيق ڪري ٿي ته عالمي سرحدن جي پار طاقت جو هڪطرفو استعمال گڏيل قومن جي چارٽر جي خلاف ورزي ۽ پاڪستان جي خودمختياري جي سنگين پائمالي آهي هن چيو ته هن سال مئي ۾ پاڪستان ۾ شهري فوٽگين آبادي وارن علائقن ۽ مذهبي جاين کي پهچندڙ نقصان بابت رپورٽ جي نتيجن ۽ ڀارت پاران ڇڪتاڻ ۾ اضافي جا خطرا انتهائي ڳڻتي جوڳا آهن هن سنڌ طاس معاهدي تحت پنهنجي ذميوارين کي هڪطرفي طور تي معطل رکڻ جي ڀارتي اعلان جارحاڻي رويي ۽ بيانن سميت ڀارتي جارحيت جي نتيجي ۾ ٿيندڙ سنگين شهري نقصانن تي رپورٽ جي مشاهدن کي ساراهيو صدر چيو ته اهو معاهدو هڪ لازمي عالمي معاهدو ۽ علائقائي استحڪام جو بنياد آهي هن چيو ته طئي ٿيل تڪرارن جي حل جي طريقيڪار کي نظرانداز ڪرڻ ۽ پاڻي جي وهڪري کي متاثر ڪندڙ قدم پاڪستان جي حقن جي خلاف ورزي ۽ انساني حقن جي حوالي سان سنگين نتيجن جو سبب بڻجي سگهن ٿا. صدر آصف علي زرداري چيو ته رپورٽ ڀارت جي ان طرزِعمل تي وڌندڙ عالمي ڳڻتي جي عڪاس آهي جيڪا هڪ سرڪش رياست جي طور تي قانون ۽ مڪالمي بدران ڌاڪ، ڌمڪي ۽ طاقت ۽ تشدد کي معمول بڻائڻ تي انحصار ڪري رهي آهي.0

بقايا 5 وزيراعظم

سميت مختلف شعبن ۾ گهڻ رخي تعاون وڌائڻ جي لاءِ پاڪستان جي پختي عزم جو ورجاءُ ڪيو آهي ڪالهه جمعي ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف سان جمهوريه تاجڪستان جي ثقافت واري وزير مطلوبه خان سهتوريان امان زاده وزيراعظم هائوس ۾ ملاقات ڪئي ملاقات ۾ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار اطلاعات ۽ نشريات وارو وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ قومي ورثي ۽ ثقافت وارو وفاقي وزير اورنگزيب خان کچي ۽ خاص معاون سيد طارق فاطمي پڻ موجود هئا. وزيراعظم پاڪستان ۽ تاجڪستان جي وچ ۾ گهري تاريخي، ثقافتي ۽ تهذيبي جي ڏس ۾ پاڪستان جي دوري تي تاجڪ وزير ۽ ان جي وفد جو شاندار استقبال ڪيو. هن چيو ته ٻنهي پاڙي ملڪن جو گڏيل ورثو عوام جي وچ ۾ رابطن ۽ ثقافتي تعاون کي وڌيڪ وڌائڻ جي لاءِ مضبوط بنياد فراهم ڪري ٿو ملاقات دوران وزيراعظم ٻطرفي لاڳاپن ۾ مثبت اڳڀرائي تي اطمينان جو اظهار ڪيو ۽ ثقافت جي شعبي ۾ تعاون کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وزيراعظم ٻنهي ملڪن جي شاندار روايتن فنون ۽ ورثي جي فروغ جي لاءِ تاريخي قدمن جي طور تي هن هفتي اسلام آباد ۾ جاري پاڪستان تاجڪستان ثقافتي هفتي جي اهميت کي اجاگر ڪيو هن چيو ته اهڙي طرح جي متاسنا گڏيل افهام تفهيم کي فروغ ڏيندي ۽ پاڪستان ۽ تاجڪستان جي عوام جي وچ ۾ دوستي وڌيڪ مضبوط ٿيندي وزيراعظم ٻنهي ملڪن جي گڏيل فائدي جي لاءِ تاجڪستان سان واپار، رابطي، توانائي ۽ ثقافت سميت گهڻ رخي تعاون وڌائڻ جي لاءِ پاڪستان جي پختي عزم جو ورجاءُ ڪيو هن صدر امام علي رحمان جي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار پڻ ڪيو ۽ اميد ظاهر ڪئي ته هو ايندڙ سال پاڪستان جو سرڪاري دورو ڪندو تاجڪ ثقافت واري وزير وزيراعظم کي صدر امام علي رحمان پاران نيڪ خواهشن جو پيغام پهچايو تاجڪ وزير پاڪستان جي مهمان نوازي ۽ ثقافتي سفارتڪاري جي عزم کي ساراهيو هن گڏيل ثقافتي پروگرامن بشمول فنڪارن جا دورا ڏٺ ۽ نمائشون وڌائڻ ۾ تاجڪستان جي گهري دلچسپي جو اظهار ڪيو واضح رهي ته تاجڪ صدر امام علي رحمان ۽ وزيراعظم محمد شهباز شريف جي وچ ۾ ملاقات ۾ طئي ٿيو هو ته پاڪستان ۾ تاجڪستان جو ثقافتي هفتو ملهايو ويندو انهي ڏس ۾ تاجڪستان جي ثقافت واري وزير پاڪستان جو دورو ڪري رهي آهي.

بقايا 6 وزيراعظم

ٽيڪس چوري جي خلاف قدمن کي وڌيڪ تيز ڪرڻ ۽ ٽيڪس چورن ۽ اسمگلرن سان ڪنهن به قسم جي نرمي نه ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت ۾ ايف بي آر جي ڪارڪردگي جي حوالي سان هفتيوار جائزه اجلاس ڪالهه جمعي ڏينهن ٿيو جنهن ۾ وزيراعظم کي ايف بي آر جي اسمگلنگ جي خاتمي لاءِ قدمن تي اڳڀرائي ۽ ٻين معاملن تي بريفنگ ڏني وئي اجلاس ۾ وفاقي وزيرن محمد اورنگزيب، احد خان چيما، ناڻي واري مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني، ايف بي آر چيئرمين ۽ لاڳاپيل ادارن جي اعليٰ آفيسرن شرڪت ڪئي وزيراعظم اسمگلنگ جي خاتمي جي لاءِ ڪامياب ڪاررواين تي ايف بي آر کي ساراهيندي چيو ته هر سال قوم جي اربين رپين جو قيمتي سرمايو اسمگلنگ جي ور چڙهي وڃي ٿو پاڪستان ڪسٽمز جي ڪامياب ڪاررواين سان اسمگلنگ ۾ خاطرخواهه گهٽتائي اچڻ ساراهه جوڳو آهي.

بقايا 7 9مئي ڪيس

محمود قريشي کي بري ڪرڻ جو حڪم ڏنو ان کانسواءِ عدالت ڊاڪٽر ياسمين راشد، ميان محمود الرشيد، اعجاز چوڌري ۽ عمر سرفراز چيما کي 10، 10 ورهين قيد جي سزا ٻڌائي ڪيس ۾ ٽرائل دوران ڊاڪٽر ياسمين راشد سميت 21 جوابدارن جا حتمي بيان قلمبند ڪيا ويا، جڏهن ته پراسيڪيوشن طرفان 56 شاهد عدالت ۾ پيش ڪيا ويا. ٽرائل دوران ڇهن جوابدارن کي اشتهاري قرار ڏنو ويو هو عدالت شاهه محمود قريشي سميت مجموعي طور 13 جوابدارن کي بري ڪري ڇڏيو جڏهن ته ڊاڪٽر ياسمين راشد سميت 8 جوابدارن کي 10، 10 ورهين قيد جون سزائون ٻڌايون ويون

بقايا 8 وڏي وزير

ڏوهن خلاف هڪ ڀيرو ٻيهر جامع ڪريڪ ڊائون شروع ڪري ڇڏيو آهي ۽ کيس پورو يقين آهي ته ماضي جيان هن ناسور جو مڪمل خاتمو ڪيو ويندو سنڌ اسيمبلي ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي وڏي وزير ٻڌايو ته هڪ ڏينهن اڳ هن شهر ۾ امن امان جي صورتحال خاص طور تي ڀتي خوري جي واقعن بابت تفصيلي اجلاس جي صدارت ڪئي هن چيو ته ڪاروباري برادري جي نمائندن جن ۾ ايسوسيئيشن آف بلڊرز اينڊ ڊيولپرز (ABAD)جا ميمبر به شامل هئا، قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي هاڪوڪن قدمن تي اطمينان جو اظهار ڪيو آهي وڏي وزير چيو ڪاروباري برادري پاران اها ڳڻتي ظاهر ڪئي وئي ته جڏهن هڪ ڏوهاري ختم ٿئي ٿو ته ٻيو سامهون اچي وڃي ٿو پر هن چيلينج کي مسلسل ۽ انٽيليجنس بنيادن تي ڪاررواين ذريعي منهن ڏنو پيو وڃي سيد مراد علي شاهه زور ڏنو ته ڪارروائي رڳو ملڪ اندر سرگرم ڏوهارين تائين محدود نه هجڻ گهرجي پر ٻاهرين ملڪن ۾ ويٺل سهولتڪارن ۽ هينڊلرن خلاف به سخت قدم کنيا وڃن هن ٻڌايو ته ان حوالي سان سنڌ حڪومت وفاقي حڪومت کي باضابطه خط لکيو آهي.

بقايا 9 صدر

ڏينهن ايوان صدر جي ميڊيا ونگ موجب اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي فيصلي جي روشني ۾ جسٽس طارق محمود جهانگيري جي مقرري کي غير قانوني قرار ڏيڻ کان پوءِ صدر کيس ان عهدي تان هٽائڻ جي منظوري ڏني اسلام آباد هاءِ ڪورٽ پنهنجي فيصلي ۾ جسٽس طارق محمود جهانگيري کي مقرري جي وقت صحيح ايل ايل بي ڊگري جو اهل نه هجڻ تي عهدو خالي ڪرڻ جي هدايت ڪئي هئي

بقايا 10 وفاقي وزير حنيف عباسي

معاشي ۽ جاگرافيائي شهه رڳ آهي جيڪا ملڪ جي 80 سيڪڙو مسافر ٽريفڪ ۽ 90 سيڪڙو فريٽ (مال برداري) جي اڄ وچ جو بار سنڀالي رهي آهي وفاقي وزير ان ڳالهه تي زور ڀريو ته انفراسٽرڪچر جي موجوده حالت ۽ وڌندڙ گهرج کي نظر ۾ رکندي ان ٽريڪ جي فوري اپ گريڊيشن جي اهم ضرورت آهي ريلوي واري وفاقي وزير محمد حنيف عباسي چيو ته ايم ايل ون رڳو هڪ ريلوي ٽريڪ ناهي پر قومي معيشت جي بحالي لاءِ هڪ اهم منصوبو آهي هن ان ميگا پراجيڪٽ کي حڪومت جي اولين ترجيحن ۾ شامل قرار ڏنو ايشيائي ترقياتي بئنڪ جي ڊائريڪٽر جنرل منصوبي جي تياري ۽ هيل تائين جي اڳڀرائي تي مڪمل اعتماد جو اظهار ڪندي فني ۽ مالياتي سهڪار جاري رکڻ جي عزم جو اظهار ڪيو ملاقات دوران اها اڳڀرائي سامهون آئي ته ٻنهي ڌرين اتفاق ڪيو ته ايل ايم ون ڪراچي کان روهڙي سيڪشن جي اپ گريڊيشن جي باقاعده شروعات جولاءِ 2026ع ۾ ڪئي ويندي ان ملاقات سان پاڪستان ريلوي کي جديد رخن تي آڻڻ ۽ ملڪي معيشت ۾ استحڪام جون نيون راهون کلڻ جي اميد ظاهر ڪئي پئي وڃي..

بقايا 11 آمريڪي صدر

ڏني جيڪو آمريڪي تاريخ جو سڀني کان وڏو فوجي خرچن جو پيڪيج آهي مالي سال 2026ع جو نيشنل ڊيفنس آٿرائيزيشن ايڪٽ 901 بلين ڊالر جي فوجي خرچن جي اجازت ڏئي ٿو جيڪو انتظاميا جي درخواست سان اٽڪل 8 بلين ڊالر وڌيڪ آهي ايڪٽ ۾ فوجين جي پگهارن ۾ اٽڪل 4 سيڪڙو اضافو به تجويز ڪيو ويو آهي، ان ۾ يوڪرين ۽ بالٽڪ رياستن لاءِ نئين فنڊنگ فراهم ڪئي وئي آهي.

بقايا 12 راڻا مشهود

فريڊريڪو پينهيرو دا سلوا سان سفارتخاني ۾ ملاقات ڪئي جنهن دوران پروڊڪٽيو روزگار ۽ پرڏيهه ۾ روزگار جي شعبن ۾ ٻطرفي تعاون کي مضبوط بڻائڻ خاص طور نوجوانن جي بااختياري ۽ ليبر موبلٽي جي حوالي سان خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ڌرين نوجوانن لاءِ پائيدار روزگار جا موقعا ۽ محفوظ، قانوني ۽ گڏيل مفاد تي ٻڌل ليبر موبلٽي جو فريم ورڪ تيار ڪرڻ جي باري ۾ به امڪانن جو جائزو ورتو چيئرمين راڻا مشهود احمد خان پاڪستان جي پرتگال سان لاڳاپن جي اهميت کي اجاگر ڪيو ڌرين عالمي امن، خوشحالي ۽ استحڪام کي هٿي وٺرائڻ لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ جي عزم کي ورجايو ملاقات ۾ يادگيري ڏياري وئي ته پاڪستان ۽ پرتگال 7 نومبر 1949ع تي سفارتي لاڳاپا قائم ڪيا ۽ گذريل 75 سالن ۾ ٻنهي ملڪن جا لاڳاپا دوستاڻا ۽ خوشگوار رهيا. ٻنهي اڳواڻن ٻطرفن رابطن ۾ مسلسل اڳڀرائي تي اطمينان جو اظهار ڪندي مختلف شعبن ۾ تعاون کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ تي اتفاق ڪيو ڌرين نوجوانن لاءِ محفوظ، قانوني ۽ گڏيل مفادن تي ٻڌل پرڏيهه ۾ روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ تي ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ پرڏيهه ۾ پاڪستاني ڪارڪنن جي حقن ۽ فلاح ۽ بهبود جي تحفظ تي زور ڀريو. پرتگال ۾ پاڪستاني ڪميونٽي کي به ماڻهن وچ ۾ لاڳاپا مضبوط ڪرڻ لاءِ هڪ قيمتي پل قرار ڏنو ويو پرتگالي سرڪاري انگن اکرن موجب اٽڪل 54 هزار 318 پاڪستاني شهري يا پاڪستاني ڄاوا هن وقت اتي رهندڙ آهن ڌرين ٻطرفن لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ ۽ مستقبل ۾ تعميري رابطا جاري رکڻ تي به اتفاق ڪيو.

بقايا 13 ملاقاتون

وڪيلن ۽ طبي ماهرن جي وفدن پارليامينٽ ۾ ڌار ڌار ملاقاتون ڪيون جنهن دوران ملڪي معيشت، موجوده سياسي صورتحال، سماجي هم آهنگي، قومي يڪجهتي کي هٿي ڏيڻ کان سواءِ عوام کي درپيش مسئلن ۽ انهن جي پائيدار حل لاءِ حڪومتي قدمن بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي سينيٽ سيڪريٽريٽ موجب وقتي سينيٽ چيئرمين، سينيٽر طاهر سنڌو، سينيٽر بشريٰ انجم بٽ ۽ سينيٽر فوزيه ارشد سان ملاقات دوران سينيٽ ۾ قانون سازي جي عمل کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ، پارلياماني روايتن جي استحڪام، صوبن وچ ۾ اعتماد سازي، اقتصادي سڌارن، سيڙپڪاري کي هٿي ڏيڻ ۽ عام شهرين کي رليف فراهم ڪرڻ جي معاملن تي ڳالهيون ڪيون ان موقعي تي سينيٽ جي وقتي چيئرمين چيو ته سينيٽ نه رڳو آئيني توازن جو محافظ آهي پر وفاقي وحدت ۽ جمهوري قدرن جي استحڪام ۾ هڪ مضبوط ۽ باوقار ڪردار ادا ڪري رهيو آهي، جتي سمورن صوبن کي هڪجهڙي اهميت ڏني وڃي ٿي.

بقايا 14 سعديه جاويد

هي ته جماعت اسلامي مڪمل طور تي ناڪام ٿي چڪي آهي ۽ سياسي بوکلاهٽ جو شڪار آهي سعديه جاويد چيو ته جماعت اسلامي جي حڪمت عملي پاڻ ئي سندن منافقت کي واڪو ڪري ڇڏيو آهي هڪ پاسي عدالتن جو رخ ڪيو وڃي ٿو ته ٻئي پاسي فيصلي کان اڳ روڊن تي ڌرڻا ڏنا وڃن ٿا، جيڪو غير ذميوارانه رويو آهي سنڌ حڪومت جي ترجمان سوال ڪيو ته جيڪڏهن جماعت اسلامي کي اي-چالان ۽ ڏنڊن تي اعتراض آهي ته پوءِ لاهور ۽ اسلام آباد ۾ ڌرڻا ڇو ناهن ڏنا ويندا؟ هن چيو ته جماعت اسلامي پنهنجي ٽائونز ۾ نااهلي، بدانتظامي ۽ ناڪام سياسي حڪمت عملي لڪائڻ لاءِ روڊن تي نڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي جماعت اسلامي ڪراچي جي شهرين کي بنيادي سهولتون مهيا ڪرڻ ۾ ناڪام رهي آهي، پر هاڻي ڌرڻن ذريعي شهرين کي وڌيڪ پريشان نه ڪيو وڃي سعديه جاويد چيو ته اي-چالان نظام لاڳو ٿيڻ ڪانپوءِ ٽريفڪ حادثن ۾ نمايان گهٽتائي آئي آهي ۽ ٽريفڪ جو نظام بهتر ٿيو آهي.

بقايا 15 سنڌ اسيمبلي

صوبائي پارلياماني ٽاسڪ فورس آن سسٽينيبل ڊوليپمينٽ گولز (SDGs) جي ميمبرن لاءِ سنڌ اسيمبلي ۾ ”واش گورننس ۾ صنفي برابري، معذوري ۽ سماجي شموليت (GEDSI) کي يقيني بڻائڻ لاءِ قانون سازن کي بااختيار بڻائڻ“ جي عنوان سان اعليٰ سطحي بريفنگ جو اهتمام ڪيو ويو بريفنگ جي صدارت سنڌ اسيمبلي جي ميمبر پير مجيب الحق ڪئي.

بقايا 16 نائب وزيراعظم

طور تي معطل ڪرڻ ۽ پاڻي کي بطور هٿيار استعمال ڪرڻ پاڪستان ۾ انساني بحران کي جنم ڏئي سگهن ٿا اهڙن خيالن جو اظهار هن ڪالهه جمعي ڏينهن غيرملڪي سفيرن کي ڀارتي پاڻي جارحيت بابت بريفنگ ڏيندي ڪيو نائب وزيراعظم سفارتي ڪور جي ميمبرن کي خطاب ۾ هلندڙ سال ٻن موقعن تي چناب درياءَ ۾ پاڻي جي غيرمعمولي ۽ اوچتو چاڙهه ۽ هڪطرفي اخراج تي شديد ڳڻتي جو اظهار ڪيو جيڪو 30 اپريل کان 21 مئي ۽ 7 کان 15 ڊسمبر دوران ڪيو ويو هن چيو ته ڀارت پاران پاڻي ۾ چاڙهه سڌوسنئون اسان جي شهرين جي جانين، روزگار، خوراڪ ۽ معاشي سلامتي جي لاءِ خطرو آهي ڀارت جو اهو غيرقانوني ۽ غيرذميوارانو طرزِعمل پاڪستان ۾ انساني بحران کي جنم ڏئي سگهي ٿو محمد اسحاق ڊار سفارتي ڪور کي ان ڳالهه کان به آگاهه ڪيو ته ڀارت معاهدي تحت ضروري اڳواٽ اطلاع، هائيڊرو لوجيڪل ڊيٽا ۽ گڏيل نگراني جي فراهمي پڻ روڪي ڇڏي آهي

بقايا 17

سامهون اٿاري ڇڏيو ۽ چناب ۾ پاڻي جي غير معمولي گهٽتائي تي وضاحت طلب ڪئي وئي پاڪستان جو موقف آهي ته سنڌ طاس معاهدي تحت ڊيڊ اسٽوريج خالي ڪرڻ ممنوع آهي وزارت موجب 17 ڊسمبر کان چناب جي وهڪري ۾ نمايان بهتري شروع ٿي آبپاشي کاتي طرفان چناب جي مسلسل نگراني جاري آهي چناب ۾ غيرمعمولي گهٽتائي کان پوءِ وهڪري ۾ استحڪام آيو آهي آبي وسيلن واري وزارت جو چوڻ آهي ته مرالا وٽ چناب ۾ وهڪرو بيهر معمول تي اچي رهيو آهي پر 10 کان 16 ڊسمبر تائين چناب ۾ گذريل 10 سالن جي تاريخي سطح کان ڪيترائي ڀيرا گهٽ وهڪرو رڪارڊ ٿيو جنهن دوران گهٽ ۾ گهٽ وهڪرو 870 ڪيوسڪ تائين پهتو

بقايا 18 سنڌ اسيمبلي

بي ايريا بلاڪ 15 کي ڊگري ايوارڊنگ انسٽيٽيوٽ جو درجو ڏيڻ لاءِ بل ايوان ۾ متعارف ڪرايو ايوان متفق طور تي هن تعليمي اداري کي سنڌ انسٽيٽيوٽ آف ٽيچرز ايجوڪيشن جو درجو ڏيڻ بابت بل وڌيڪ غور لاءِ لاڳاپيل قائم ڪميٽي ڏانهن موڪليو ساڳئي اجلاس دوران وزير قانون سنڌ سيف سٽيز اٿارٽي ترميمي بل پڻ ايوان ۾ پيش ڪيو جنهن کي سنڌ اسيمبلي وڏي اڪثريت سان منظور ڪيو

بقايا 19 شرجيل

اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته ڪراچي جي ڪورنگي، گلشن اقبال ۽ ملير علائقن ۾ ٽريننگ شروع ٿي چڪي آهي جڏهن ته ڪراچي جي سڀني ضلعن ۾ پنڪ اسڪوٽي لاءِ درخواست ڏيندڙ ورڪنگ وومين جي خصوصي حوصلا افزائي ڪئي ويندي.0

بقايا 20 گورنر

بريفنگ ڏني گورنر سنڌ چيو ته ماڻهن جي جان ۽ مال جو تحفظ فراهم ڪرڻ حڪومت جي پهرين ترجيح آهي اسٽريٽ ڪرائم جي خاتمي لاءِ حڪومت پاران ڪيل قدمن تي روشني وجهندي هن چيو ته سي سي ٽي وي ڪيمرا ڏوهن کي روڪڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون گورنر ڪامران خان ٽيسوري وڌيڪ چيو ته امن امان جي قيام لاءِ سڀني ادارن جي وچ ۾ موثر ۽ مربوط هم آهنگي ضروري آهي گورنر سنڌ آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ جي ڪارڪردگي جي تعريف ڪئي ۽ چيو ته پوليس جون ڪوششون ساراهه جوڳيون آهن

بقايا 21 سون

قيمت ۾ 900 روپين جي لاٿ ڪانپوءِ في تولو سون 4 لک 54 هزار 862 روپين جو ٿي ويو آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب گذريل ڏينهن 24 قيراط سون جي 10 گرام جي قيمت 772 روپين جي گهٽتائي ڪانپوءِ 3 لک 89 هزار 970 روپيا ٿي وئي جڏهن ته 10 گرام 22 قيراط سون جي قيمت 3 لک 57 هزار 919 روپين کان گهٽجي 3 لک 57 هزار 485 روپيا ٿي وئي آل سنڌ صراف جيولرز ايسوسيئيشن رپورٽ ڪيو ته في تولو چاندي جي قيمت 52 روپين جي گهٽتائي ڪانپوءِ 6 هزار 848 روپيا ۽ 10 گرام چاندي جي قيمت 44 روپين جي گهٽتائي ڪانپوءِ 5 هزار 871 روپيا ٿي وئي ايسوسيئيشن رپورٽ ڪيو ته عالمي مارڪيٽ ۾ سون جي قيمت 4334 ڊالرن کان گهٽجي 4325 ڊالر ٿي وئي

بقايا 22 بمحمود عالم خالد

ڪميٽي جو اجلاس ڊپٽي چيئرمين محمود عالم خالد جي صدارت هيٺ منعقد ٿيو جنهن ۾ سيد مصور علي زنجاني، احمد شفيق ۽ محمد اويس رازي وڊيو لنڪ ذريعي شرڪت ڪئي شرڪت ڪندڙن چيو ته جرنل پرنٽ ميڊيا جو هڪ اهم ستون آهن جيڪو اڄ انتهائي نازڪ مالي صورتحال کي منهن ڏئي رهيو آهي جرنلز کي درپيش مسئلن جو ذڪر ڪندي انهن چيو ته سرڪاري ادارن اشتهارن ۾ جرنلز کي مڪمل طور تي نظرانداز ڪيو آهي جڏهن ته پاڪستان پوسٽ پوسٽل سروسز جي شرحن ۾ به بيحد اضافو ڪيو آهي نتيجي ۾ جرنلز مالي مشڪلاتن ۾ ڦٿجي ويا آهن ۽ سخت بحران کي منهن ڏئي رهيا آهن اجلاس جي شرڪت ڪندڙن اتفاق ڪيو ته اشتهارن جي حوالي سان مرڪزي ۽ صوبائي سطح تي ڳالهيون ڪيون وڃن ۽ مطالبو ڪيو ته سرڪاري سطح تي هلندڙ مختلف اشتهاري مهمن ۾ جرنلز لاءِ ڪوٽا مختص ڪئي وڃي اجلاس ۾ اهو به فيصلو ڪيو ويو ته سي پي اين اي پيريڊيڪل ڪميٽي جو هڪ وفد جرنلز ۾ اشتهارن جي حوالي سان ميئر ڪراچي، ڊي جي پي آءِ ڊي ڪراچي ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين سان ملاقات ڪندو.

بقايا 23 ڪامران ٽيسوري

بڪ فيئر ۾ شهرين جي وڏي انگ ۾ شرڪت سٺو سنئوڻ آهي جنهن مان نوجوان شاگرد ۽ اهلِ علم ڪتابن ۾ وڏي دلچسپي ظاهر ڪري رهيا آهن ورلڊ بڪ فيئر جو مقصد مطالعو وڌائڻ، علمي شعور کي مضبوط ڪرڻ ۽ نئين نسل کي ڪتاب سان ٻيهر جوڙڻ آهي.

بقايا 24 وڏو وزير

روڊن ۽ لاڳاپيل انفراسٽرڪچر جي هنگامي مرمت ۽ بحالي لاءِ 9 ارب 28 ڪروڙ 20 لک رپين جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي وڏي وزير هدايت ڏني ته سومر کان ترقياتي ڪم شروع ڪيا وڃن ۽ ڇهن مهينن اندر مڪمل ڪيا وڃن ته جيئن ان کان پوءِ صنعتي علائقن لاءِ اهڙو ٻيو ترقياتي پيڪيج پڻ ڏنو وڃي سگهي اجلاس ۾ ڪاٽي سائيٽ، بي ڪيو اي ٽي آءِ ۽ لاٽي/ لائيٽ سميت صنعتي تنظيمون شريڪ ٿيون جتي ڪراچي جي سمورن صنعتي زونن ۾ بنيادي انفراسٽرڪچر جي ترقي ۽ بحالي بابت اڳڀرائي جو جائزو ورتو ويو ۽ مستقبل لاءِ روڊ ميپ کي حتمي شڪل ڏني وئي اجلاس اڳاري ڏينهن وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿيو جنهن ۾ صوبائي وزير صنعت جام اڪرام ڌاريجو چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب، وڏي وزير جو پرنسپل سيڪريٽري آغا واصف، ڪمشنر ڪراچي حسن نقوي، ايڊيشنل سيڪريٽري انڊسٽريز طارق قريشي ۽ زبير موتيوالا سميت مختلف صنعتي ايسوسيئيشنن جا

بقايا 25 اليڪشن ڪميشن

رهڻ جا گوشوارا مالي سال 25-2024ع جي جمع ڪرائڻ جي حتمي تاريخ 31 ڊسمبر 2025ع آهي گذريل ڏينهن اليڪشن ڪميشن طرفان جاري پريس رليز موجب اليڪشن ايڪٽ 2017ع جي شق 137 تحت سينيٽ ۽ قومي اسيمبلي جي سمورن ميمبرن ۽ صوبائي اسيمبلين جي ميمبرن لاءِ لازمي آهي ته هو پاڻ سميت پنهنجي شريڪ حيات ۽ ڪفالت هيٺ ٻارن جي اثاثن ۽ رهڻ جا گوشوارا مالي سال 25-2024ع تجويز ڪيل فارم — بي جي صورت ۾ مقرر تاريخ کان اڳ يا 31 ڊسمبر 2025ع تائين اليڪشن ڪميشن وٽ جمع ڪرائين.

بقايا 26 آصفه ڀٽو

جي ٻهرين بختاور گرلز ڪيڊٽ ڪاليج جي پريڊ گرائونڊ ۾ والدين جو ڏينهن ۽ پاسنگ آئوٽ تقريب منعقد ڪئي وئي ٻهرين خاتون آصفه ڀٽو زرداري خاص طور تي تقريب ۾ شرڪت ڪئي شاگرديائين جي هڪ رنگارنگ دستي خاص مهمان کي سلامي پيش ڪئي ۽ مارچ پاسٽ ڪيو ويو. تقريب کي خطاب ڪندي آصفه ڀٽو زرداري چيو ته مون کي هتي اچي تمام گهڻي خوشي ٿي آهي هي زمين توهان جي سڃاڻپ آهي پاڪستان جي سلامتي اسان جي سلامتي آهي پاڪستان جو مستقبل توهان جهڙن نوجوانن سان مضبوط آهي بختاور ڪيڊٽس کي خطاب ڪندي آصفه ڀٽو زرداري چيو ته عورتن کي چئلينجن کي منهن ڏيڻو پوندو آهي مون کي يقين آهي ته پاڪستان تڏهن ئي ترقي ڪري سگهي ٿو جڏهن ڇوڪريون سکي ۽ قومي زندگي ۾ مڪمل طور تي حصو وٺن قوم جي ماءُ محترمه فاطمه جناح پڻ جدوجهد ڪئي، شهيد محترمه بينظير ڀٽو مسلم امت جي پهرين عورت وزيراعظم بڻجي محترمه شهيد بينظير ڀٽو جو خواب هو ته عورتون تعليم يافته هجن ۽ هڪ مضبوط سماج قائم ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن آصفه ڀٽو زرداري چيو ته مان بختاورين ڪيڊٽ لاءِ دل جي گهراين سان دعا ڪريان ٿي توهان پاڪستان جو مستقبل آهيو پاڪستان جو محفوظ مستقبل توهان جي هٿن ۾ آهي توهان کي پنهنجن عظيم والدين جي خدمت ڪرڻ گهرجي جن توهان کي سٺي پرورش ڏني ڪاليج جي پرنسپل فريده شيخ تقريب کي خطاب ڪيو ۽ هڪ پرفارمنس پيش ڪئي.

بقايا 27 بااختيارين

جي بحالي کي توانائي جي شعبي ۾ هڪ انقلابي قدم قرار ڏنو پيو وڃي، ان منصوبي جي بحالي ۾ خاص سيڙپڪاري سهولت ڪائونسل (ايس آءِ ايف سي) اهم ڪردار ادا ڪيو جنهن جي اثرائتي سهولتڪاري سان ڊگهي عرصي کان جاري رنڊڪ ختم ٿي ۽ ريگوليٽري ماحول ۾ نمايان بهتري آئي جي جي ڊي ايل پلانٽ جي بحالي سان ساليانو اٽڪل 2 سئو ملين جي بچت متوقع آهي ٽيڪس جي مد ۾ هر سال اٽڪل 3 بلين روپين جي آمدني جو امڪان آهي سوئي سدرن گئس ڪمپني (ايس ايس جي سي) کي ان اڳڀرائي جي نتيجي ۾ 2 بلين ڊالرن تائين آمدني جي متوقع آهي ايس آءِ ايف سي جي سهولتڪاري سان 250 ملين ڊالرن جي ساليانو آمدني جي صلاحيت بحال ٿيندي پلانٽ جي بيهر فعال ٿيڻ سان 5 هزار جي لڳ ڀڳ سڌي ريت ۽ اڻ سڌي ريت روزگار جا موقعا ملندا مقامي پيداوار ۾ اضافي سبب 750000 کان وڌيڪ گهرانن جون توانائي جون ضرورتون پوريون ڪري سگهجن ٿيون

بقايا 28 عدالت

جنهن جي اجازت آئين ڏئي ٿو ٻي صورت ۾ اهڙا حڪم قانوني حيثيت نٿا رکن وفاقي آئيني عدالت طرفان رپورٽنگ لاءِ منظور ٿيل لکت واري تفصيلي فيصلي موجب اهو فيصلو جسٽس عامر فاروق ۽ جسٽس روزي خان بريچ تي ٻڌل بينچ سول پٽيشن نمبر 2202 آف 2025ع ۾ ٻڌايو جيڪا سنڌ هاءِ ڪورٽ جي 5 مئي 2025ع جي حڪم خلاف داخل ڪئي وئي هئي.

بقايا 29 پرڏيهي ترجمان

۾ خميس ڏينهن هفتيوار پريس بريفنگ دوران پرڏيهي آفيس جي ترجمان طاهر اندرابي چيو ته افغانستان ۾ دهشتگرد عنصرن جي موجودگي بابت جوڳا ثبوت موجود آهن دهشتگردن کي افغان سرزمين تي سهائتا ملڻ جا پختا ثبوت آهن پاڪستان کي دهشت گرد عنصرن جي حمايت بابت انساني ۽ ٻين انٽيليجنس ذريعن وٽان ڄاڻ ملندي رهي ٿي دهشتگردن جو انگ، نالا ۽ مالي مدد بابت معتبر رپورٽون موجود آهن چوڻ هو ته پاڪستان ۽ افغانستان وچ ۾ سفارتي چينلز فعال آهن ٻنهي ملڪن جا سفير پنهنجي پنهنجي راڄڌانين ۾ موجود آهن ٻطرفا معاملا سفارتي ذريعن وسيلي بحث هيٺ ايندا رهن ٿا هن چيو ته ايران ۾ ٿيل علائقائي معاملن بابت گڏجاڻي ۾ دهشتگرد عنصرن جي موجودگي تي ڳالهه ٻولهه ٿي

بقايا 30 سردار عبدالرحيم

حقيقتون اُن جي اٻتڙ هڪ انتهائي ڳڻتيءَ جوڳي تصوير پيش ڪري رهيون آهن پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي سيڪريٽري جنرل سردار عبدالرحيم زرعي شعبي جي بدحالي کي قومي معيشت لاءِ خطرناڪ قرار ڏيندي چيو آهي ته هاري هن وقت تاريخ جي بدترين بحران مان گذري رهيو آهي پر حڪومتي سطح تي سنجيده ۽ اثرائتا قدم نظر نٿا اچن. سردار عبدالرحيم چيو ته ڀاڻ ۽ زرعي دوائن جي جعلي فراهمي هاري جي چيلهه ڀڃي ڇڏي آهي جڏهن ته پاڻي جي شديد کوٽ سبب لکين ايڪڙ زمين بنجر ٿيڻ جي قريب پهچي چڪي آهي.

بقايا 31 سعودي عرب

معاهدي تي صحيحون ڪيون آهن پرڏيهي ميڊيا مطابق معاهدي ۾ ٻنهي ملڪن سرڪاري سفر کي آسان بڻائڻ ۽ ٻطرفي مٽا سٽا کي هٿي ڏيڻ لاءِ مختصر قيام واري ويزا جي شرط کان گڏيل ڇوٽ ڏيڻ تي اتفاق ڪيو آهي مملڪت ۾ ڀارتي سفير اعجاز خان ۽ سعودي پرڏيهي وزارت جي پروٽوڪول معاملن بابت نائب وزير عبدالمجيد السماري رياض ۾ وزارت جي هيڊ ڪوارٽر ۾ صحيحون ڪيون. عبدالمجيد السماري سعودي گهرو وزير شهزاده فيصل بن فرحان جي نمائندگي ڪندي صحيحون ڪيون

بقايا 32 ڪمشنر جي ملاقات

جي نقصان تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي دهشتگردي جي ان بزدلاڻي ڪارروائي جي مذمت ۽ آسٽريليا سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو آهي

پاپوليشن ويلفيئر ڊپارٽمينٽ
گورنمينٽ آف سنڌ

اين آءِ سي ايل بلڊنگ 11 فلور عباسي شهيد روڊ پٺيان ايف ٽي سي بلڊنگ گورا قبرستان ڪراچي

تاريخ: 19 ڊسمبر، 2025

ٽينڊر نوٽيس

پاپوليشن ويلفيئر ڊپارٽمينٽ، حڪومت سنڌ، ڪراچي، ڪي هڪ اي ڊي پي اسڪيم سال 26-2025 لاءِ جاري ٿي وصول ٿي آهي جنهن کي ارادو آهي ته ايلوڪيشن ڪيل فنڊ اهل ادائگين تي معاهدي جي پوئواري ڪندي فرنيچر، مشينري، اوزار، سائن بورڊ ۽ گڏيل آئٽمز جي خريداري تي خرچ ڪرڻا آهن.

پاپوليشن ويلفيئر ڊپارٽمينٽ، حڪومت سنڌ، ڪراچي، هيٺ ڄاڻايل اسٽورز آئٽمز جي خريداري واسطي ڊائريڪٽوريٽ آف سيلز ٽيڪس اينڊ انڪم ٽيڪس /ايس آر بي جيئن لاڳو ڪرڻ جوڳو هجي سان رجسٽرڊ ٿيل سڀني ساک رکندڙ پرائمري مينوفيڪچررز ۽ سندن مجاز نمائندن کان سنگل اسٽيج ون اينويلپ طريقيڪار تي هن ذريعي مهربند آن لائين EPADS وسيلي (فقط) واڪ گهرائي ٿو.

نمبر شمار	ٽينڊر جي ڪوڊ	اسٽورز	ڪٿيل لاڳت
.1	No. PWDS/W&D/CIP/2025-26/09	مختلف	25.00(ايم)

ٽينڊر في ۽ تاريخ

ٽينڊر دستاويز في	2000 رپيا
اجراءَ جي تاريخ	22 ڊسمبر، 2025
اجراءَ جي آخري تاريخ ۽ وقت	06 جنوري، 2026 صبح 11:00 وڳي
اماڻڻ جي تاريخ ۽ وقت	22 ڊسمبر، 2025 کان 06 جنوري، 2026 صبح 11:00 وڳي
کولڻ جي تاريخ ۽ وقت	06 جنوري، 2026 صبح 11:30 وڳي

ٽينڊر ڪاغذ ايس پي پي آر اي جي EPADS جي ويب سائيٽ تان ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا ۽ ٽينڊر/ واڪ دستاويز (واڪ سيڪيورٽي/ سوٽي رقم ۽ سپورٽنگ دستاويز) گڏ پيش ڪري ايس پي پي آر اي جي EPADS جي ويب سائيٽ https://portalsindh.eprocure.gov.pk تان ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا. اصل واڪ سيڪيورٽي گڏ اصل واڪن سان شامل ڪري (صحيح لڳل ۽ مهر ٿيل آفيس آف دي ڊپٽي ڊائريڪٽر (W&D)، پاپوليشن ويلفيئر ڊپارٽمينٽ، سنڌ ڪراچي کي وصول ٿيڻ گهرجن جيڪي آفيس آف دي ڊپٽي ڊائريڪٽر (W&D)، پاپوليشن ويلفيئر ڊپارٽمينٽ، سنڌ ڪراچي 11 فلور اين آءِ سي ايل بلڊنگ، عباسي شهيد روڊ پٺيان ايف ٽي سي بلڊنگ، گورا قبرستان ڪراچي جي آفيس ۾ موجود واڪ ڏيندڙن يا سندن نمائندن اڳيان جيڪي موجود رهن کوليا ويندا.

واڪ ڏيندڙن کي جملي واڪ رقم جو 2.5% تي واڪ سيڪيورٽي پي آرڊر جي صورت ۾ بحق سيڪريٽري، پاپوليشن ويلفيئر ڊپارٽمينٽ، گورنمينٽ آف سنڌ، ڪراچي جمع ڪرائڻ لاءِ گهربل آهي. متبادل آڇ جي صورت ۾ عليحده ٽينڊر ڪاغذ خريد ڪرڻ گهرجن ۽ آڇ الڳ ۾ واڪ سيڪيورٽي سان گڏ جمع ڪرائڻ گهرجي. %2.5 واڪ سيڪيورٽي کانسواءِ ڪنهن به واڪ کي رد ڪيو ويندو. کاتو واڪ يا پروپوزل جي قبوليت کان اڳ ڪنهن به وقت تي سڀني واڪن يا پروپوزلس کي رد ڪري سگهي ٿو. ڊپارٽمينٽ ڪنهن به سپلائر يا ڪانٽريڪٽر جنهن واڪ يا پروپوزل اماڻيو آهي، گذارش ڪرڻ تي سڀني واڪن يا پروپوزلس جي منسوخي جي سببن بابت ٻڌائي سگهي ٿو پر هو انهن سببن جي وضاحت ڪرڻ لاءِ ٻڌل نه آهي.

شرط ۽ ضابطا

a) آڇون پاڪستاني ناڻي (پاڪ رپين) ۾ گهرائجن ٿيون.
b) فقط اپلوڊ ڪيل واڪ سپورٽنگ دستاويزن سميت قبول ڪيا ويندا. واڪ ڏيندڙن ۽ EPADS وچ ۾ ڪنهن تڪرار سبب پيش ڪيل واڪن ۾ ۽ هٿو هٿ واڪ جي صورت ۾ فقط EPADS واڪ ئي ڇنڊڇاڻ لاءِ اهل سمجهيا ويندا.
c) سرڪار پاران عام موڪل جو اعلان ڪرڻ جي صورت ۾ ٽينڊر ورندڙ ڪم ڪار واري ڏينهن تي اماڻيا/ کوليا ويندا ۽ وقت ۽ هنڌ ساڳيو رهندو.
d) ٽينڊر ۾ ڄاڻايل اگهه ٽينڊر کولڻ واري تاريخ کان 90 ڏينهن تائين موثر هئڻ گهرجن يا ايس پي پي رولز 2010 (ترميم ٿيل 2019) جي رول 38 جي شرطن ۾ واڪ جي ڪارگر رهڻ واري توسيع تائين.
e) پاپوليشن ويلفيئر ڊپارٽمينٽ ايس پي پي رول مطابق ڪنهن به شيڊيول آئٽمز جي تعداد کي وڌائڻ يا گهٽائڻ جو حق محفوظ رکي ٿو، جيئن ۽ جڏهن به ان جي ضرورت تصور ڪئي ويندي. پروڪيورنگ ايجنسي ايس پي پي رولز 2010 (ترميم ٿيل 2019) جي لاڳاپيل تشريحات جي شرط سان واڪ يا پروپوزل جي قبوليت کان اڳ ڪنهن به وقت تي سمورن يا ڪنهن به واڪ کي رد ڪري سگهي ٿي.

ڊپٽي ڊائريڪٽر (W&D)
پاپوليشن ويلفيئر ڊپارٽمينٽ سنڌ
فون نمبر: 021-99225652

INF-KRY No. 4441/2025

i WORK FOR SINDH JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT
www.iwork4sindh.com

آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر
پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊويزن ٿرپارڪر ايٽ مٺي

ٽيليفون: 0232261951، اي ميل: phedthrmithi@gmail.com

NIT No. TC/600/2025
Dated: 17-12-2025

ٽينڊرن گهرائڻ جو نوٽيس

سنگل اسٽيج ٽو اينويلپ پروسيجر واڪ جي عمل تحت مهر بند ٽينڊر هيٺ سڀني ٺيڪيدارن / فرمن کان طلب ڪيا ويا آهن جيڪي لاڳاپيل فيلڊ ۽ مناسب ڪيٽيگري ۾ پي اِي سي سان رجسٽرڊ آهن. ايس پي پي آر اي رولز-2010 (هيستائين ترميم ٿيل) جي مطابق الڳ مهر بند لفافي ۾.

نمبر شمار	ڪم جو نالو	ڪٿيل لاڳت (ملين ۾)	سوٽي رقم 5% (ملين ۾)	تڪميل لاءِ مدو	ٽينڊر في	PEC ڪيٽيگري
	پراونشل اي ڊي پي					
01	واٽر سپلاءِ اسڪيم ڳوٺ ڪيتاري جمالاڻي محمد هاشم پاڙو تعلقو ڏاهلي ضلعو ٿرپارڪر.	23.700	1.185	18 مهينا	5000	C-6 ۽ مٿي

وصولي جي تاريخ ۽ وقت-پهرين ڪوشش

1. مٿي ڄاڻايل ڪمن لاءِ ڪورا ٽينڊر فارم / واڪ ڪاغذ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع ايگزيڪيوٽو انجنيئر پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊويزن ٿرپارڪر ايٽ مٺي واقع ويجهو اين بي پي بئنڪ مٺي برانچ جي آفيس مان ڪنهن به ڪم ڪار واري ڏينهن تي اشاعت جي تاريخ کان 13-01-2026 شام 5 وڳي تائين لکت ۾ درخواست ۽ مقرر ڪيل ٽينڊر في (ناقابل واپسي) پي آرڊر جي صورت ۾ بحق ايگزيڪيوٽو انجنيئر پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊويزن ٿرپارڪر ايٽ مٺي ادائگي ڪرڻ تي حاصل ڪري سگهن ٿا.
2. ٽينڊر تاريخ 14-01-2026 تي صبح 10:00 وڳي واپس وصول ڪيا ۽ ساڳئي ڏينهن تي صبح 10:30 وڳي هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ ٽينڊر کولڻ واري پروڪيورمينٽ ڪميٽي پاران شرڪت ڪندڙ ٺيڪيدارن /فرمن يا سندن مجاز نمائندن جيڪي حاضر رهڻ جي خواهش رکن جي موجودگي ۾ کوليا ويندا.
3. ٽيڪنيڪل پروپوزل جي ڇنڊڇاڻ فرمن جي ٽيڪنيڪل ڪواليفڪيشن تي ڪئي ويندي/ پروپوزل ٽيڪنيڪلي ڪواليفائيڊ فرمن جي عام پبلڪ اڳيان ڄاڻايل تاريخ ۽ وقت تي اڳواٽ لکت ۾ اطلاع ڏيڻ تي ٺيڪيدارن/ فرمن کي ڏيڻ سان کولي ويندي. فنانشل واڪ/ پروپوزلس ٽيڪنيڪلي نااهل ٺيڪيدارن کي بنا کولڻ جي واپس ڪيا ويندا.
4. ٽينڊر واڪ ڏيندڙن پاران خبرداري سان ۽ صاف نموني ڀريل ۽ صحيح ڪيل هوندا، هر هڪ واڪ ايگزيڪيوٽو انجنيئر (Dev) پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊويزن ٿرپارڪر ايٽ مٺي جي نالي ۾ ڪال ڊپازٽ /پي آرڊر جي صورت ۾ هر هڪ واڪ آڏو ڄاڻايل 05 سيڪڙو واڪ سيڪيورٽي لازمي شامل هجي. نامڪمل ٽينڊر، اوور رائٽنگ يا شرطيه ٽينڊر تي غور نه ڪيو ويندو. واڪ سيڪيورٽي کانسواءِ ٽينڊر کي قبول نه ڪيو ويندو.
5. خواهشمند واڪ ڏيندڙ ايس پي پي آر اي جي آفيشل ويب سائيٽ: ”ppms.pprasindh.gov.pk/ppms/public/“ تان واڪ دستاويز ڊائون لوڊ ڪري سگهن ٿا. واڪ ڏيندڙن کي صلاح ٿي ڏجي ته واڪ دستاويز جمع ڪرائڻ کان پهريان سائيٽ جو دورو ڪن.

وصولي جي تاريخ ۽ وقت-ٻي ڪوشش

6. ٽينڊرن کي موٽ نه ملڻ جي صورت ۾ اجراءَ جي ورندڙ تاريخ 30-01-2026 صبح 10 وڳي تائين هوندي ۽ 30-01-2026 تي صبح 11:00 وڳي تائين واپس وصول ڪيا ۽ ساڳئي ڏينهن تي صبح 11:30 وڳي کوليا ويندا.

واڪ ڪارآمد مدو 90 ڏينهن:

➢ پروڪيورنگ ايجنسي ايس پي پي رولز 2010 (هيستائين ترميم ٿيل) جي لاڳاپيل فقري موجب ڪنهن به يا سمورن ٽينڊرن کي رد ڪرڻ جو پورو حق محفوظ رکي ٿي.

اهليت:

1. واڪ ڏيندڙ پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل سان لاڳاپيل ڪيٽيگري ۽ اسپيشلائيزيشن ڪوڊ CE-09, CE-10, EE-11, ME-06 ۾ سال 26-2025 لاءِ ڪارآمد ڪارگر رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ رکندا هجن. انڪم ٽيڪس سان رجسٽريشن (اين ٽي اين سرٽيفڪيٽ) ساڻ فيڊرل بورڊ آف روينيو سان گذريل 3-5 سال آڊٽ رپورٽس سان گڏ سرگرم اسٽيٽس رکندڙ.

مڪمل ڪيل سرٽيفڪيٽس گهربل).

b. ڪم جي تڪميل لاءِ مشينري ۽ دستياب اوزارن جو تفصيل ساڻ مالڪي/ مسواڙ تي ورتل، ليز سان دستاويزي ثبوت.
اي. 4x4 گاڏي گهٽ ۾ گهٽ 02 عدد. (سيريل نمبر .02 ۽ 03 جي ڪم کانسواءِ)
بي. بورنگ لاءِ رگ مشين گهٽ ۾ گهٽ 02 عدد.
سي. بور واشنگ لاءِ ڪمپريسر گهٽ ۾ گهٽ 01 عدد.
ڊي. جنريٽر 3 ڪي وي اي گهٽ ۾ گهٽ 01 عدد.
C. ٽيڪنيڪل شخصن جي لياقت ۽ تجربو ۽ مڪ سائيٽ انتظامي عملو.
i. BE سول انجنيئر، BE مڪينڪل انجنيئر ۽ BE اليڪٽريڪل انجنيئر
ii. اليڪٽريڪل، مڪينڪل ۽ سول ڪم جي سڌي ڄاڻ رکندڙ سائيٽ سپروائيزر.
D. بينڪ سرٽيفڪيٽ ڊيڪلريندڙ ڪريڊٽ سگهه گهٽ ۾ گهٽ 20 سيڪڙو (سراسري بيلنس) گذريل ٽن سالن لاءِ في سال. ڪم جي ڪٿيل قيمت جو ساڻ بئنڪ اسٽيٽمينٽ، بئنڪ اسٽيٽمينٽ هر هڪ سال لاءِ ڏار 01 جولاءِ 2023 کان هيستائين شروعات لازمي فراهم ڪئي ويندي ۽ تازو بئنڪ سرٽيفڪيٽ ڪٿيل قيمت جو گهٽ ۾ گهٽ 15 سيڪڙو بيلنس ڊيڪلريندڙ لازمي شامل هجي.
E. . هينڊ واٽر سپلاءِ ۽ سيوريج ڪمن جي فهرست (ورڪ آرڊرز جي ڪاپي گهربل).
F. اليڪٽريڪل انسپيڪٽر ڊيزل انجڻ جنريٽر سيٽ/ پمپنگ مشينري لاءِ لائسنس.

شرط ۽ ضابطا:

هيٺين شرطن تحت واڪ رد ڪيا ويندا:

- شرطيه ٽينڊر.
- جمع ڪرائڻ / کولڻ واري تاريخ تي قدرتي آفت يا حڪومت پاران موڪل ڪرڻ جي صورت ۾ ٽينڊر ساڳئي وقت ۽ هنڌ تي ورندڙ ڪم ڪار واري ڏينهن جمع ڪيا / کوليا ويندا.
- گهربل رقم ۽ صورت جيئن مٿي ڄاڻايل آهي جي واڪ سيڪيورٽي کانسواءِ جمع ڪرايل واڪ.
- مقرر تاريخ ۽ وقت کانپوءِ وصول ٿيل واڪ.
- ڪنهن به کاتي وٽان تازو بليڪ لسٽ ٿيل.
- نمائندي جي موجودگي جي صورت ۾ اصل اٿارٽي ليٽر اسٽيمپ پيپر تي فرم جي مالڪ کان دستخط ٿيل ۽ ٺپو لڳل گهربل آهي.
- ٽينڊر جي طريقيڪار وقت چيئرمين پروڪيورمينٽ جي ڪمري ۾ موبائل فون کڻي وڃڻ جي اجازت نه هوندي.
- بينڪ گارنٽي قبول نه ڪئي ويندي.
- تازو حلف نامو ته سمورا دستاويز/مشينري معلومات سچي ۽ درست پيش ڪيل آهي. بوگس ۽ /ٽيمپرڊ يا غلط معلومات /سرٽيفڪيٽ ڪمپني/فرم پاران فراهم ڪرڻ جي صورت ۾ واڪ رد ڪيو ويندو.

ايگزيڪيوٽو انجنيئر
پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊويزن،

سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن،
ٺڏي سڙڪ، حيدرآباد

اشتهار نمبر. 13/2025 تاريخ 18-12-2025

سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن حڪومت جي مختلف عهدن لاءِ هيٺوهٽ درخواستون گهرائجن ٿيون

سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن

سيريل نمبر	عهدي جو نالو ساڻ بيسڪ اسڪيل	پرتي رولز مطابق لياقت	عهدن جو تعداد	ڪوٽا	R	U	T	عمر جي حد
01	ڊرائيور (بي پي ايس-04)	i. ڪارگر LTV/HTV لائسنس رکندڙ. ii. لاگ بُڪ مينٽين رکڻ جي قابل هجي. iii. ڊرائيور طور گهٽ ۾ گهٽ 5 سال تجربو.	09	اوپن ميرٽ (ميل)	05	03	08	23-35
				اقليتي ڪوٽا (ميل)	01	00	01	
				ٽوٽل	06	03	09	
02	نائب قاصد (بي پي ايس-01)	ترجيحن پڙهيل لکيل.	22	اوپن ميرٽ	04	3	7	18-28
				فيميل ڪوٽا	05	04	9	
				اقليتي ڪوٽا	02	01	03	
				مختلف معذوري ڪوٽا	02	01	03	
				ٽوٽل	13	09	22	
03	جنريٽر/ريسوگراف آپريٽر (بي پي ايس-01)	ترجيحن پڙهيل لکيل.	01	اوپن ميرٽ	01	00	01	18-28
				ٽوٽل	01	00	01	
04	سينيٽري ورڪر (بي پي ايس-01)	ترجيحن پڙهيل لکيل.	17	اوپن ميرٽ	08	05	13	18-28
				فيميل ڪوٽا	02	01	03	
				مختلف معذوري ڪوٽا	01	00	1	
				ٽوٽل	11	06	17	
05	مالهي (بي پي ايس-01)	ترجيحن پڙهيل لکيل.	05	اوپن ميرٽ	03	02	05	18-28
				ٽوٽل	03	02	05	
06	چوڪيدار (بي پي ايس-01)	ترجيحن پڙهيل لکيل.	06	اوپن ميرٽ	01	01	02	18-28
				فيميل ڪوٽا	01	01	02	
				اقليتي ڪوٽا	01	00	01	
				مختلف معذوري ڪوٽا	01	00	01	
				ٽوٽل	04	02	06	

اهم هدايتون:

i) اصل چالان اميدوار لازمي طرح 500 رپين جي چالان جي ادائگي ”هيڊ آف اڪائونٽ C02101-آرگين آف اسٽيٽ ايگزام في (SPSC رسيد)“ اسٽيٽ بئنڪ/نيشنل بئنڪ آف پاڪستان ۾ ادا ڪن.
ii) اميدوار اشتهار جي آخري تاريخ تي واسطيدار سرٽيفڪيٽن سميت گهربل لياقت ۽ تجربو لازمي رکندڙ هجن.
iii) تجربو عهدي لاءِ گهربل گهٽ ۾ گهٽ تعليمي لياقت حاصل ڪرڻ واري تاريخ کان شمار ڪيو ويندو.
iv) نااهل اميدوار ۽ اهي جيڪي شرط پورا نٿا ڪن يا اڻپوريون درخواستون موڪلين ٿا، تن تي غور نه ڪيو ويندو.
v) عهدن جو تعداد ڪنهن به اڳواٽ اجازت/اطلاع کانسواءِ تبديلي سان مشروط آهي.
vi) سرڪاري ۽ نيم سرڪاري ادارن ۾ خدمتون انجام ڏيندڙ اميدوارن کي پراپر چينل ذريعي درخواست ڪرڻ گهرجي.
vii) ڪميشن ڪنهن به مرحلي تي ڪنهن به غلطي ۾ ڦيرڦار / درستگي ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي.

نوٽ:

I. مينيوئل درخواستون آفيس آف اسسٽنٽ سيڪريٽري، سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ٺڏي سڙڪ حيدرآباد تي پيش ڪيون وڃن.
II. پرتي مقرر رولز ۽ پاليسي جي هدايتن موجب صوبائي ڪابينا جي فيصلي تاريخ 01-12-2025 جي سرڪيولر ليٽر نمبر. SOV(SGA&CD)8-27/2019(PT.IV)(Volume) تاريخ 03-12-2025 موجب ڪئي ويندي.
III. اهي اميدوار جن اشتهار نمبر. 08/2024 تاريخ 01-11-2024 تي درخواست ڏني آهي اهي ٻيهر درخواست پيش نه ڪن.

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

ٽول ٽيڪس جي اوڳاڙي بابت سنڌ ۽ بلوچستان جي ميمبرن جو احتجاج!

صفحو 4

مير قائم خان ٽالپر

حڪمت عمليءَ جي ذريعي ئي ڪاميابي ممڪن آهي!

صفحو 4

صدر ڪينيڊي جو نالو ٽرمپ جي تختي ۽ آمريڪي روايت جو امتحان!

راجا زاهد اختر خانزاده

صفحو 4

غلام حسين لغاري

ڳرو سال پڄاڙيءَ ڏانهن!

صفحو 4

ٽنڊوآدم پوليس جي ڪارروائي، جعلي ڪرنسي هلائيندڙ بين الصوبائي گينگ جو اهم جوابدار گرفتار

پوليس هٿان هڪ جوابدار گرفتار، سندس ٻه ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب، 29 لک 50 هزار جا جعلي نوٽ هٿ

گرفتار جوابدار کي لاڪ اپ ۾ بند ڪري ايف آءِ آر داخل ڪئي وئي آهي، جڏهن ته وڌيڪ پڇا ڳاڇا جاري آهي: پوليس

ابتدائي جاچ مان ظاهر ٿئي ٿو ته هي هڪ منظم ۽ وڏو نيٽ ورڪ آهي، جيڪو ملڪ جي مختلف علائقن ۾ جعلي ڪرنسي جو ڪاروبار ڪري رهيو آهي

ٽنڊوآدم پوليس ڪارروائي ۾ جعلي ڪرنسي هلائيندڙ بين الصوبائي گينگ جو گرفتار جوابدار

ٽنڊوآدم (ن ع) ڊي ايس پي ٽنڊوآدم مختيار ميمڻ سٽي ٿاڻي تي پريس ڪانفرنس ڪندي ٻڌايو ته ڳجهي جاڻ تي سٽي پوليس ايس ايڇ او محمد حنيف مهر جي اڳواڻي ۾ مختلف هنڌن تي ناڪابندي ڪئي جنهن دوران حيدرآباد روڊ شاهنواز چوڪ وٽ پوليس ڪوريئر سروس ليوپرڊ وسيلي لکين رپين جي جعلي ڪرنسي وصول ڪري پنهنجي ڪارندن تائين پهچائڻ ۽ بعد ۾ مختلف مارڪيٽن ۾ ڏيتي ليتي ذريعي ڪاروبار هلائيندڙ اهم جوابدار بلوچستان جي علائقي جهت پٽ جي رهواسي عبدالمجيد ولد طريل خان مگسي کي موٽر سائيڪل تي جعلي ڪرنسي کڻي وڃڻ وقت 29 لک 50 هزار رپين جي جعلي نوٽن سميت گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته سندس ٻه ساٿي فرار ٿي ويا ڊي ايس پي مختيار ميمڻ ٻڌايو ته گرفتار جوابدار کي لاڪ اپ ۾ بند ڪري ايف آءِ آر داخل ڪئي وئي آهي جڏهن ته وڌيڪ پڇا ڳاڇا بعد فرار ٿيل جوابدارن سميت ٻين ملوث عنصرن جي ڳولا لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن هن وڌيڪ چيو ته ابتدائي جاچ مان ظاهر ٿئي ٿو ته هي هڪ منظم ۽ وڏو نيٽ ورڪ آهي جيڪو ملڪ جي مختلف علائقن ۾ جعلي ڪرنسي جو ڪاروبار ڪري رهيو آهي جڏهن ته گرفتار جوابدار اڳ ۾ به اهڙين ڪارروائين ۾ ملوث رهيو آهي

ڪامورا پنهنجو فرض سٺي نموني ادا نه پيا ڪري سگهن: شاهده پيلار

90 واري ڏهاڪي ۾ اي سي، ڊي سي ۽ ايس ايس پي عوام جي وچ ۾ هوندا هئا

اڪثر اهي عوامي ميڙاڪا ۽ کليون ڪچهريون ڪرائي عوام جا ترت بنياد تي مسئلا حل ڪندا هئا

سيوهڻ(رپورٽ: فقير محمد عباسي) انساني حقن جي تنظيمين عورتن جي حقن جو آواز بلند ڪندڙ سياسي سماجي اڳواڻ ميڊم شاهده پيلان سماجي اڳواڻ صوفي اسحاق سومرو عبرت رپورٽر سينئر صحافي فقير محمد عباسي سان عبرت آفيس ۾ ڳالهائيندي چيو ته ايس ايس پي، ڊي سي ۽ اي سي جون پوسٽون سياسي هائوسن جي آشيرواد هجڻ ڪري پنهنجو فرض سٺي نموني سان ادا نه پيا ڪري سگهن، 90 واري ڏهاڪي ۾ اي سي، ڊي سي ۽ ايس ايس پي عوام جي وچ ۾ هوندا هئا، اڪثر اهي عوامي ميڙاڪا ۽ کليون ڪچهريون ڪرائي عوام جا ترت بنياد تي مسئلا حل ڪندا هئا. پر هاڻي سڀ ڪجهه ان جي ابتڙ هلي رهيو آهي عوام ڪين مان هاڻي مايوس ٿي چڪو آهي. انهن جي باري ۾ ڪجهه بهتر سوچ رهيو آهي. اڳ انصاف تڪڙو ۽ جلد ٿي ملندو هو هاڻي احتجاج ڌرڻا ۽ ڪورٽن کان سواءِ ڪجهه به ملڻ مشڪل ٿي ويو آهي. هنن وڌيڪ چيو ته انهن آفيسرن کي گهرجي ته سياسي هائوسن جي ٽيڪون ڇڏي ڪري عوام جا نمائيندا ۽ عوام جا خدمتگار بڻجي عوامي مسئلا اڳ جيان ترت بنياد تي حل ڪن اگر ائين نه ڪندا ته انهن کي ڪير به پڇڻ وارو نه رهندو سياسي پورٽارن جي ونگارون وهڻ کان پاسو ڪري عوام جي وچ ۾ اچي پنهنجو فرض ادا ڪن موجود ضلعي ۽ تعلقي جي نوجوان آفيسرن مان غريب بي پهچ بيسهارا ڪي وڏيون اميدون ۽ آسون آهن ته ڪين جا جائز مسئلا ۽ ٿيل زيادتي ۽ ظلم جو حق انصاف ڏيندو.

سيوهڻ ۾ سياسي سماجي اڳواڻ شاهده پيلار صحافي محمد عباسي سان ڳالهائيندي

حيدرآباد جي ڳوٺ جهنڊو ڪوسو جي رهواسي عورتن جو احتجاج

عورتن بااثرن پاران گهر تي قبضي جي ڪوشش خلاف احتجاج ڪيو

بااثرن هٿيارن جي زور تي گهر تي قبضي خاطر هٿياربند ويهاري ڇڏيا آهن: فرزانه

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي ڳوٺ جهنڊو ڪوسو جي رهواسي عورتن بااثرن پاران گهر تي قبضي جي ڪوشش خلاف ۽ موتمار ڌمڪين خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون فرزانا زال روشن ڪوسو جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو. ان موقعي تي هنن الزام هڻندي چيو ته بااثر قبضي مافيا علي مراد علي ڪوسو امير ڪوسو عزيز ڪوسو هٿيارن جي زور تي گهر تي قبضي خاطر هٿياربند ويهاري ڇڏيا آهن ۽ رستو بند ڪري ڇڏيو آهي جنهن سبب اسان ۾ خوف ۽ هراس ڦهليل آهي. هنن چيو ته حد جي راهوڪي ٿاڻي جي پوليس بااثر ماڻهن جي ونگاري بڻيل آهي. هنن مطالبو ڪيو ته ڄاڻايل معاملي جو نوٽس وٺي تحفظ ڪيو وڃي

ڪوٽ غلام محمد جي گرلز هائير سيڪنڊري ڪيمپس اسڪول ۾ فوڊ ميلا

ٽن ڏينهن واري فوڊ ميلا، سائنسي اسپورٽس ۽ ثقافتي نمائش جو شاندار آغاز ڪيو ويو

هي ٽن ڏينهن واري نمائش هر سال باقاعدگي سان منعقد ڪئي ويندي آهي: پرنسپال

ڪوٽ غلام محمد(ن ع) گورنمينٽ گرلز هائير سيڪنڊري ڪيمپس اسڪول ڪوٽ غلام محمد ۾ ٽن ڏينهن واري فوڊ ميلا سائنسي اسپورٽس ۽ ثقافتي نمائش جو شاندار آغاز ڪيو ويو نمائش اسڪول جي پرنسيپل شائزه خان ۽ استادن جي ميزباني هيٺ منعقد ڪئي وئي نمائش جو افتتاح مهمان خاص اسسٽنٽ ڪمشنر ڪوٽ غلام محمد ريحان ڏيٿو ڪيو جنهن نمائش ۾ رکيل شاگردياڻين جي تيار ڪيل مختلف اسٽالن جو معائنو ڪيو ۽ سندن محنت جي واکاڻ ڪئي نمائش ۾ ٽي اي او فيميل سيڪنڊري ميڊم رفعت رشيد، ٽي اي او فيميل پرائمري ميڊم نجم سميت مختلف گرلز اسڪولن جون شاگرديائيون والدين ۽ علائقي جي معزز شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي نمائش جي پهرين ڏينهن شاگرديائين پاران ڪباب، ڏهي ٻڙا، ڪڙاهي مڇي سميت مختلف قسمن جا لذيذ کاڌا تيار ڪيا ويا، جڏهن ته ڪنهن پاران مٺيءَ جا ڦانون ڏاهڻ جي عملي تربيت پڻ ڏني وئي جنهن کي شرڪت ڪندڙن گهڻو پسند ڪيو ان موقعي تي اسڪول پرنسيپل ۽ استادن جو چوڻ هو ته هي ٽن ڏينهن واري نمائش هر سال باقاعدگي سان منعقد ڪئي ويندي آهي، جيڪا استاد پاڻ ۾ گڏجي ذاتي خرچ تي لڳائيندا آهن هنن ٻڌايو ته نمائش مان جيڪا بچت ٿيندي آهي اها غريب ۽ مستحق شاگردياڻين کي ڊريسون، سوئٽر جتيون، ڪتاب ۽ ٻيون تعليمي ضرورتون مهيا ڪرڻ لاءِ استعمال ڪئي ويندي آهي. استادن وڌيڪ چيو ته اهڙي نمائش جو بنيادي مقصد شاگردياڻين ۾ تعليم بابت شعور بيدار ڪرڻ عملي مهارتون وڌائڻ ۽ تعليم سان شوق پيدا ڪرڻ آهي، ته جيئن هو مستقبل ۾ سٺي تعليم حاصل ڪري سماج جو ڪارائتو حصو بڻجن

ڪوٽ غلام محمد جي گرلز هائير سيڪنڊري ڪيمپس اسڪول ۾ فوڊ ميلي جو ڏيک

شاهپور رضوي ويجهو عمرساند پوليس جي وڏي ڪارروائي

منشيات جي ڀٺي تي ڇاپو هڻي 2 ڄڻا گرفتار، 200 ليٽر ڪچو شراب هٿ

جوابدارن تي منشيات ايڪٽ تحت عمرساند ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو آهي: پوليس

عثمان شاهه هڙي(علائقي وارن) شاهپور رضوي ويجهو عمرساند پوليس جي وڏي ڪارروائي منشيات جي ڀٺي تي ڇاپو 2منشيات گرفتار 200 ليٽر ڪچو شراب هٿ ڪيس داخل عمرساند ٿاڻي جي ايس ايڇ او شاهد حسين ميمڻ پوليس نفري سان شاهپور رضوي ويجهو ڳوٺ ترسي ڪچي ڪولهي ۾ هڪ گهراندر هلندڙ ڪچي شراب جي ڀٺي تي ڇاپوهڻي تيار ٿيل ڪچو 200 سؤ ليٽر شراب ۽ ان ۾ استعمال ٿيندڙ مٽيريل هٿ ڪري ٻن منشيات فروشن محرم ڪولهي، ڏيوڻ ڪولهي کي گرفتار ڪري ورتو جڏهن پوليس جي اوچتو ڇاپي دوران 3منشيات فروش ملوڪولهي، ڪانجي ڪولهي۽ موتي ڪولهي فرار ٿي ويا انهن سمورن تي منشيات ايڪٽ تحت عمرساند ٿاڻي ڪيس داخل ڪيو ڪين اڄ ٽنڊوالهيار جي عدالت ۾ پيش ڪيو ويندو ايس ايڇ او عمرساند شاهد حسين ميمڻ صحافين کي ٻڌايو منشيات لعنت ناسورجي ڪاروبار ملوث ڪنهن منشيات فروشن کي معاف نه ڪبو

عثمان شاهه هڙي عمرساند پوليس ڪارروائي ۾ گرفتار ڪيل جوابدار ۽ هٿ آيل منشيات

محرابپور ۾ سنڌ فڪري فورم پاران مفت ڪتابي ميلو

ڪتابي ميلي ۾ پهتل ماڻهن پنهنجي پسند جا ڪتاب حاصل ڪيا

اسان ثقافتي ڏهاڙو ملهائڻ جي سلسلي ۾ هر سال ميلو لڳائيندا آهيون: جاويد ٽانگراج

محرابپور (ت-ر) محرابپور ۾ سنڌ فڪري فورم محرابپور پاران المهراڻ شادي هال ۾ مفت ڪتابي ميلو لڳايو ويو جنهن ۾ ڪتابن سان چاهه رکندڙ مختلف سڄاڻ ڌرين اديبن شاعرن صحافين شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ڪتابي ميلي ۾ پهتل ماڻهن پنهنجي پسند جا ڪتاب حاصل ڪيا ان موقعي تي سنڌ فڪري فورم جي اڳواڻن جاويد ٽانگراج سيد ادب شاهه رونق شاهه ۽ ٻين چيو ته اسان ثقافتي ڏهاڙو ملهائڻ جي سلسلي ۾ هر سال مفت ڪتابي ميلو لڳرائيندا آهيون هنن چيو ته مفت ڪتاب ورهائڻ جو مقصد بي پهچ ماڻهن تائين ڪتابن ذريعي ڄاڻ جو خزانو مهيا ڪرڻ آهي هنن وڌيڪ چيو ته ميلي ۾ نامور معروف شخصيتن شاعرن اديبن جا هزارين ڪتاب رکيا ويا جيڪي اسان پنهنجي جاکوڙ سان ڪتاب گڏ ڪري ماڻهن کي مفت ۾ فراهم ڪندا آهيون آخر ۾ راڳ رنگ جي محفل ۾ صوفي راڳي مرحوم فنڪار فقير سهراب فقير جي فرزند فقير سلامت سهراب محفل کي چار چنڊ لڳائي خوف داد حاصل ڪيو.

محرابپور مفت ڪتابي ميلي ۾ مختلف سڄاڻ ڌرين جي شرڪت

خيرپور جي ڀرسي رسول آباد جي بنيادي صحت مرڪز ڳوٺ ٻچل پنهيرو ۾ سهولتن جي اڻاٺ

بنيادي صحت مرڪز جي چار ديواري نه هجڻ سبب اسپتال رولو ڪتن ۽ گڏهن جي آرام گاهه بڻيل

عمارت جي انتهائي زبون حالي سبب ڊاڪٽر اسپتال کان ٻاهر ٽينٽ لڳائي مريضن جو چيڪ اپ ڪرڻ تي مجبور

ڪيترائي ڀيرا صحت کاتي، پي پي ايڇ آءِ سنڌ جي عملدارن ۽ ڊپٽي ڪمشنر خيرپور کي آگاهه ڪيو ويو پر ڪو ڪڙ ڌيل ناهي نڪتو: رهواسي

خيرپور(ڊ ر) خيرپور جي يونين ڪائونسل رسول آباد جي ڳوٺ ٻچل پنهيرو ۾ قائم بنيادي صحت مرڪز (پي پي ايڇ آئي) جي چار ديواري نه هجڻ سبب اسپتال ڪتن ۽ گڏهن جي آرام گاهه بڻيل آهي جڏهن ته رات جي وقت جهنگلي جانور به اسپتال اندر گهمندا رهن ٿا.ان حوالي سان ڳوٺ ٻچل پنهيرو جي رهواسين آفتاب احمد پنهيرو غلام علي ڪانوري، محمد يوسف ڪانوري، نياز ڪانوري، الهڏاڃو پنهيرو نور محمد شنباڻي، مجيب شنباڻي، عاشق حسين ڪانوري، راشد چراح ۽ ٻين احتجاجي مظاهرو ڪندي چيو ته بنيادي صحت مرڪز ٻچل پنهيرو جي عمارت 1988ع ۾ تعمير ڪئي وئي هئي، پر افسوس جو عمارت جي انتهائي زبون حالي سبب ڊاڪٽر اسپتال کان ٻاهر ٽينٽ لڳائي مريضن جو چيڪ اپ ڪرڻ تي مجبور آهن مظاهرين چيو ته ڊاڪٽر هائوس ۽ سرونٽ ڪوارٽر مڪمل طور ڪري پئجي چڪا آهن هنن ٻڌايو ته ڪيترائي ڀيرا صحت کاتي، پي پي ايڇ آءِ سنڌ جي عملدارن ۽ ڊپٽي ڪمشنر خيرپور کي آگاهه ڪيو ويو پر اڃا تائين اسپتال جي چار ديواري سميت ڪو به مرمتي ڪم نه ٿيو آهي احتجاج ڪندڙن چيو ته پي پي ايڇ آءِ سنڌ مڪمل طور ناڪام ٿي چڪو آهي ان کي ختم ڪري صحت کاتي ۾ شامل ڪيو وڃي هنن الزام هنيو ته پي پي ايڇ آءِ جا عملدار صحت جي بهتري لاءِ ڪو به ڪم نٿا ڪن جڏهن ته رويتيو کاتي جا اعليٰ آفيسر به پي پي ايڇ آءِ ۾ سروس ڪرڻ لاءِ بيتاب آهن مظاهرين ٻڌايو ته پي پي ايڇ آءِ وٽ ضلعي خيرپور ۾ 88 بنيادي صحت مرڪز آهن پر سڀني جي حالت خراب آهي ۽ پي پي ايڇ آءِ جا آفيسر وزٽ ڪرڻ لاءِ به تيار ناهن هنن وزير صحت سنڌ کان مطالبو ڪيو ته پي پي ايڇ آءِ کي ختم ڪري سنڌ جون اسپتالون آءِ بي اي سڪر جهڙي اداري حوالي ڪيون وڃن، جيڪي انهن کي بهتر نموني سان هلائي سگهن هنن مطالبو ڪيو ته پي پي ايڇ آءِ جي آفيسرن جي اثاثن جي جاچ پڙتال ڪئي وڃي ۽ نيب ۽ اينٽي ڪرپشن کي متحرڪ ڪيو وڃي ته جيئن معلوم ٿي سگهي ته پي پي ايڇ آءِ کي ملندڙ دوائون ۽ فنڊ آخر ڪٿي وڃن ٿا. مظاهرين چيو ته بنيادي صحت مرڪز ٻچل پنهيرو ۾ روزانو 300 کان وڌيڪ مريض ايندا آهن پر پي پي ايڇ آءِ اهڙين اسپتالن جو به حال خراب ڪري ڇڏيو آهي آخر ۾ هنن زور ڀريو مطالبو ڪيو ته پي پي ايڇ آئي ٻچل پنهيرو جي چار ديواري تعمير ڪئي وڃي ۽ ٻين بنيادي سهولتن کي فوري طور مڪمل ڪيو وڃي

سڄاول ۾ پوليو مهم پنجين ڏينهن به حفاظتي انتظام سخت

پوليو مهم جي پنجين ڏينهن به فل پروف سيڪيورٽي انتظامات ڪيا ويا

ايس ايس پي سڄاول عليند راڄپر پاڻ پوليو مهم دوران سيڪيورٽي انتظامات جي نگراني ڪئي

سڄاول(ڊ ر) پوليو مهم پنجين ڏينهن به پوليس جي سخت سيڪيورٽي هيٺ پرامن ماحول ۾ جاري پوليس ترجمان موجب، ڊي آءِ جي پي حيدرآباد رينج طارق رزاق خان ڌاريجو جي هدايتن جي روشني ۾ ايس ايس پي سڄاول عليند راڄپر جي حڪمن تي، ضلعي سڄاول ۾ پوليو مهم جي پنجين ڏينهن به فل پروف سيڪيورٽي انتظامات ڪيا ويا. ضلعي سڄاول ۾ پوليو مهم پرامن ماحول ۾ جاري آهي، جتي پوليس جا آفيسر ۽ جوان پوليو مهم دوران سيڪيورٽي جا فرض سرانجام ڏئي رهيا آهن ان سان گڏ ليڊيز پوليس اهلڪار به پوليو مهم ۾ سيڪيورٽي جا فرض ادا ڪري رهيون آهن. گشتي پوليو ٽيمز جي سيڪيورٽي کي يقيني بڻائڻ لاءِ لاڳاپيل ايس ڊي پي اوز ۽ ايس ايڇ اوز کي واضح هدايتون جاري ڪيون ويون آهن. ايس ايس پي سڄاول عليند راڄپر پاڻ پوليو مهم دوران سيڪيورٽي انتظامات جي نگراني ڪري رهي آهي.

سڄاول پوليو ٽيمن سان گڏ پوليس اهلڪار گڏ بيٺل آهن

ماتلي جي وين ڊرائيور جو ڪوڙو ڪيس داخل ٿيڻ خلاف احتجاج

غلام عباس سومرو مون کان بلائينڊ چيڪ وٺي گروي رکيو: عطا محمد

چيڪ تي ٽيهه لک رپيا لکي بينڪ جو ميمو لڳائي فراڊ جو ڪيس داخل ڪرايو ويو آهي

ماتلي (ن ع) ماتلي شهر جي علي ڪالوني جي رهواسي وين ڊرائيور عطا محمد نوتڪاڻي مٿس مبينا طور تي ڪوڙو ڪيس داخل ٿيڻ خلاف پريس ڪلب پهچي ويو صحافين آڏو دانهيندي عطا محمد نوتڪاڻي ٻڌايو ته 2 سال اڳ هن غلام عباس سومرو سان گڏيل طور تي ايل پي جي گئس جو ڪاروبار شروع ڪيو ۽ غلام عباس سومرو مون کان بلائينڊ چيڪ وٺي گروي لاءِ هاءِ ٽيڪ گئس ڪمپني کي ڏنو هن چيو ته ڪاروبار ۾ نقصان ٿيڻ ڪانپوءِ غلام عباس دڪان جو سمورو سامان کڻي ويو ۽ هن وقت غلام عباس سومري اهو چيڪ ڪمپني کان حاصل ڪري ان چيڪ تي ٽيهه لک رپيا لکي بينڪ جو ميمو لڳائي سندس خلاف ڪيس داخل ڪرايو آهي. هن چيو ته هڪ ته ڪاروبار ۾ ڪيس نقصان ٿيو ۽ الٽو منهنجي چيڪ تي ايڏي وڏي رقم ڀري منهنجي خلاف ڪوڙو چيڪ ڏيڻ جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪرايو آهي. هن جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن ڪمپني کي گروي طور منهنجو چيڪ مليو ته ڪمپني انهي ڳالهه جي پابند آهي ته چيڪ منهنجي حوالي ڪري ها پر ڪمپني ائين نه ڪيو. عطا محمد نوتڪاڻي گهر ڪئي ته هاءِ ٽيڪ گئس ڪمپني ۽ غلام عباس سومرو خلاف ڪارروائي ڪري معاملي جي جاچ ڪرائي وڃي ۽ مٿس داخل ڪيس خارج ڪري ساڻس انصاف ڪيو وڃي.

THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
Website: www.dailyibrat.com Email: ibratg@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
THE DAILY IBRAT
روزاني عبرت
63

20.12.2025

Karachi Diplomatic & Social Roundup Page

The Consul General of France in Karachi, Alexis Chahtahtinsky, inaugurated an exhibition at the Alliance Française celebrating 10 years of Pakistani-French archaeological excavations at Chanhu-Daro, Sindh. The exhibition highlights the long-standing scientific and cultural cooperation between France and Pakistan under the French Archaeological Mission in the Indus Basin (MAFBI). Speaking at the ceremony, the Consul General termed the Indus Valley Civilization a shared heritage of mankind and praised collaborative efforts in research, preservation, and academic training. The event showcased key achievements of joint excavations and emphasized continued commitment to archaeological cooperation between the two countries.

A group photograph of Consul General of Federal Republic of Germany Thomas Schultze with his wife Mrs. Katja Heusel, British Deputy High Commissioner Lance Domm, President PEBS Qazi Sajid Ali, Mehwish Mughal and joint secretary PEBS Qazi Yasir Ali on the occasion of the PEBS celebrated reaching the target of screening and treatment of 30000 children's with collaboration of Rotary club of Heidelberg Schloss Germany

Indonesia has urged its business community to explore Pakistan's vast and largely untapped markets in order to promote balanced and sustainable trade relations between the two countries. This was stated by the Indonesian C.G in Karachi, H.E Mudzakir, M.A, while addressing a networking dinner hosted in honor of the Indonesian business delegation on the sidelines of the ICPF 2025 at a local hotel on Sunday. He said that highlighting Pakistan's economic potential is part of his diplomatic responsibilities and that Indonesian delegations are encouraged not only to sell their products in Pakistan but also to buy Pakistani goods. He noted that although the trade balance has long remained in Indonesia's favor, the promotion of two-way trade is essential for developing sustainable economic relations. The Consul General described the negative perceptions about Pakistan as contrary to reality and stressed that there is a pressing need to change this narrative. He said that the Indonesian Pavilion at ICPF 2025 provided an effective platform for direct interaction, business matching, and market exploration between Indonesian and Pakistani companies. He further stated that the Indonesian Consulate is actively encouraging Indonesian businesses to explore new markets in Indonesia for Pakistani products. Businessmen from both countries attended the networking dinner, where potential opportunities for trade and investment were discussed. On the occasion, the Consul General also expressed his appreciation to Uzair Nizam, for facilitating the Indonesian Pavilion and the Indonesian business delegation.

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پبلور پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk
چنڇر 20 ڊسمبر 2025ع

ٽول ٽيڪس جي اوڳاڙي بابت سنڌ ۽ بلوچستان جي ميمبرن جو احتجاج!

خبر آهي ته سنڌ ۽ بلوچستان جي ميمبرن احتجاج ڪندي چيو آهي ته جتي روڊ ٺهيا ئي ناهن اتي به ٽول ٽيڪس ورتو پيو وڃي. قومي اسيمبلي جي مواصلات بابت اسٽينڊنگ ڪميٽيءَ جي اجلاس ۾ ڪميٽي جي ميمبر شمشير علي مزاري ۽ مير شبير بجارانيءَ مواصلات واري وفاقي وزير تي سخت ناراضگيءَ جو اظهار ڪندي چيو ته وفاقي وزير مواصلات اين ايڇ اي کي هائوسنگ سوسائٽيءَ وانگر هلائي رهيو آهي. فنڊ گڏ ڪرڻ لاءِ ٽول پلازائن جو استعمال ڪيو پيو وڃي، جتي روڊ ئي ناهي ٺهيل اتي به ٽول ٽيڪس وصول ڪيو پيو وڃي. سندن چوڻ هو ته ڪميٽي وزيراعظم کي خط لکي. ڪميٽي ميمبر نظير ٻگهيو جو پڻ سوال هو ته سنڌ ۾ جيڪڏهن ڪو موٽروي ٺهيو آهي ته ٻڌايو وڃي؟ سنڌ ۾ هڪ به وڏو منصوبو ناهي ٺهيو. بلوچستان ۽ سنڌ جي ميمبرن روڊن جي تباهه حاليءَ تي ڳڻتيءَ جو اظهار ڪيو.

هي معاملو رڳو ٽول ٽيڪس يا روڊن جي خرابيءَ تائين محدود ناهي بلڪ اهو وفاقي حڪمراني، وسيلن جي غيرمنصفاڻي ورڇ ۽ محروم صوبن سان ٿيندڙ رويي جو عڪس آهي. قومي اسيمبليءَ جي مواصلات بابت اسٽينڊنگ ڪميٽيءَ جي اجلاس ۾ سنڌ ۽ بلوچستان سان واسطو رکندڙ ميمبرن جيڪو احتجاجي ۽ سخت لهجو اختيار ڪيو اهو اُن گهري مايوسيءَ جي ترجماني ڪري ٿو جيڪا سالن کان انهن علائقن جي عوام ۽ نمائندن جي دلين ۾ پلجي رهي آهي. جڏهن اهڙا سوال پارليامينٽ جي اندر اٿن ٿا ته سمجهڻ گهرجي ته مسئلو معمولي ناهي، پر رياستي ترجيحن ۽ پاليسين تي سنجيده نظرثانيءَ جو مطالبو آهي. سنڌ ۽ بلوچستان جي ميمبرن جو بنيادي اعتراض اهو هو ته جتي روڊ ٺهيا ئي ناهن، اتي به ٽول ٽيڪس وصول ڪيو پيو وڃي. هي رڳو انتظامي نااهلي نه پر ڪليل ناانصافي آهي. ٽول ٽيڪس جو تصور ان بنياد تي بيٺل آهي ته صارف کي سهولتون مهيا ڪيون وڃن، محفوظ ۽ معياري روڊ ڏنا وڃن ۽ اُن جي بدلي ۾ فيس ورتي وڃي. جيڪڏهن روڊ ئي موجود ناهي يا اهڙي حالت ۾ آهي جو سفر عذاب بڻجي وڃي ته پوءِ ٽول ٽيڪس جي وصولي ڪنهن به لحاظ سان جائز نٿي ٿئي. اهڙو عمل عوامي اعتماد کي وڌيڪ ٽوڙي ٿو ۽ رياست ۽ شهرين جي وچ ۾ موجود فاصلي کي وڌائي ٿو. اجلاس دوران اهو به چيو ويو ته وفاقي وزير ۽ سيڪريٽري ڪميٽي کي سنجيدگي سان نٿا وٺن، جنهن سبب ڪميٽي وزيراعظم کي خط لکڻ تي مجبور ٿي آهي. پارلياماني ڪميٽين کي نظرانداز ڪرڻ دراصل پارلياماني نظام جي توهين آهي. اهي ڪميٽيون ئي آهن جيڪي حڪومتي ڪارڪردگيءَ تي نظر رکن ٿيون ۽ عوامي نمائندن جي آواز کي پاليسي سازيءَ تائين پهچائين ٿيون. جيڪڏهن وفاقي وزير اجلاس ۾ شرڪت به نٿا ڪن يا خدشن جو جواب ڏيڻ لاءِ تيار ناهن ته پوءِ اها روش جمهوريت لاءِ خطرناڪ بڻجي ٿي.

سنڌ بابت ڪميٽي ميمبرن جو اهو سوال به انتهائي اهم آهي ته جيڪڏهن سنڌ ۾ ڪو موٽروي ٺهيو آهي ته ٻڌايو وڃي. هي سوال پاڻ ۾ هڪ تلخ حقيقت لڪائي ٿو ته سنڌ جهڙو وڏو صوبو، جيڪو قومي معيشت ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو اڄا تائين وڏن مواصلاتي منصوبن کان محروم آهي. سالن کان ايم سڪس جهڙا منصوبا رڳو اعلانن تائين محدود رهيا آهن. جڏهن ته زميني حقيقت اها آهي ته سنڌ جون شاهراهون ٽٽل آهن، حادثا روز جو معمول بڻجي ويا آهن ۽ واپار ۽ سفر ٻئي متاثر ٿي رهيا آهن. بلوچستان جي ميمبرن پڻ ڳڻتيءَ جو اظهار ڪيو ته صوبو صرف گوادر تائين رسائي لاءِ استعمال ٿي رهيو آهي جڏهن ته اندرين علائقن جا روڊ نظرانداز ڪيا پيا وڃن جيڪڏهن 54 سيڪڙو روڊ نيٽ ورڪ بلوچستان ۾ آهي ۽ رڪوري صرف هڪ سيڪڙو آهي، ته پوءِ سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته وسيلن جي ورڇ ۽ منصوبابندي ۾ ڪٿي نه ڪٿي وڏو فرق موجود آهي. ترقي صرف چند منصوبن يا مخصوص علائقن تائين محدود رکڻ سان احساسِ محرومي وڌندي، جيڪا اڳ ئي بلوچستان ۾ هڪ سنگين مسئلو آهي. ٽول پلازائن بابت ميمبرن جي اها تجويز به قابل غور آهي ته جيڪڏهن آمدني وڌائڻ ضروري آهي ته ٽول ٽيڪس جي شرح وڌائي وڃي پر ٽول پلازائن جو تعداد گهٽايو وڃي. هڪ ئي ضلعي ۾ ٻه ٻه ٽول پلازا عوام لاءِ اضافي بار بڻجي وڃن ٿا. خاص طور نوشهروفيروز جهڙن علائقن ۾ اهڙا قدم ماڻهن جي روزمره زندگي ۽ مقامي معيشت کي متاثر ڪن ٿا.

عبرت پوسٽ

Ibrat Post

خط: جي متن سان اداري جو متفق هجڻ ضروري ناهي

طاقتور ملازم

تازو سنڌ حڪومت هڪ کان چار گريڊ تائين نوڪريون ڏئي ڪامورن، پ پ جي ايم پي اين، ايم اين اين ايز ۽ پ پ جي عهديدارن، نمائندن کان لسٽون وٺي انهن کي آفر آرڊر جاري ڪري انهن کي روزگار سان لڳائي بيروزگاريءَ کي ٿورو ڌڪو ڏنو آهي پر ڊي سيز جا پائر پٽيوالا، ايم پي اي ۽ ايم اين اي جا ماڻهو چوڪيدار، پ پ جي اعليٰ قيادت جا ماڻهو نائب قاصد ٿيندا ته آهي ڪهڙو استادن کي پاڻي پياريندا. آهي چوڪيدار ڪهڙي رکوالي ڪندا، لڳي ٿو هاڻي پٽيوالا استادن ۽ هيڊ ماسترن جي بدلي ڪرائيندا، انجنيئرن جي بدلي ٿيندي، چوڪيداري به ادارن جي ڪونه ٿيندي، ٻاٽيو مئٽرڪ وارو پٽيوالن کي ٻانهون ٻڌي جان ڇڏائيندو، پٽيوالا مٿين آفيسرن کي چوندا ته جوان ايم پي اي صاحب کي جوان ايم اين اي صاحب کي، ڪرايائين ٽر بدلي، سو هاڻي مٿين آفيسرن کان هيٺيان آفيسر پاور ڦُل اچي ويا آهن ميدان تي، وڏن آفيسرن کي به هاڻي خبر پوندي ته نئيو عملو ڇا هوندو آهي، وڏا آفيسر به ننڍن ملازمن سان وڏيون ناجائزيون ڪندا رهيا آهن هاڻي ڪن ته خبر پوندي، جڏهن ته پهريان مٿين آفيسرن جي لئي هوندي هئي، انهن کان ننڍن ملازمن کي خوف هوندو هو هاڻي مٿيان آفيسر هيٺين عملي کان خوف زده هوندا، انجنيئر وري به بيلدار داروغي جو محتاج هوندو، نئين ڀرتي بعد انجنيئر کي پاڻ در هيٺ مٿي ڪرڻا پوندا، گيج جي ماپ به انجنيئر کي پاڻ ڪرڻي پوندي، ڇو ته پاور ڦُل هيٺيون عملو اچي ويو آهي.

مدثر ڪهاوڙ

گوڙ جي وچ ۾ به اتحاد جي آواز

پاڪستان هن وقت صرف معاشي بحران مان نه پيو گذري، پر هڪ سوچ جي بحران سان به منهن ڏئي رهيو آهي. سالن کان رياستي فيصلا مرڪز مان ڪيا پيا وڃن جڏهن ته عوامي مسئلا ضلعي ۽ گهٽي سطح تي شدت اختيار ڪندا رهيا آهن. اهڙي صورتحال ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جو تازو معاشي ۽ سياسي بيانيو هڪ مثبت ۽ تعميراتي رخ جي نشاندهي ڪري ٿو. لاهور ۾ پنجاب جي صنعتڪار ۽ واپاري برادري سان خطاب ڪندي، بلاول ڀٽو زرداري جو اندازِ گفتگو روايتي سياسي تقريرن کان مختلف هو. هُن زور الزام يا سياسي پوائنٽ اسڪورنگ تي نه پر برآمدات، روزگار، ضلعي وار ترقي ۽ ڪاروباري سهولتن تي هو. هُن واضح ڪيو ته پيپلز پارٽي جو مقصد صرف واپاري برادري کي ٻڌڻ نه آهي، پر انهن جي تحقيق ۽ تجويزن کي عملي شڪل ڏيڻ آهي، جيئن پاڪستان جا سڀ 165 ضلعا معاشي سرگرمي جو مرڪز بڻجي سگهن. بلاول ڀٽو پاڪ-چين اقتصادي راهداري جو حوالو ڏيندي صحيح نشاندهي ڪئي ته چين پاڪستاني مصنوعات کي ترجيح ڏيڻ لاءِ تيار آهي، پر اسان مڪمل فائدو نه وٺي سگهيا آهيون. اها ڳالهه نه شڪايت آهي ۽ نه الزام، پر هڪ حقيقت پسندانه تجزيو آهي، جيڪو مستقبل جي منصوبابندي جو دروازو کوليندو آهي. اهڙيءَ طرح يورپي يونين سان GSP پلس اسٽيٽس جي نتيجي ۾ برآمدات ۾ واڌارو ڏيکاري ٿو ته جيڪڏهن صحيح رخ ۾ ڪم ڪيو وڃي ته پاڪستان عالمي منڊي ۾ پنهنجي جاءِ ٺاهي سگهي ٿو. هن جي گفتگو جو مرڪزي نڪتو غيرمرڪزي نظام هو، جيڪو پيپلز پارٽي جي سياسي سوچ جو بنياد پڻ آهي. 18هين ترميم ڪانپوءِ صوبن کي ملندڙ اختيارن جا نتيجا اڄ واضح آهن، خاص طور تي خدمتن تي سيلز ٽيڪس جي وصولي ۾. سنڌ سميت سڀ صوبن ثابت ڪيو آهي ته جڏهن فيصلا مقامي سطح تي ٿين ته نتيجا بهتر ايندا آهن. بلاول ڀٽو جو موقف آهي ته اهو ماڊل ٻين شعبن ۾ به اپنائڻ گهرجي. ٽيڪس جي معاملي تي انهن هڪ متوازن ۽ انساني نقطه نظر پيش ڪيو. انهن مطابق ٽيڪس کي بار نه پر قومي ذميواري طور ڏسڻ گهرجي ۽ اهو صرف تڏهن ممڪن آهي جڏهن رياست ٽيڪس ڏيندڙن کي عزت ۽ سهولت ڏئي. اها سوچ پاڪستان ۾ ٽيڪس ڪلچر کي فروغ ڏيڻ لاءِ هڪ مثبت پيش رفت ٿي سگهي ٿي. توانائي جي بحران تي ڳالهائيندي، بلاول ڀٽو عملي مثالن ذريعي واضح ڪيو ته پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ ۽ صوبي سطح تي توانائي منصوبا ڪيئن سستي بجلي مهيا ڪري سگهن ٿا. ٿر ڪوئلي وارو منصوبو ۽ گرين انرجي ذريعي گهٽ استعمال ڪندڙ صارفين کي رليف ڏيڻ جي تجويز هڪ اهڙي فلاحياتي ويزن جو عڪس آهي، جنهن ۾ رياست پنهنجي شهرين سان گڏ نظر اچي ٿي. سياسي سطح تي بلاول ڀٽو زرداري آئين، جمهوري ۽ اداراتي توازن جي ڳالهه ڪندي اهو پيغام ڏنو ته پاڪستان جي مضبوط ٿيڻ جو رستو آئين جي بالادستي مان گذري ٿو. آئيني عدالت، NFC Award جو تحفظ ۽ صوبن جي مالي خودمختياري جهڙا نقاط اهڙي وفاق جي تصوير پيش ڪن ٿا، جنهن ۾ سڀ يونٽ پاڻ کي برابر جو حصو محسوس ڪن. پنجاب ۾ ڪارڪنن، نوجوانن، واپاري برادري ۽ مختلف سماجي حلقن سان ملاقاتون اهو ڏيکارين ٿيون ته پيپلز پارٽي هڪ ڀيرو ٻيهر عوام سان جڙڻ ۽ زميني سطح تي سياست کي مضبوط ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. اها سياست شور کان نه پر مڪالمي، منصوبابندي ۽ اعتماد ذريعي اڳتي وڌندي محسوس ٿئي ٿي. بلاول ڀٽو زرداري جو تازو بيان اهو اعلان آهي ته پاڪستان کي هاڻي محض عارضي فيصلن نه پر ڊگهي مدي واري پاليسي سوچ جي ضرورت آهي، جيڪڏهن غير مرڪزي ترقي، برآمدات تي ٻڌل معيشت ۽ عوام دوست ٽيڪس نظام کي سنجيدگي سان اپنائجي، ته پاڪستان نه صرف موجوده مشڪلاتن مان نڪري سگهي ٿو پر هڪ مضبوط ۽ خوددار معيشت طرف پڻ وڌي سگهي ٿو. اهو هڪ اهڙو ويزن آهي، جيڪو اختلاف جي بدران اتفاق، ورهاست جي بدران شراڪت ۽ جمود جي بدران تحريڪ جي ڳالهه ڪري ٿو ۽ شايد اڄ پاڪستان کي سڀ کان وڌيڪ انهيءَ جي ضرورت آهي.

راجا غلام رسول لوڌو

حڪمت عمليءَ جي ذريعي ئي ڪاميابي ممڪن آهي!

مير قائم خان ٽالپر

ڊسمبر 627ع ۾ درياءَ دجلا جي ڪناري نينوا جي مقام تي هرڪولس جي فتح هُن جي شاندار حڪمتِ عمليءَ جو نتيجو هئي. انهيءَ ڪري اڄ اچو ته ڏسون ته حڪمتِ عملي آهي ڇا ۽ هن جي اهميت ڪهڙي آهي. ڊاڪٽر ولاڊيمير ڪيونٽ حڪمتِ عملي جي تعريف ڪندي چوي ٿو ته، 'هڪ اهڙي نظريي کي ڳولڻ ترتيب ڏيڻ ۽ تيار ڪرڻ به هڪ نظام آهي، جنهن تي وفاداري سان هلڻ تي طويل مدتي ڪاميابي يقيني حاصل ٿيندي.' انهيءَ کان علاوه ميڪس ميڪ ڪين جو موقف آهي ته، 'حڪمتِ عملي مستقبل جي تشڪيل جي باري ۾ آهي ۽ اها دستياب وسيلن سان گهربل مقصد حاصل ڪرڻ جي انساني ڪوشش جو نالو آهي.' اها سوچ جيڪا غير يقيني صورتحال جي حالتن ۾ هڪ يا وڌيڪ مقصد حاصل ڪرڻ جي لاءِ طئي ڪئي وڃي ٿي انهيءَ کي حڪمتِ عملي چئبو آهي. حڪمتِ عملي جو لفظ ڇهين صدي عيسويءَ ۾ اڀرندي رومن جي اصطلاحن ۾ استعمال ٿيو. 'حڪمت' جي اصطلاح جو مطلب آهي ته هڪ جامع طريقي سان تڪرار ۾ سياسي مقصدن جي پيروي ڪرڻ جي ڪوشش. زندگيءَ جي هر معاملي ۾ حڪمتِ عملي اهم ڪردار ادا ڪري ٿي، ڇو ته پنهنجي مقصدن کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ موجود وسيلا عام طور تي محدود هوندا آهن. حڪمتِ عمليون عام طور تي مقصدن کي ترتيب ڏئي ٿي انهيءَ مان مقصد حاصل ڪرڻ جو طريقو ترتيب ڏيڻ جي لاءِ تمام ضروري هوندي آهي. انهيءَ حڪمت عملي کي ڪامياب ڪرڻ جي لاءِ کنيل قدم جي جاکوڙ کي متحرڪ ڪرڻ تمام اهم هوندو آهي. آئون پنهنجي نوجوانن کي ايترو ضرور چوندس ته ياد رکو حڪمتِ عملي مستقبل کي ترتيب ڏيڻ بابت آهي ۽ هيءَ اها انساني ڪوشش آهي جيڪا موجود وسيلن جي ذريعي ضروري نتيجو حاصل ڪرڻ جي لاءِ صرف هڪڙي نه پر اچڻ وارين نسلن تائين ڪارگر ٿئي ٿي. حڪمتِ عملي اها مستحڪم سوچ آهي جيڪا اوهان کي عملي زندگيءَ ۾ قدم کڻڻ تي مجبور ڪري ٿي، جنهن جي معنيٰ اصل مطلب کي پري جي نظر سان ڏسڻ يا حالتن تي غور و فڪر ڪري نتيجو ڪڍڻ جي ڪوشش کي چئي سگهجي ٿو. جيڪڏهن ڏٺو وڃي ته حڪمتِ عملي بنيادي طور تي سائنسي اصطلاح آهي، انهيءَ ڪري جو حڪمتِ عملي اصل ۾ هڪڙي عمل جي وري وري ڪرڻ ڪانپوءِ اچڻ واري نتيجي جي بنياد تي قائم ڪئي وڃي ٿي. حڪمتِ عملي ٺاهڻ جي بنياد ۾ مشاهدي، تجربي، نتيجي ۽ پيشنگوئي تي ٻڌل تجزيو هوندو آهي، انهيءَ ڪري ڏٺو وڃي ته حڪمتِ عملي کي اسان نظريو به چئي سگهون ٿا، حڪمتِ عملي اصل ۾ اهو اصول يا راءِ هوندي آهي جيڪا معاشري ۾ موجود افراد جي سمجهه ۾ باآساني اچي سگهي، وڌيڪ اهو ته انهيءَ راءِ يا اصول تي آزادي سان بحث ڪري سگهجي، انهيءَ جي مثبت ۽ منفي پهلوئن جي وضاحت ڪري سگهجي، اها ڪجهه ماهرن جي طويل تحقيق جي انجام ۾ قائم ڪيل نڪتو هجي، زير نظر سٽن جو مقصد اصل ۾ حڪمتِ عملي جي وضاحت ۽ اهميت کي پنهنجي انهن نوجوانن تائين پهچائڻ آهي، جيڪي لڏ ڏڏل ۽ اڻ ٻڌل ڳالهين تي يقين رکي ٺلهن دلاسن تي جهمريون هڻڻ ئي پنهنجي لاءِ ڪافي ٿا سمجهن. اسان جي نوجوانن جي بيروزگار هجڻ جو اصل سبب اسان وٽ مستقبل جي حڪمتِ عملي جو نه هجڻ آهي، اسان انهن تي پنهنجي سوچ مڙهي انهن کي پنهنجو ذهني غلام رکڻ جي لاءِ صرف بهترين نعرا ۽ دلاسا حڪمتِ عملي جي مقابلي ۾ ڏنا آهن. اهو ئي سبب آهي جو اسان جي انهن نوجوانن جي اڪثريت لفظ حڪمت عملي جي اهميت کان تمام گهٽ حد تائين واقفيت رکي ٿي. انهن مشاهدن جي روشنيءَ ۾ اسان اڄ هتي گفتگو جي لاءِ لفظ حڪمتِ عملي کي به طور عنوان منتخب ڪيو آهي ته جيئن اسان جي نوجوانن کي حڪمتِ عملي جي بنيادي حيثيت، اهميت ۽ سگهه جو اندازو ٿي سگهي ۽ پوءِ هو پنهنجي سامهون موجود حالتن جي متعلق اِهو سمجهي سگهن ته ڪهڙي طرح اسان حڪمتِ عملي جي تحت ڪاميابي حاصل ڪري سگهون ٿا، جيڪڏهن اسان پنهنجي نوجوانن تي نظر ڪنداسين ته انهن جي لاءِ حڪمتِ عملي جي واقفيت هڪ چئلينج کان گهٽ نه آهي اسان کي اها ڄاڻ هجڻ کپي ته جيئن مادي جي سائنس هوندي آهي اهڙي طرح معاشري جي به هڪ سائنس هوندي آهي، جنهن کي معاشي يا سياسي سائنس جو نالو ڏنو وڃي ٿو. سائنس به هڪ تحقيقي عمل جو نالو آهي، جيڪو اسان جي معاشري ۾ ڏسڻ ۾ ئي نٿو اچي، جيئن ته آئون مٿي عرض ڪري چڪو آهيان ته حڪمتِ عملي هڪ طويل تحقيق ڪانپوءِ وجود ۾ اچي ٿي، اسان جي معاشري جو الميو اِهو رهيو آهي ته هتي اسان سوچڻ جو فن پنهنجي نوجوانن کي سيکاريو ئي ناهي، جنهن جي تحت هُو پنهنجي لاءِ ڪجهه سوچي يا ڪنهن مقصد جو تعين ڪري، معاشرو طبقات ۾ تقسيم رهيو آهي، اڄ اسان جي معاشري کي چاٽي واٽي مختلف عقائد، مسلڪن، قومين ۽ فرقيواريت جي تقسيم ۾ ڦاسايو ويو آهي، جنهن جي ڪري هنن کي اچڻ واري مستقبل جي ڪابه حڪمتِ عملي ناهي ڏني وئي، انهيءَ ڪري حڪمتِ عمليون به هتي جذباتي طور تي مرتب ڪيون وڃن ٿيون، جيڪي يا ته صرف نعرا هوندا آهن يا پنهنجي من پسند ماڻهن جي لاءِ دلاسا، جهڙي طرح شروع ۾ حڪمتِ عملي جي وضاحت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، انهيءَ مان خبر پوي ٿي ته حڪمتِ عملي هڪڙي فڪر جو نالو آهي. لغت جي اعتبار کان اِهو هڪ راءِ يا اصول به ٿي سگهي ٿو سياست يا معيشت ۾ حڪمتِ عملي جي بغير ڪو به معاشرتي يا سماجي نظريو قائم نٿو ڪري سگهجي، ياد رکو نوجوانو تاريخ ۽ تحقيق ته اِهو ٻڌائين ٿيون ته اقتدار جي ڪرسي گلن جي سيج ناهي هوندي ۽ عوام کي بنيادي سهولتن جي فراهمي هڪ سخت محنت جوڳو ڪم آهي پر جيڪڏهن اسان جا فيصلا حڪمتِ عملين جي تحت ڪيل هوندا ته اسان جي صاحبانِ اختيار جي لاءِ ڪرسي گلن جي سيج ثابت ٿي سگهي ٿي ۽ عوام کي بنيادي سهولتون آرام سان پهچائي سگهجن ٿيون پر ٻيهر عرض ڪريان ته اهو سڀ تڏهن ممڪن آهي جڏهن نيت کي صاف رکي حڪمتِ عمليون جوڙيون وڃن. حڪمتِ عملي ۾ گهڻو ڪري حدف جو تعين حدف کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪوششن جو تعين ۽ عمل کي انجام ڏيڻ جي لاءِ وسيلن کي استعمال ڪرڻ شامل آهي، حڪمتِ عملي مان اسان انهيءَ نتيجي تي پهچي سگهون ٿا ته ڪهڙي طرح وسيلن جي استعمال جي ذريعي حدف حاصل ڪري سگهجي ٿو انهي ڪري هيٺين هن مثال تي آئون پنهنجي اجوڪي گفتگو کي ختم ڪريان ٿو، آئون پنهنجي نوجوانن جي لاءِ مٿي عرض ڪري چڪو آهيان ته ڊسمبر 627ع ۾ هرڪولس جي فتح هُن جي شاندار حڪمتِ عملي جو نتيجو هئي، هرڪولس جنهن فوڪاس کي شڪست ڏني پر ايرانين جي طاقت ڏسي هن جي همت جواب ڏئي وئي هئي ۽ هن جي دماغ ڪو به ڪم نه پئي ڪيو پر هن ٻيهر ڪجهه سوچيو ۽ پوءِ هُن هڪڙي نهايت ئي ڪامياب حڪمتِ عملي جوڙي ۽ قسطنطنيه ۾ نهايت عزم و ارادي سان هڪ وڏي جنگي منصوبي تي غور ڪرڻ شروع ڪيو. جڏهن ته انهيءَ وقت صورتحال اهڙي هئي جو 622ع ۾ جڏهن هرڪولس پنهنجون فوجون وٺي قسطنطنيه مان روانو ٿيو ته ماڻهن سمجهيو ته دنيا رومن ايمپائر جو آخري لشڪر ڏسي رهي آهي پر هرڪولس واقف هو ته ايراني حڪومت ساموندي طاقت ۾ ڪمزور آهي، هن پنهنجي ساموندي ٻيڙيءَ کي پٺيان کان حملي جي لاءِ تيار ڪيو ۽ هن پنهنجي فوجين کي بحر اسود جي رستي مان لنگهائي آرمينيا ۾ لاٿو ۽ اُتي عين انهيءَ مقام تي ايرانين جي مٿان هڪ زبردست حملو ڪيو. جتي سڪندرِ اعظم انهيءَ وقت جي ايراني سلطنت کي شڪست ڏني هئي ۽ پوءِ هن شام کان مصر تائين پنهنجو مشهور مارچ ڪيو هو. ايراني انهيءَ غير متوقع حملي کان سخت پريشان ٿي ويا ۽ هرڪولس جي اڳيان سندن پيرئي نه لڳو پر اجا هُو اناطوليا جيڪو خود ايشياءِ ڪوچڪ جي نالي سان پڻ سڃاتو وڃي ٿو ۾ زبردست فوج رکندا هئا، هُو ٻيهر انهيءَ فوج سان حملو ڪن ها، جيڪڏهن هرڪولس انهيءَ ڪانپوءِ اتر جي طرف کان سمنڊ مان اهڙي ئي قسم جي ٻي غير متوقع چڙهائي نه ڪري ها. پوءِ هُو سمنڊ جي رستي کان قسطنطنيه واپس آيو ۽ آوارين (Avers) سان هُن هڪڙو معاهدو ڪيو ۽ انهن جي مدد سان ايرانين کي هنن روڪي ڇڏيو، انهن ٻن حملن ڪانپوءِ وڌيڪ ٽي ٻيون مهمون جاري رکيون، 623ع ۾ 624ع ۽ 625ع ۾ آهي مهمون بحر اسود جي ڏاکڻي ڪنڌي کان حملو ڪري ايراني راڄ ڀاڳ ۾ گهڙي ميسوپوٽوميا تائين وڃي پهتو، انهيءَ ڪانپوءِ ايراني جارحيت جو زور ٽٽي پيو ۽ سڀ ئي رومي علائقا خالي ٿي ويا، هاڻ هرڪولس پاڻ ايراني شهنشاهيت تي حملو ڪرڻ جي پوزيشن ۾ هو تڏهن آخري مارڪو درياءِ دجلا جي ڪناري نينوا جي مقام تي ڊسمبر 627ع ۾ لڳو، تيستائين خسرو جي همٿ جواب ڏئي چڪي هئي، هاڻي هُو پنهنجي محبوب محل دستگرد مان ڀڄڻ جي تياري ڪرڻ لڳو پر ايستائين هُن جي محل جي اندر هِن جي خلاف بغاوت شروع ٿي وئي ۽ هِن جي پٽ شيرديه هن کي گرفتار ڪري هڪڙي تهخاني ۾ بند ڪري ڇڏيو، جتي هو پنج ڏينهن زنده رهيو ۽ پنجن ڏينهن ڪانپوءِ بي يارو مددگار اتي ئي فوت ٿي ويو، هن جي 18 پٽن کي هُن جي اکين جي اڳيان قتل ڪيو ويو، هن جو هي پٽ به اٺ مهينا ئي مس تخت تي رهيو، انهيءَ ڪانپوءِ ٻي شهزاديءَ هن کي قتل ڪري تاج تي قبضو ڪري ورتو. اهڙي طرح شاهي خاندان جي اندر پنهنجو پاڻ ۾ تلوارون هلڻ شروع ٿي ويون، ايستائين جو چئن سالن ۾ نو بادشاه تبديل ٿي ويا، اهڙين حالتن ۾ ظاهر آهي ته نئين سِري کان رومين جو مقابلو ڪرڻ جو سوال ئي پيدا نٿي ٿي سگهيو، خسرو پرويز جي پٽ قباد ثاني رومي قبضن تان هٿ کڻي ناهه ڪري ڇڏيو، آخرڪار مارچ 628ع ۾ فاتح هرڪولس انهيءَ شان ۽ دٻدٻي سان قسطنطنيه واپس آيو جو هن جي رٿ کي چار هاٿي ڇڪي رهيا هئا ۽ ماڻهو گاديءَ واري علائقي جي ٻاهران روشني جو زبردست بندوبست ڪري هٿن ۾ زيتون جون ٽاريون کڻي پنهنجي هيرو هرڪولس جي استقبال جي لاءِ موجود هئا، منهنجا نوجوانو ياد رکو هرڪولس جي ڪاميابي جو اصل سبب هن جي ناهيل بهترين حڪمتِ عملي جو نتيجو هو، آئون عرض ڪيان ته زندگيءَ جي هر پهلو ۾ حڪمتِ عملي اهم آهي ڇو ته مقصد کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ موجود وسيلا عام طور تي محدود هوندا آهن!

ڳرو سال پڄاڻيءَ ڏانهن!



غلام حسين لغاري

2025 جو سال جيڪو گذري ويو يا گذرڻ ۾ باقي ڪجهه ڏهاڙا باقي اٿس عام ماڻهو پورهيتن لاءِ ڳري جو ڳرو رهيو، هن سال به ڪين ڪنهن قسم جو ڪو جوڳو رليف ته ملي نه سگهيو پر اجا به کاڌي پيتي ۽ روزمره جي شين جي اگهن ۾ اضافو رهيو، ٻاهريون ٽماٽو ڦهريون پيرو ڇهه ست سئو رپيا ڪلو ۾ وڪرو ٿيو جڏهن ته مقامي ٽماٽي اگهه نه ڪيو، ويهين ٽيهين روپين جو شاپر وڪرو ٿيو پورهيت آبادگارن لکين روپين جو نقصان برداشت ڪيو، ڪين پاڻ ٻج دوائون ڳچيءَ ۾ پئجي ويون، تيل، گئس ۽ بجليءَ جا اگهه به وڌيا ۽ لوڊشيڊنگ به انهيءَ حد تائين رهي جو سڄو ڏينهن محنت مزدوري ڪري واپس ايندڙ آرام سان سمهي يا کاڌا تيار ڪري پنهنجا پيٽ ڀري نه سگهيا، دوائن جا اگهه ۽ ڊاڪٽرن جون فيون وڌيون، جنهنڪري عام ماڻهو پنهنجو علاج ڪرائڻ کان قاصر رهيو، موتن جو انگ پڻ وڌيو، سنڌ جي سرڪاري ملازمن کي ڏٽن ۽ آسرن تي رکيو ويو، سندن پگهارون ۽ پينشن ته وڌي نه سگهي پر ڪين ڪراچيءَ جي روڊن تي سرعام گهليو ويو.

سنڌ جي ماڻهن کي ڪارپوريٽ فارمنگ ڇهن ڪئنالن جي اڏاوت ڪينجهر جي پٿر ۽ ڪوئلي کي هٿ وٺي تباهه ڪرڻ جهڙن مسئلن ۾ ڏکيو ۽ ڏرڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو، جنهن جي نتيجي ۾ وڏي انگ ۾ پورهيت ماريا ويا، گم ڪيا ويا يا گرفتار ڪيا ويا، جن کي به انصاف نه ملي سگهيو، وڏي ڳالهه اها ته سکر- حيدرآباد موٽر وي جي رٿا ختم ڪري پنجاب حوالي ڪئي وئي، جنهن کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو ڏاڍ ۽ ظلم ڇٽبو. هن وقت به رٿا کي هلائڻ لاءِ سنڌ ۽ ٻيا ادارا پنهنجا وسيلا فراهم ڪري رهيا آهن. جڏهن ته حيدرآباد- مورو - سکر موٽروي توڙي حيدرآباد- ڪراچي موٽروي هڪ ته تباهه حال ٻيو انهن جو ٽول ٽئڪس به وڌايو ويو آهي هرسٽ ڪلوميٽرن تي ٽول پلازه قائم آهن. جڏهن ته اهي ضلعي حدن وٽ هجڻ گهرجن ها.

هي سال سنڌ ۾ انهيءَ ڪري به ڳرو رهيو آهي جو خاص ڪري اتر سنڌ ۾ بدامني وڌيڪ رهي، ماڻهو اغوا ٿيا ماريا ويا، خاندانن جا خاندان تباهه ٿيا. ڪافي هنڌن تي سنڌ جا سورهيه صحافي به قتل ٿيا، جنهنڪري هن سال کي به شهيدن جو سال سڏي سگهجي ٿو. وڏيرا سردار طاقتور هجڻ ڪري عام بيوس ماڻهن جي جائيدادن زمينن تي قبضا ٿيا. بيروزگاريءَ جو انگ وڌيو. هي سال انهيءَ ڪري به ڳرو ٿيو جو اي چالان تي عمل ڪندي گاڏين ۽ موٽر سائيڪلن جي مالڪن کان ڳرا ڏنڊ وصول ڪرڻ جو سلسلو شروع ڪيو ويو. جڏهن ته سنڌ ۾ نه اهي روڊ آهن نه وري رستا ۽ سهولتون. غربت ۽ اي چالان جي ڊپ سبب عام ماڻهو نه آفيسن ڏانهن نه روزگار تي نه وري اسپتالن ڏانهن علاج لاءِ پهچي سگهندو. اي چالان تڏهن ئي نافذ ڪيو وڃي ها جڏهن ٽرئفڪ جون سموريون سهولتون روڊ رستا درست ويڪرا هجن ها. پهرين فهرست ۾ اي چالان سسٽم واپس وٺي ڏنڊ جي رقم ماضي جيتري برقرار رکي وڃي. ٽريفڪ پوليس مان رشوت پڻو ختم ڪريو. نظام سڌري ويندو.

هاڻ نئين سال جو آغاز ٿيڻ وڃي رهيو آهي گهٽ ۾ گهٽ نئين سال ۾ ته سنڌ جي ماڻهن کي ڪو رليف ملڻ گهرجي، سفارشي ڪلچر جو خاتمو اچڻ گهرجي جو ميرٽ تي بيروزگارن کي روزگار ملي سگهي، غربت جو خاتمو اچي. سنڌ سنڌين جي آهي، سنڌ واسين کي سنڌ جي مالڪيءَ جو حق ملڻ گهرجي.

آمريڪا جي فضائن مان

صدر ڪينيڊي جو نالو، ٽرمپ جي تختي ۽ آمريڪي روايت جو امتحان!

راجا زاهد اختر خانزاده

تاريخ کي جيڪڏهن ڪا شيءِ سڀ کان گهٽ پسند آهي ته اهي مصنوعي تختيون آهن. تاريخ دروازن تي لڳل نيم پليٽن سان نه ڳالهائيندي آهي، اها قومن جي فيصلن سان ڳالهائيندي آهي. پر جڏهن طاقت کي اهو گمان ٿي وڃي ته نالو لڪائي ڇڏڻ سان ڪردار بڻجي ويندو آهي، تڏهن پوءِ اهي ئي حرڪتون ٿين ٿيون، جيڪي ڪمزور وراثتن جي سڃاڻپ هونديون آهن. ۽ اڄ آمريڪا ۾ جنهن فيصلي آمريڪي عوام کي به حيران ڪري ڇڏيو آهي، اهو به انهيءَ ئي ڪمزوريءَ جو اظهار آهي. اڄ وائٹ هائوس موجب ڪينيڊي سينٽر جي بورڊ پرفارمنگ آرٽس سينٽر جو نالو تبديل ڪري ٽرمپ- ڪينيڊي سينٽر رکڻ جي حق ۾ ووٽ ڏنو آهي.

پريس سيڪريٽري ڪيرولين ليويٽ سوشل ميڊيا تي چيو ته بورڊ صدر ٽرمپ جي گذريل هڪ سال دوران "عمارت کي بچائڻ لاءِ ڪيل ناقابل يقين ڪم" سبب هن تبديليءَ لاءِ متفقه طور ووٽ ڏنو آهي. ليويٽ مرحوم صدر جان ايف ڪينيڊي کي به مبارڪباد ڏني ۽ لکيو ته "هي مستقبل ۾ واقعي هڪ عظيم ٽيم هوندي. اها عمارت بلاشبه ڪاميابي ۽ شان و شوڪت جي نون درجن تائين پهچندي."

هيءَ تبديلي يقيناً تڪرارن کي جنم ڏيندي، خاص طور واشنگٽن ڊي سي ۾، جتي هي مرڪز ڪينيڊي جي نالي سان تعمير ٿيڻ کان وٺي هڪ مشهور تاريخي علامت طور سڃاتو وڃي ٿو.

آمريڪا جي سياسي تاريخ ۾ ايندڙ صدرن پنهنجا نالا ڇڏيا، عمارتون نه ڦريائون. واشنگٽن گاديءَ واري شهر جو نالو پنهنجي نالي تي نه رکيو. لنڪن يادگار نهرائي پر ان تي 'لنڪن ٽاور' نه لکرايو. روزويلٽ ادارا ٺاهيا پر انهن تي پنهنجي تختي نه لڳرائي. آمريڪي روايت ۾ تاريخ ۾ زنده رهڻ جو رستو هميشه اصولن، فيصلن ۽ قربانين مان گذريو آهي، نه ڪي نالن جي چوري يا يادگارن تي قبضي مان. انهيءَ ڪري جڏهن موجوده صدر ڊونلڊ ٽرمپ جان ايف ڪينيڊي سينٽر جي نالي سان پنهنجو نالو جوڙڻ جي ڪوشش ڪئي ته اهو صرف انتظامي فيصلو نه رهيو. پر آمريڪي تاريخ، روايت ۽ اخلاقي سياست جي سيني تي رکيل هڪ وڏو سوال بڻجي ويو. سوال اهو ناهي ته ٽرمپ فنڊ ڏنا يا مرمت ڪرائي. سوال اهو آهي ته ڇا ڪنهن زنده صدر کي اهو حق آهي ته هو هڪ مقتول صدر جي يادگار کي پنهنجي نالي سان گڏ جوڙي، اهو به اهڙي طريقي سان جو اختلاف واري آواز کي ميوٽ ڪيو وڃي.

ڪينيڊي سينٽر جي بورڊ اعلان ڪيو ته هاڻي ادارو "ٽرمپ ڪينيڊي سينٽر" سڏبو ۽ وائٹ هائوس ان کي متفقه فيصلو قرار ڏئي ڪاميابيءَ طور پيش ڪيو. پر ساڳئي لمحي آمريڪي جمهوريت جو ٻيو چهرو به ظاهر ٿيو. اوهائيو جي ڊيموڪريٽ رڪنِ ڪانگريس جوائس بيٽي ٻڌايو ته فيصلو متفقه نه هو. هوءَ ڳالهائڻ چاهي ٿي پر ڪال ۾ هن کي ميوٽ ڪيو ويو ۽ پوءِ انهيءَ خاموشيءَ کي ئي متفقه راءِ ٻڌائي پيش ڪيو ويو.

هي رڳو انتظامي بدذوقي ناهي، هي فيصلو پنهنجي بنياد ۾ غلط منطق تي بيٺل آهي. ڪينيڊي سينٽر ڪا نجي عمارت ناهي. اهو 1964 واري ڪانگريسي قانون تحت قائم ٿيل قومي يادگار آهي، جنهن کي جان ايف ڪينيڊي لاءِ "زنده ميموريل" قرار ڏنو ويو. جڏهن قانون ڪنهن عمارت کي ميموريل سڏيندو آهي ته پوءِ ان جي نالي سان ڪنهن زنده سياستدان جو نالو جوڙڻ، دراصل رياستي يادگيري تي ذاتي قبضي جي برابر ٿئي ٿو. انهيءَ ڪري ڪينيڊي خاندان ۽ ڪانگريس جي ميمبرن جو ردعمل رڳو جذباتي ناهي، اصولي آهي. انهن جو موقف سادو آهي، جيڪڏهن هي يادگار قانون سان ٺهي آهي ته نالي جي تبديلي به قانون سان ئي ممڪن آهي، نه ڪنهن بورڊ، ڪنهن فون ڪال يا ڪنهن سوشل ميڊيا پوسٽ سان.

هتي اصل سوال هڪ نالي جو ناهي، روايت جو آهي. آمريڪا ۾ ادارا عام طور شخصيتن کان مٿانهان رکيا ويندا آهن. هيءَ روايت پاڪستان ۽ ڏکڻ ايشيا جي ان مزاج کان مختلف رهي آهي، جتي حڪومتون بدلجن ته روڊن جا نالا بدلجن، ايئرپورٽ بدلجن، يونيورسٽيون نون نالن ۾ ري پيڪ ٿي وڃن. ڏکڻ ايشيا ۾ قومي منصوبا ڪڏهن ڪارڪردگيءَ جي علامت نه رهيا، پر تختيءَ جي سياست بڻجي ويا. سي پيڪ هجي، بينظير ايئرپورٽ، موٽر وي هجي، بندرگاهه هجي يا ڪو ميگا پروجيڪٽ، هر دور ۾ ڪوشش اها رهي ته قرباني ڪنهن جي هجي، افتتاح ڪنهن جي هٿن سان هجي ۽ ڪريڊٽ ڪنهن ٻئي جي نالي تي هليو وڃي.

اهوئي سبب آهي جو آمريڪا ۾ هي فيصلو هڪ جهٽڪي جيان محسوس ٿي رهيو آهي، ڇو ته هتي هڪ مقتول صدر جي يادگار سان هڪ زنده صدر جو نالو جوڙي ڇڏڻ هڪ وڏي علامتي لغزش آهي.

هن فيصلي جي غلط هجڻ جا دليل واضح ۽ سخت آهن. پهريون، هي قانون ۽ اختيار جي خلاف آهي. 1964 وارو قانون ڪينيڊي سينٽر کي صاف صاف جان ايف ڪينيڊي جو قومي ميموريل قرار ڏئي ٿو. ٻيو، هي جمهوريت جي اخلاقيات جي نفي آهي. اختلاف جي آواز کي ميوٽ ڪري متفقه فيصلو ڏيکارڻ اهوئي طريقو آهي جيڪو ڪمزور جمهوريتن ۾ ڏٺو وڃي ٿو. ٽيون، هي اداراتي تقدس کي زخمي ڪري ٿو. هڪ قومي ثقافتي علامت کي زنده صدر جي برانڊنگ بڻائي ڇڏڻ، ان کي غيرجانبدار ادارو نٿو رهڻ ڏي، پر سياسي ٽرافي بڻائي ڇڏي ٿو. چوٿون، هي خطري واري نظير قائم ڪري ٿو. اڄ ڪينيڊي سينٽر، سڀاڻي لنڪن ميموريل، پرهينءَ جيفرسن ميموريل. پنجون، هيءَ ڪارڪردگي نه پر ڪريڊٽ جي سياست آهي. 257 ملين ڊالر عوامي خزاني مان آيا، هي ٽرمپ يا ڪنهن شخص جي ذاتي جاگير ناهي جو ان تي هو پنهنجو نالو ٽنگي.

هتي هڪ ٻيو پهلو به نمايان ٿئي ٿو جيڪڏهن تاريخ ۾ زنده رهڻ جو ڪو شارٽ ڪٽ ريپبلڪن روايت ۾ هجي ها ته ٽرمپ اتي ئي گذري وڃي ها. پر ريپبلڪن تاريخ ۾ آئزن هاور، لنڪن ۽ ريگن جهڙا ستون موجود آهن. تنهن ڪري ٽرمپ هڪ مختلف دروازو کڙڪايو، هڪ ڊيموڪريٽ صدر جو دروازو. اهوئي جان ايف ڪينيڊي، جنهن جي نظرين سان ٽرمپ جي سياست هميشه ٽڪراءَ ۾ رهي، پر جنهن جو نالو موت کان پوءِ طاقت بڻجي ويو. هي فيصلو رڳو نالي جو اضافو ناهي، هي علامتي قبضي جي ڪوشش آهي. هڪ زنده ماڻهوءَ جو هڪ شهيد علامت تي سايو وجهڻ جي ڪوشش.

ساڳي نفسيات ٽرمپ جي نوبيل امن انعام جي خواهش ۾ به نظر اچي ٿي. هو جنگيون نه روڪي، پر انهن تي پنهنجي تختي لڳائڻ چاهي ٿو. ڪٿي وچ اوڀر ۾ ڪنهن ٻئي جي قرباني، ڪٿي ڏکڻ ايشيا ۾ ڪنهن ٻئي جي برداشت ۽ ڪئميرا اڳيان بيٺل ٽرمپ، امن جي چهري سان.

سوال اهو آهي ته جڏهن هو صدر نه رهندو ته ڇا هي سڀ ڪجهه برقرار رهندو. تاريخ جو مزاج چوي ٿو نه! جيڪي فيصلا قانون جي سهاري کان سواءِ ٿين ٿا. اهي وقت سان گڏ ڪمزور ٿي وڃن ٿا. جيئن ڊيپارٽمينٽ آف ڊفينس کي "ڊيپارٽمينٽ آف وار" سڏائڻ جي ڪوشش، جنهن کي ڪانگريس ڪڏهن قبول نه ڪيو.

پاڪستاني پڙهندڙ انهيءَ نفسيات کي چڱيءَ ريت ڄاڻي ٿو. طاقت سان لکيل نالو طاقت سان ئي مٽجي ٿو. قائداعظم، ڀٽو، منڊيلا ڪنهن عمارت جا محتاج نه هئا. ۽ شايد اها ئي ڳالهه اڄ آمريڪي عوام لاءِ سڀ کان وڌيڪ چرڪائيندڙ آهي. اهي ڏسي رهيا آهن ته سندن نظام، جنهن تي هو فخر ڪندا هئا. آهستي آهستي ڏکڻ ايشيا جي سياست جهڙو ٿيندو پيو وڃي، جتي ادارا ڪمزور ۽ شخصيتون مضبوط ٿين ٿيون.

۽ آخر ۾ اها تلخ حقيقت جنهن کان فرار ممڪن ناهي. پاڪستان جي موجوده صدر آصف علي زرداري بابت ورهيه اڳ اهو جملو چيو ويندو رهيو ته هو به تاريخ ۾ زنده رهڻ چاهي ٿو پر ڏکڻ ايشيا ۾ تاريخ ۾ زنده رهڻ جي خواهش اڪثر خدمت نه بڻي، حڪمت عملي بڻجي وڃي ٿي ۽ جڏهن اها حڪمت عملي ڪو ٻيو رستو اختيار ڪري، نتيجو اهوئي نڪري ٿو جيڪو اڄ آمريڪا ۾ ٽرمپ جي معاملي ۾ نظر اچي ٿو.

تاريخ ۾ زنده رهڻ جو اصول هڪ ئي آهي. جيڪو قوم لاءِ سچ ڳالهائي، اهو لکجي وڃي ٿو. جيڪو قرباني ڏئي، اهو ياد رهي ٿو. جيڪو صرف تختي گهڙي، اهو ڪجهه سالن جو شور بڻجي رهجي وڃي ٿو.

ڪينيڊي سينٽر جي تختي اڄ بدلجي به وڃي، تاريخ جي تختي نه بدلجندي. ڇو ته تاريخ اهوئي نالو رکندي آهي جيڪو پنهنجي سايي کان نه، پنهنجي ڪردار کان وڏو هجي

مصنوعي ذهانت (AI) جي دور ۾ زندگي: خدشا، موقعا ۽ نيون حقيقتون

غلام فاروق

مصنوعي ذهانت انساني تاريخ جي انهن انقلابي ايجادن مان آهي، جيڪا آهستي آهستي نه پر تيزيءَ سان انساني زندگيءَ جي هر شعبي ۾ داخل ٿي رهي آهي. اها رڳو ڪمپيوٽرن، روبوٽن يا سافٽ ويئر پروگرامز تائين محدود ناهي، پر انسان جي سوچ، فيصلا ڪرڻ، سکڻ، علاج ڪرڻ ۽ سماجي روين کي به نئين سر ترتيب ڏئي رهي آهي. جيئن جيئن دنيا 2050ع ڏانهن وڌي رهي آهي، تيئن تيئن اهو سوال وڌيڪ اهم ٿيندو پيو وڃي ته مصنوعي ذهانت مستقبل ۾ ڪهڙي حيثيت رکندڙ هوندي. انسان سان ان جو تعلق ڪهڙو هوندو ۽ ڇا اها انسان لاءِ نعمت ثابت ٿيندي يا نئون چئلينج بڻجندي؟

انساني تاريخ ۾ هر وڏي تبديلي شروعات ۾ خوف، شڪ ۽ ٻڏتر کي جنم ڏنو آهي. جڏهن مشينون آيون ته ماڻهن کي روزگار وڃائڻ جو ڊپ ٿيو. جڏهن ڪمپيوٽر آيا ته انسان پاڻ کي بيڪار سمجهڻ لڳو ۽ جڏهن انٽرنيٽ عام ٿيو ته معلومات جي سچائيءَ بابت سوال پيدا ٿيا. مصنوعي ذهانت به اهڙي ئي مرحلي مان گذري رهي آهي، پر فرق اهو آهي ته هيءَ ٽيڪنالاجي صرف انساني ڪم کي نه پر انساني ذهانت کي به چئلينج ڪري رهي آهي. 2050ع تائين پهچندي، AI انسان جي ذهني صلاحيتن جو مقابلو نه پر انهن جي توسيع بڻجي چڪي هوندي.

تعليم جي دنيا ۾ مصنوعي ذهانت بنيادي ڍانچي کي بدلائي ڇڏيندي. روايتي اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽيون عمارتن تائين محدود نه رهنديون، پر سکيا هر انسان جي ذاتي دنيا جو حصو بڻجي ويندي. هر شاگرد وٽ هڪ ذهين ڊجيٽل ساٿي هوندو، جيڪو نه رڳو سبق پڙهائيندو، پر شاگرد جي نفسيات، دلچسپين ۽ ذهني دٻاءَ کي به سمجهندو. اهو نظام شاگرد کي ناڪام ٿيڻ بدران سکڻ جا نوان رستا ڏيکاريندو. امتحانن جو تصور به بدلجي ويندو، جتي يادگيري بدران سمجهه، تخليق ۽ تجزئي کي اهميت ڏني ويندي. اهڙي ماحول ۾ استاد جو ڪردار ختم نه ٿيندو، پر وڌيڪ انساني بڻجي ويندو، جتي هو علم سان گڏ اخلاق، برداشت ۽ سماجي ذميواري به سيکاريندو.

صحت جي شعبي ۾ 2050ع تائين مصنوعي ذهانت زندگي ۽ موت جي وچ ۾ فرق بڻجي سگهي ٿي. انسان جو جسم هر لمحي ڊيٽا پيدا ڪري ٿو جيڪا اڄ ضايع ٿي وڃي ٿي، پر مستقبل ۾ اها ڊيٽا انسان جي حفاظت جو ذريعو بڻجندي. AI سسٽم انسان جي عادتن، خوراڪ، ننڊ، جذبات ۽ جسماني تبديلين کي ڏسي بيمارين جي اڳڪٿي ڪندو. بيماري ظاهر ٿيڻ کان اڳ ئي خبردار ٿيڻ سان علاج وڌيڪ آسان، سستو ۽ اثرائتو ٿي ويندو جراحي جي دنيا ۾ روبوٽڪ نظام ايترو ترقي ڪري ويندا جو انتهائي نازڪ آپريشن به بغير ڪنهن ٿڪاوٽ ۽ غلطيءَ جي انجام ڏنا ويندا. انسان ۽ مشين گڏجي اهڙا طبي معجزا سرانجام ڏيندا، جيڪي اڄ تصور کان ٻاهر آهن.

معيشت ۽ روزگار بابت خدشا 2050ع تائين وڌيڪ واضح ٿي ويندا. ڪيترائي ماڻهو ڊڄن ٿا ته مصنوعي ذهانت انسان کان روزگار کسي وٺندي پر حقيقت ان کان گهڻي ڳنڀير آهي. تاريخ ٻڌائي ٿي ته هر نئين ٽيڪنالاجي پراڻن روزگارن کي ختم ڪري نوان موقعا پيدا ڪيا آهن. AI به اهڙو ئي عمل ڪندي، فرق صرف رفتار جو هوندو. اهي ماڻهو جيڪي سکڻ، پاڻ کي تبديل ڪرڻ ۽ نيون مهارتون حاصل ڪرڻ لاءِ تيار هوندا، اهي اڳتي وڌندا، جڏهن ته مزاحمت ڪندڙ پوئتي رهجي ويندا. انسان جو ڪم جسماني محنت کان وڌيڪ ذهني، تخليقي ۽ انساني رابطن تي ٻڌل هوندو، جتي مشينون مددگار هونديون.

حڪمراني ۽ انتظاميا ۾ مصنوعي ذهانت فيصلا ڪرڻ جو طريقو بدلائي ڇڏيندي. حڪومتون عوامي ڊيٽا جي بنياد تي پاليسيون ناهينديون، وسيلن جي ورڇ وڌيڪ منصفاڻي ٿيندي ۽ بدعنواني جا امڪان گهٽجي ويندا. ٽريفڪ، پاڻي، بجلي، شهري سهولتون ۽ ايمرجنسي خدمتون Ai سرشٽي سان ڳنڍيل هونديون، جنهن سان شهري زندگي وڌيڪ منظم بڻجندي، عدالتن ۾ ڪيسن جي تياري، قانوني مثالن جو جائزو ۽ وقت بچائڻ لاءِ AI مددگار هوندي، پر انصاف جو حتمي فيصلو انسان وٽ ئي رهندو، ڇاڪاڻ ته انصاف صرف ڊيٽا نه پر احساس جي به تقاضا ڪري ٿو. پوليس فورس ۽ سيڪيورٽي ۾ مصنوعي ذهانت ڏوهن جي اڳڪٿي ڪرڻ جي صلاحيت رکندڙ هوندي، جنهن سان ڪيترائي جرم ٿيڻ کان اڳ ئي روڪي سگهبا. ڪيمرا، سينسر ۽ ڊيٽا اينالسس گڏجي شهرن کي وڌيڪ محفوظ بڻائيندا، پر ساڳي وقت پرائيويسي ۽ انساني آزاديءَ بابت خدشا پڻ وڌندا. 2050ع جي دنيا کي اهو طئي ڪرڻو پوندو ته حفاظت جي نالي تي ڪيتري حد تائين نگراني جائز آهي، ڇو ته مڪمل ڪنٽرول انساني آزاديءَ کي خطري ۾ وجهي سگهي ٿو.



ميڊيا، ادب ۽ صحافت ۾ مصنوعي ذهانت نوان سوال پيدا ڪندي. خبرون لکڻ، تجزيا ڪرڻ، وڊيوز ٺاهڻ ۽ آواز پيدا ڪرڻ AI لاءِ ڪا ڏکي ڳالهه نه رهندي. جعلي خبرون، جعلي وڊيوز ۽ آواز سچ ۽ ڪوڙ جي وچ ۾ فرق کي وڌيڪ مشڪل بڻائيندا. اهڙي صورتحال ۾ انساني صحافي، اديب ۽ دانشور جو ڪردار وڌيڪ اهم بڻجندو، ڇو ته سچائي، ضمير ۽ سماجي ذميواري مشين ۾ نه پر انسان ۾ هوندي آهي.

اخلاقي پهلو 2050ع ۾ مصنوعي ذهانت سان جڙيل سڀ کان وڏو سوال هوندو. ڇا مشين کي انساني زندگيءَ بابت فيصلا ڪرڻ جو حق هجڻ گهرجي؟ ڇا ڊيٽا جي بنياد تي انسان جي اهميت طئي ڪرڻ منصفاڻو آهي؟ ڇا جذبات کان خالي نظام انساني همدرديءَ جي جاءِ وٺي سگهي ٿو؟ اهي سوال رڳو سائنس جا نه، پر فلسفي، مذهب ۽ سماج جا به سوال هوندا. مصنوعي ذهانت کي ضابطن، قانونن ۽ اخلاقي اصولن ۾ ٻڌي رکڻ انساني بقا لاءِ لازمي جزو هوندو.

2050ع ۾ انسان ۽ مصنوعي ذهانت جو تعلق مقابلي جو نه، پر شراڪت جو هوندو. مشين انسان کي بيڪار نه، پر وڌيڪ ذميوار بڻائيندي. جيڪي قومون اڄ تعليم، تحقيق ۽ اخلاقي تربيت ۾ AI کي صحيح نموني شامل ڪنديون، اهي مستقبل ۾ اڳواڻ بڻجنديون، جڏهن ته پوئتي رهجندڙ قومون ٽيڪنالاجي تي ڀاڙيندڙ ۽ محتاج بڻجي سگهن ٿيون.

آخرڪار، 2050ع جي دنيا مشينن جي حڪمراني واري نه پر انسان ۽ مصنوعي ذهانت جي گڏيل سمجهه واري دنيا هوندي. مصنوعي ذهانت هڪ طاقت آهي، پر اها طاقت انسان جي هٿ ۾ آهي. اهو انسان تي دارومدار رکي ٿو ته هو ان طاقت کي انسانيت جي خدمت لاءِ استعمال ڪري، يا انسانيت کي مشينن جي رحم و ڪرم تي ڇڏي ڏئي. مستقبل انهن جو هوندو، جيڪي اڄ ذميواري سان سوچين ٿا، ڇو ته ٽيڪنالاجي جو رخ بدلجي سگهي ٿو، پر انساني قدرن جي حفاظت هميشه انسان کي ئي ڪرڻي پوندي.

[(غلام فاروق، ماهر اقتصاديات، شماريات ۽ پي- ايڇ- ڊي ريسرچ اسڪالر (Artificial Intelligence) (يونيورسٽي آف يونيمارڪوني، اٽلي) ايڊيشنل ڊائريڪٽر اي-آئي ۽ ريسرچ، ايشين انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز جي عهدي تي فائز آهي]

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ سينئر سول جج ٽنڊوالهيار
ايڪسي سوٽ نمبر211 سال 2025

مسمات مهناز زال محمد چنو ڌي سومرو...پليئنٽف...خلاف: (8) مسمات جنت ڌي سومرو زال علي بخش فوتي معرفت سندس قانوني وارث: (I) انور پٽ علي بخش (II) بهارو پٽ علي بخش (III) مسمات زينب ڌي علي بخش (IV) مسمات رشيده ڌي علي بخش (V) مسمات بي بي ڌي علي بخش (VI) مسمات شهزادي ڌي علي بخش (VII) مسمات حاڪم ڌي علي بخش (VIII) مسمات صابو ڌي علي بخش ڊفينڊنٽس نمبر 08 وارث بالغ مسلم ذات لاشاري رهندڙ ڳوٺ ڏاڪو بروڙدار تعلقو ۽ ضلعو ٽنڊوالهيار...ڊفينڊنٽ

تلي معين ڊفينڊنٽ ڏانهن

جيئن ته معين پليئنٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪليئريشن، پزيشن، پرمننٽ اينڊ مينڊيٽري انجنڪشن لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 07-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

فرسٽ سينئر سول ڪورٽ ٽنڊوالهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
فيملي سوٽ نمبر 523 سال 2025

مسمات زيب النساء زال عبدالستار ڌي عارب سيال رهندڙ ڳوٺ نيازي خان سيال تعلقو نوابشاهه ...پليئنٽف...خلاف: عبدالستار پٽ محمد بادل سيال رهندڙ ڳوٺ حاجي خدا بخش سيال تعلقو قاضي احمد ...ڊفينڊنٽ

تلي معين ڊفينڊنٽ ڏانهن

جيئن ته معين پليئنٽف توهان جي خلاف سوٽ فار مينٽيننس لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 24-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

فيملي ڪورٽ شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول اينڊ فيملي جج-II قاضي احمد
گارڊين شپ ايپليڪيشن نمبر 49 سال 2025

محمد سيفل پٽ محمد رفيق رهندڙ ڳوٺ ڏٿي بخش سلوڪاڻي تعلقو قاضي احمد...ايپليڪينٽ...خلاف: (1) مسمات خديجه ڌي محمد رفيق (2) عزيزان ڌي محمد رفيق ٻئي رهندڙ ڳوٺ ڏٿي بخش سلوڪاڻي تعلقو قاضي احمد (3) پبلڪ ايٽ لارج....اپوزيٽس

تلي معين اپوزيٽس ڏانهن

جيئن ته معين ايپليڪينٽ گارڊين شپ درخواست داخل ڪئي آهي مائنر نالي (1) لال بادشاهه (2) فيصل جي گارڊين جي مقرري آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 22-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

سول فيملي جج اينڊ جي ايم-II قاضي احمد

ڪورٽ نوٽيس

9th سول جج اينڊ جي ايم حيدرآباد سنڌ
فيملي سوٽ نمبر___ سال 2025

مسمات صبا ڌي غلام مصطفيٰ صمراڻي زال محبت علي ....پليئنٽف...خلاف: محبت علي پٽ محمد اقبال صمراڻي رهندڙ طالب المولىٰ محلو تعلقو ٽنڊو آدم ضلعو سانگهڙ. سيل نمبر 03196522834، 03102467690....ڊفينڊنٽ

تلي معين ڊفينڊنٽ ڏانهن

جيئن ته معين پليئنٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ، مينٽيننس اينڊ ريٽرن آف ڊاوري آرٽيڪلز لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 22-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

9th سول جج اينڊ جي ايم حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول جج اينڊ جي ايم-III حيدرآباد
ٿرڊ ڪلاس سيل سوٽ نمبر 23 سال 2025

ذوالقرنين پٽ نصرالله سهتو رهندڙ هائوس نمبر A/5 آتوپان روڊ حسين آباد حيدرآباد...پليئنٽف...خلاف: مقصود علي پٽ گل محمد لاکو رهندڙ ڳوٺ اراضي تعلقو سيوهڻ ضلعو ڄامشورو. سيل نمبر 0300-3345750...ڊفينڊنٽ

تلي معين ڊفينڊنٽس ڏانهن

جيئن ته معين پليئنٽف سوٽ فار رڪوري آف اماؤنٽ -/2743101 رپيا لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 07-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

سول جج اينڊ جي ايم-III حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاهه
نمبر 135 سال 2025

مسمات نيلم ڌي مظهر علي لنڊ وينل چيهر خان ڳاڏهي تعلقو ڪي اين شاهه....مدعي...خلاف: نذير پٽ غلام قادر ذات لنڊ وينل شيخ محلو...مير حسن چوڪ تعلقو ڪي اين شاهه ضلعو دادو.....مدعا عليه

تلي معين ڊفينڊنٽ ڏانهن

جيئن ته معين پليئنٽ توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ۽ مينٽيننس رڪوري آف ڊاوري آرٽيڪلز لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 22-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

سيڪنڊ سول ڪورٽ ڪي اين شاهه

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول فيملي جج اينڊ جي ايم سڪرنڊ
(روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي)
فيملي سوٽ نمبر 164 سال 2025

مسمات صوبيه ڌي علي حسن بروهي ڳوٺ دليل ديرو تعلقو سڪرنڊ ...پليئنٽف...خلاف: عنايت الله پٽ حبيب ماڇي ڳوٺ خير شاهه تعلقو سڪرنڊ سيل نمبر: 03000-174074.....ڊفينڊنٽ

تلي معين ڊفينڊنٽس ڏانهن

جيئن ته معين پليئنٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 22-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

سول اينڊ فيملي جج/ جي ايم-II سڪرنڊ

ڪورٽ نوٽيس

ڪنزيومر پروٽيڪشن ڪورٽ اينڊ CJ/JM حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 2126 سال 2025

مسمات هاجره ڌي حسين شاهه رهندڙ محلو هالاڻي محرابپور تعلقو نوشهروفيروز حال رهندڙ گهر نمبر B-46 شهباز بلڊنگ پيون ڪالوني حيدرآباد ...پليئنٽف...خلاف: سيد لياقت علي شاهه ولد سيد وڏل شاهه رهندڙ ڳوٺ ٽنڊو عالم مري پي او ٽنڊو عالم مري ضلعو حيدرآباد...ڊفينڊنٽ

تلي معين ڊفينڊنٽس ڏانهن

جيئن ته معين پليئنٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 23-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

ڪنزيومر پروٽيڪشن ڪورٽ اينڊ CJ/JM حيدرآباد

عام اطلاع

هرعام وخاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته منهنجي زمين سروي نمبر 41-42 ديهه ڳنجو ٽڪر نزد پنياري واهه نالي ڪبير ستي حالا ناڪ حيدرآباد تي ڪجهه قبضه گروپ ناجائز قبضو ڪيو آهي ۽ مختلف ماڻهن کي فروخت پڻ ڪري رهيا آهن جڏهن ته منهنجو مذڪوره بابت ڪيس ڪورٽ ۾ هلندڙ آهي آئون هن اشتهار ذريعي تمام خريدارن کي آگاهه ٿو ڪيان ته مذڪوره زمين جو قانوني مالڪ آئون آهيان لهذا ڪنهن به قسم جي خريد فروخت کان پاسو ڪن ٻي صورت ۾ پنهنجي نفعي نقصان جا پاڻ ذميوار هوندا.

محمد رضوان ولد نصير احمد خان
رهندڙ اتحاد ڪالوني يونٽ نمبر 6 لطيف آباد حيدرآباد

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع لاءِ ڏجي ٿو ته عرضدار دريا خان پٽ شهداد اسان کي درخواست ڏني آهي ته هيٺ ذڪر ڪيل فوتين جي سندن حصي موجب زرعي زمين سروي نمبر 108 ديهه هٽڙي ٽپو هٽڙي تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جن جا فوتي کاتا سندن جائز وارثن ۾ ڪري ڏنا وڃن. فوتي گهڻو پٽ محمد بچل جيڪو مورخه08.12.2020 تي فوت ٿي ويو جنهن جا وارث: پير بخش (پٽ)، نذير (پٽ)، واحد (پٽ)، مسمات حميده (ڌي)، مسمات صغران (ڌي)، مسمات رشيده (ڌي)، مسمات فهميده (ڌي)، مسمات حليمان (بيوه). فوتي لونگ پٽ محمد بچل جيڪو مورخه 01.02.2018 تي فوت ٿي ويو جنهن جا وارث: امير بخش (پٽ)، محبوب (پٽ)، مسمات راڻي (بيوه). فوتي ملو ولد ڏنو جيڪو مورخه 01.02.2015 تي فوت ٿي ويو جنهن جا وارث: منٺار (پٽ)، دلدار (پٽ)، گل حسن (پٽ)، شوڪت علي (پٽ)، مسمات سمي (ڌي)، مسمات شم (ڌي)، مسمات سوني (بيوه). فوتڻ مسمات پٺاڻي ڌي الله ڏنو جيڪا مورخه 09.09.2024 ۽ مراد علي پٽ بچو جيڪو مورخه 14.04.2022 تي فوت ٿي وئي جنهن جا وارث: بچو (پٽ)، محمد علي (پٽ)، نواز علي (پٽ)، احسان علي (پٽ)، اميد علي (پٽ)، مسمات ماروي (ڌي)، مسمات ليلان (ڌي). فوتڻ مسمات ايمان ڌي شهداد زال محمد ملوڪ جيڪو مورخه 12.06.2020 تي فوت ٿي وئي جنهن جا وارث: وارث پائر ۽ پٽرون آهن فوتڻ مسمات حوا ڌي شهداد زال مير محمد جيڪو مورخه 02.05.2023 تي فوت ٿي وئي جنهن جا وارث: علي نواز (پٽ)، علي شير (پٽ)، گل شير (پٽ)، ولي محمد (پٽ)، رحمان (پٽ)، علي گل (پٽ)، ڪزبانو (ڌي)، حسنل (ڌي)، مسمات ثمينه (ڌي)، مسمات شهربانو (ڌي). فوتڻ مسمات گل بانو ڌي شهداد زال غلام اڪبر جيڪو مورخه 01.04.2015 تي فوت ٿي وئي جنهن جا وارث: نبي بخش (پٽ)، شاهد علي (پٽ)، نويد (پٽ)، مسمات فوزيه (ڌي)، مسمات صنم (ڌي)، غلام اڪبر (مڙس). فوتي علي نواز پٽ مير محمد جيڪو مورخه تي فوت ٿي ويو جنهن جا وارث: مسمات سپائي (ڌي)، مسمات نرما (ڌي)، مسمات سهانا (ڌي)، مسمات منا (ڌي)، مسمات زيب النساء (بيوه)، مسمات ستاره (ڌي)، مسمات صاحبه (ڌي)، مسمات ڪلثوم (ڌي). فوتي جانو پٽ ڏنل جيڪو مورخه15.07.1977 تي فوت ٿي ويو جنهن جا وارث: محمد بچل (پٽ)، محمد عرس (پٽ)، مسمات ڪتو (ڌي)، مسمات جشيندو (ڌي). فوتي محمد عرس ولد جانو جيڪو مورخه تي فوت ٿي ويو جنهن جا وارث: رياض علي (پٽ)، رضا محمد (پٽ)، مسمات سبحاڻي (ڌي)، مسمات زمران (ڌي)، مسمات صائمه (ڌي)، مسمات خانزادي (بيوه). فوتڻ مسمات ڪتو ڌي جان محمد زال ڏنو جيڪو مورخه10.03.2013 تي فوت ٿي وئي جنهن جا وارث: ملو (پٽ)، وسايو (پٽ)، ڏنو (پٽ)، مسمات پٺاڻي (ڌي)، مسمات راڻي (ڌي)، مسمات مير زادي (ڌي). فوتڻ مسمات جيئندو ڌي جان محمد زال دريا خان جيڪو مورخه06.02.2010 تي فوت ٿي وئي جنهن جا وارث: بادل پٽ شهداد، مسمات حليمان ڌي شهداد، مسمات زليخان ڌي شهداد. فوتڻ مسمات سپائي ڌي ملو جيڪو مورخه 10.07.1972 تي فوت ٿي وئي جنهن جا وارث: مراد علي پٽ بچو ماڪوڙو عرف ڪيوڙو پٽ بچو مسمات خانزادي ڌي بچو فوتڻ مسمات خانزادي ڌي بچو زال احمد جيڪو مورخه10.08.2002 تي فوت ٿي وئي جنهن جا وارث: محمد اسماعيل (پٽ). فوتي ڪيوڙو عرف ماڪوڙو جيڪو مورخه10.05.2000 تي فوت ٿي ويو جنهن جا وارث: محمد عمر (پٽ)، آمنت (ڌي). فوتڻ مسمات آمنت ڌي ڪيوڙو زال گل محمد جيڪو مورخه12.06.2009 تي فوت ٿي وئي جنهن جا وارث: حاجي (پٽ)، جاويد (پٽ)، مسمات سهڻي (ڌي)، مسمات جامزادي (ڌي). جن جي نالن تي فوتي کاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن کانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪوبه جائز وارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جڪراڦاٽڪ مير پور خاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري. معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو.

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع لاءِ ڏجي ٿو ته عرضدار نالي نبي بخش ولد دائود رهندڙ ڳوٺ هٽڙي تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس ماءُ نالي مسمات حوا زال دائود ڏاهري تاريخ 15-01-2019 تي فوت ٿي وئي آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين/ پلاٽ/ سروي نمبر344، 222 ايراضي حصي موجب ديهه هٽڙي ٽپو هٽڙي تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسه عام / بيان ڏني آهي. (1) نبي بخش (پٽ) (2) محمد صالح (پٽ) (3) مسمات شهزادي (ڌيءَ)، (4) مسمات امام زادي (ڌيءَ)، (5) مسمات جنان (ڌيءَ). جن جي نالي تي فوتي کاتو تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن کانسواءِ فوتين جو ٻيو ڪوبه جائزوارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتو تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (07) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع آفيس ايڊريس: جڪرا ڦاٽڪ ميرپورخاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري.معياد گذرڻ بعد فوتي کاتا تبديل ڪيا ويندا ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندي

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

هر عام و خاص کي هن اشتهار ذريعي اطلاع ٿو ڏجي ته اسان جي آفيس ۾ درخواستگذار نالي اوم پرڪاش ولد ڪيمچند ذات کتري رهندڙ ڳوٺ غلام نبي شاهه تعلقو پٿورو ضلعو عمرڪوٽ درخواست ڏني آهي ته منهنجو پڙڏاڏو نالي هري رام ولد جيوراج کتري فوت ٿي چڪو آهي جنهن جو فوتي کاتو بدل ڪيو وڃي جنهن جي کاتي ديهه غلام نبي شاهه ۾ ڪل ايراضي 00-12 ايڪڙ پنجاڻي زرعي زمين واقعي آهي جنهن جو فقط هڪ پٽ پاڳچند ولد هري رام هو جيڪو فوت ٿي چڪو آهي جنهن جو هڪ پٽ نالي: ڪيمچند ولد پاڳچند هو جيڪو پڻ فوت ٿي چڪو آهي جنهن جا هيٺيان وارث آهن: (1) سروڻ ڪمار پٽ ڪيمچند (2) پرشوتم (پٽ) (3) نريش ڪمار (پٽ) (4) ڌنراج (پٽ) (5) ڪرشن ڪمار (پٽ) (6) اجيت ڪمار (پٽ) (7) اوم پرڪاش (پٽ) (8) جهامنداس (پٽ) (9) ديوي ٻائي (زال) ڪيمچند وارث ڇڏيا آهن جن بابت سرزمين تي ٻن معزز ماڻهن هر هڪ نالي: جگديش ولد پوجراج (2) ڀهلاج ولد ڀڳوانداس ٻئي رهندڙ غلام نبي شاهه تعلقو پٿورو جا بيان رڪارڊ ڪيا ويا جيڪڏهن ڪنهن به فرد يا اداري کي ڪوبه اعتراض اعتراض وغيره هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ روبرو پيش ڪري ٻي صورت ۾ مدو گذرڻ کانپوءِ فوتي کاتو بدل ڪيو ويندو ۽ پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو.

مختيارڪار (روينيو) تعلقو پٿورو

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي خير محمد ولد اسماعيل ورياهه وينل ڳوٺ بچل ورياهه تعلقو ۽ ضلعو مٽياري اسان جي آفيس ۾ درخوست ڏني آهي ته سندس والد اسماعيل ولد احمد ورياهه جيڪو ايجوڪيشن کاتي مان رٽائرڊ P.S.T هو نوٽ: مرحوم جون ٻه شاديون ٿيل هيون ۽ سني فقه جو مسلمان هو جيڪو تاريخ 04-07-2025 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي هيٺين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو وڃي: (1) مسمات صدوري (پهرين گهرواري بيواهه)، (2) محمد ابراهيم (پهرين گهرواري مان پٽ) (3) خير محمد (پهرين گهرواري مان پٽ) (4) مسمات حاجاڻي (ٻي گهرواري بيواهه) (5) محبوب (ٻي گهرواري مان پٽ) (6) احمد (ٻي گهرواري مان پٽ) (7) شاهنواز (ٻي گهرواري مان پٽ) (8) علي اڪبر (ٻي گهرواري مان پٽ) (9) ياسمين (ٻي گهرواري مان ڌيءَ)، (10) شميم (ٻي گهرواري مان ڌيءَ) (11) ثمرين (ٻي گهرواري مان ڌيءَ) (12) شازمين (ٻي گهرواري مان ڌيءَ) (13) شاهين (ٻي گهرواري مان ڌيءَ). جڏهن ته اهڙي تصديق ٻن شاهدن هر هڪ نالي: شمس الدين ولد مجنون ورياهه (2) ريڏنو ولد محمد آچر ورياهه جن پڻ اسان جي روبرو ڪئي آهي. جنهنڪري هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتيءَ جي مٿين جائز وارثن بابت ڪوبه اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن جي اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري، مدو گذرڻ بعد ڪوبه اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ قانون موجب فوتيءَ جي مٿين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو ويندو.

مختيارڪار (روينيو) تعلقو مٽياري

عام اطلاع

هر عام و خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته آئون نالي سائره بيگم زال رياض الدين شناختي ڪارڊ نمبر: 41303-1474628-2 هڪ عدد فليٽ نمبر 16 سيڪنڊ فلور الحرم هائيٽس يونٽ نمبر9 لطيف آباد حيدرآباد جو سودو نالي شبنم زال سعيد احمد شيخ شناختي ڪارڊ نمبر 41303-2457338-2 سان ڪيو آهي ان ڏس ۾ اگر ڪنهن به شخص يا اداري کي ڪنهن به قسم جو ڪوبه قانوني اعتراض وغيره هجي ته هن اشتهار شايع ٿيڻ جي 07 ڏينهن اندر پنهنجا اعتراض مون کي يا لاڳاپيل اداري کي دستاويزي ثبوت سان پيش ڪري.ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ کانپوءِ ڪوبه اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ قانوني ڪارروائي مڪمل ڪئي ويندي.

سائره بيگم زال رياض الدين
موبائل نمبر 03163387998

لاتعلقي جو اظهار

جيئن ته منهنجو ڀائٽيو ڄيٺومل عرف ساگر ولد فرسومل لوهاڻو وينل شهر پٽ شاهه جيڪو ڪاروبار جي لحاظ کان ڪرائيمز ۾ اچي ويو آهي جنهن ڪري ڄيٺومل سان ڏيتي ليتي ڪندڙ ماڻهو اسان سان (1) اجي ڪمار ولد ويرسي مل لوهاڻو (2) سنجي ڪمار ولد ويرسي مل لوهاڻو کي پريشان ڪري رهيا آهن ان لاءِ هاڻي اسانجو ڄيٺومل عرف ساگر سان ڪنهن به قسم جو ڪوبه تعلق نه آهي ۽ اگر ڪوبه ڄيٺومل سان ڪنهن به قسم جي ڏيتي ليتي ڪندو ته ان جو پاڻ ذميوار رهندو اسان جو هي بيان ريڪارڊ تي رکيو وڃي ته جيئن وقت ضرورت ڪم اچي سگهي.

سنجي ڪمار ولد ويرسي مل لوهاڻو رهندڙ: طالب المولي ڪالوني هالا نيو .شناختي ڪارڊ نمبر9-41802-0647914

[redacted]

ڪٽي وئي ۽ روايتي لونگي جو تحفو پڻ ڏنو ويو.واول شرجيل ميمڻ ريسڪيو 1122 جي آفيس ۽ آپريشنز سيڪشن جو معائنو ڪيو ان موقعي تي ڳالهائيندي هن چيو ته دوستن جي دعوت تي هو ريسڪيو 1122 جي آپريشن کي ويجهو کان ڏسڻ آيا آهن. هن چيو ته اڄ کان ٽي سال اڳ سنڌ حڪومت صوبي جي 30 ضلعن ۾ بهترين ريسڪيو 1122 سروس جو آغاز ڪيو هو جنهن بابت عوام ۾ آگاهي پهچائڻ انتهائي ضروري آهي ته جيئن ايمرجنسي جي صورت ۾ ماڻهو وقت سر هن سهولت مان فائدو وٺي سگهن.هن ٻڌايو ته سنڌ جي 30 ضلعن ۾ ريسڪيو 1122 جون ايمبولينسون موجود آهن جڏهن ته 17 ضلعن ۾ ريسڪيو فائر فائٽرز ۽ ٻيون ريسڪيو سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن. جتي ڪنهن به حادثي يا هنگامي صورتحال ۾ ريسڪيو اهلڪار فوري طور پنهنجو فرض نڀائين ٿا.واول شرجيل ميمڻ چيو ته ريسڪيو 1122 جا اهلڪار اسان جا قومي هيرو آهن ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن وانگر ريسڪيو اهلڪار به عوام جي خدمت ۾ اڳڀرا آهن هن حيدرآباد ضلعي ۾ ريسڪيو 1122 جي ڪارڪردگي کي ساراهيندي چيو ته هتي ريسڪيو جون 17 ايمبولينسون مقرر آهن ۽ 17 پوائنٽس قائم ڪيا ويا آهن. جتان ايمرجنسي جي صورت ۾ عملو فوري طور واقعي واري هنڌ پهچي ماڻهن جي مدد ڪري ٿو.ان موقعي تي پيپلز پارٽي حيدرآباد جو انفارميشن سيڪريٽري اسد ابڙو پڻ موجود هو.

[redacted]

جي وارا بندي، ناجائز قبضن سميت تعليم، صحت، ٽرانسپورٽ ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي فراهمي بابت مسئلا پيش ڪيا ويا. کلي ڪچهري ۾ صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي، پ پ ضلعي صدر ايم اين اي صادق علي ميمڻ، ايم پي اي رخسانه شاهه، چيئرمين ضلع ڪائونسل عبدالحميد پنهور، وائيس چيئرمين ممتاز علي جلباڻي، پ پ ضلعي جنرل سيڪريٽري امتياز علي قريشي، پ پ ضلعي اطلاعات سيڪريٽري سيد محمود عالم شاهه، پ پ تعلقه صدر عبدالحميد سومرو، پ پ اڳواڻ پير غلام رحماني، سيد تنوير شاهه شيرازي، سيڪريٽري تعليم، ڊپٽي ڪمشنر منور عباس سومرو، ايس ايس پي فاروق احمد بجاراڻي سميت مختلف کاتن جي عملدارن، پ پ اڳواڻن، ڪارڪنن ۽ عوام جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. کلي ڪچهري کي خطاب ڪندي صوبائي وزير تعليم سيد سردار علي شاهه چيو ته کلي ڪچهري جو مقصد عوام جا مسئلا روبرو ٻڌي انهن جي جلد حل لاءِ اپاءَ وٺڻ آهي. هن چيو ته ٺٽو سنڌ جي تاريخ جو هڪ اهم سٽ بابت آهي. جيڪو ماضي ۾ سنڌ جي گادي جو هنڌ پڻ رهيو آهي. هتي کليل ڪچهري ڪرڻ تي انتهائي خوشي ٿي آهي ۽ هميشه ڪوشش رهي آهي ته نوجوانن کي وڌ ۾ وڌ روزگار فراهم ڪيون ۽ بند اسڪول کي فعال بڻايون. هن چيو ته جيستائين اسان پنهنجي اسڪولن جي مالڪي نه ڪنداسين شيون بهتر نه ٿينديون. پنهنجي ڳوٺ جو ڏٺي پاڻ ٺيڪ پوندو. هن چيو ته اسان عوام جا نوڪر آهيون. جيڪڏهن وزارتن تي ويٺا آهيون ته پاڻ کي حاڪم نه پر نوڪر سمجهون. شڪايت ڪرڻ عوام جو حق آهي. ان موقعي تي صوبائي وزير عوام پاران مسئلا ٻڌي انهن جي حل لاءِ ڊپٽي ڪمشنر، ايس ايس پي ۽ ٻين لاڳاپيل عملدارن کي موقعي تي ئي حڪم پڻ جاري ڪيا. هن چيو ته هي مسئلا توهان جا نه پر اسان جا مسئلا آهن انهن کي حل ڪرڻ پ پ جي سنڌ حڪومت جو ڪم آهي. هن عوام کي يقين ڏياريو ته سمورا پيش ڪيل مسئلا نوٽ ڪيا ويا آهن جيڪي جلد حل ڪيا ويندا. ان کان اڳ کليل ڪچهري کي خطاب ڪندي پ پ ضلعي صدر ايم اين اي صادق علي ميمڻ چيو ته کليل ڪچهرين جو تسلسل شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ محترمه شهيد بينظير ڀٽو جي دور کان هلندڙ آهي جيڪو اڳتي به هلندو رهندو ته جيئن عوام جا مسئلا سندن دروازن تي حل ڪري سگهجن. هن چيو ته پ پ يقين ٿي رکي ته طاقت جو سرچشمو عوام آهي. انهي ڳالهه کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ وزير اعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه پاران سڄي سنڌ جي هر ضلعي ۾ کليل ڪچهرين جو آغاز ڪيو ويو آهي ته جيئن چونڊيل نمائندن کي عوام جي روبرو آڻي ترت مسئلا حل ڪرائي سگهجن.

[redacted]

ڊاڪٽر محمد عارف راجپوت جي عدالت تعلقي ٿاڻي تي داخل ڏوهه نمبر 2022/33 ۾ گرفتار جوابدار ظفر علي ملاح کي قتل جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي سزاءِ موت، جوابدار معشوق ملاح کي عمر قيد ۽ 3 لک جرماني جي سزا ٻڌائي ڇڏي. عدالت پاران جوابدار معشوق ملاح کي غيرقانوني هٿيار رکڻ جي ڏوهه ۾ 5 سال قيد ۽ 50 هزار جرماني جي سزا پڻ ٻڌائي. جوابدارن پاران 22 جولاءِ 2022 تي ديهه لاکاٽ ۾ زمين جي تڪرار تان حاڪم علي ملاح کي بندوق جا فائر ڪري قتل ۽ سندس ڀاءُ محمد امين ملاح کي زخمي ڪيو هو. جنهن جو ڪيس مقتول جي والده مسمات امير زادي ملاح جي فرياد تي تعلقي ٿاڻي ٽنڊو محمد خان تي درج ڪيو ويو هو.

[redacted]

عمرساند پوليس موجب واقعي سنگاوتي تڪرار سبب پيش آيو آهي وڌيڪ جاچ ڪيون جوابدار جو نالو اسماعيل ميربحر ٻڌايو وڃي ٿو جنهن کي جلدي گرفتار ڪيو ويندو

[redacted]

روڪي ورتي.هن کي اسپتال ۾ داخل ڪرايو ويو بعد پولنگ شروع نه ٿي سگهي.

[redacted]

آفيس ۾ هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو اجلاس ۾ سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي خاص هدايتن تحت حضرت لال شهباز قلندر رح جي عرس مبارڪ کان اڳ سيوهڻ قلعي جي بيوٽيفڪيشن جو ڪم مڪمل ڪرڻ بابت تفصيلي جائزو ورتو ويو. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو غضنفر علي قادري چيو ته وزير اعليٰ سنڌ جون واضح هدايتون آهن ته عرس مبارڪ تائين سيوهڻ قلعي جي بيوٽيفڪيشن سميت سمورا لاڳاپيل ڪم هر صورت ۾ مڪمل ڪيا وڃن. اجلاس ۾ ڊپٽي ڪمشنر لاڳاپيل آفيسرن کي هدايتون جاري ڪيون ته عرس مبارڪ کان اڳ سيوهڻ قلعي جي خوبصورتي لاءِ لائٽنگ ۽ زائرين جي سهولت لاءِ پبلڪ واش روم ۽ معلوماتي سائن بورڊ لڳايا وڃن. جڏهن ته صفائي سٿرائي جا بهترين انتظام به يقيني بڻايا وڃن ته جيئن عرس مبارڪ دوران ايندڙ زائرين کي هر ممڪن سهولتون فراهم ڪري سگهجن. اجلاس ۾ ڊائريڪٽر آثار قديمه عبدالفتاح شيخ، ايگزيڪيوٽو انجنيئر پبلڪ هيلٿ صدام حسين، اسسٽنٽ ڪمشنر سيوهڻ وقاص ملوڪ، ايگزيڪيوٽو انجنيئر هاءِ وي اصغر علي ٽگڙ، پبلڪ هيلٿ انجنيئر سيوهڻ عارف رحيم شيخ، ڊي ايس پي سيوهڻ، مختيارڪار سيوهڻ سيد عابد شاهه، اسٽاف آفيسر مظهر پنهور سميت روينيو ورڪس اينڊ سروسز، پوليس، ميونسپل، اوقاف ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي عملدارن شرڪت ڪئي. اجلاس کان پوءِ ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو غضنفر علي قادري، ڊائريڪٽر آثار قديمه عبدالفتاح شيخ ۽ ٻين آفيسرن سان گڏ سيوهڻ قلعي ۾ جاري بيوٽيفڪيشن ۽ مرمتي ڪم جو جائزو پڻ ورتو. ان کان علاوه ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو حضرت لال شهباز قلندر رح جي درگاهه تي حاضري ڀري دعا گهري. هن درگاهه جي صفائي سٿرائي انتظامن ۽ گنبذ جي ڇت جي مرمتي ڪم جو پڻ جائزو ورتو ۽ لاڳاپيل عملدارن کي هدايتون ڏنيون ته سمورا ڪم عرس مبارڪ کان اڳ بروقت، معياري ۽ ذميواري سان مڪمل ڪيا وڃن. هن اسسٽنٽ ڪمشنر سيوهڻ ۽ اوقاف کاتي جي عملدارن کي هدايت ڪئي ته درگاهه جي مرمتي ڪم جي سخت نگراني ڪئي وڃي. جڏهن ته ڪنهن به قسم جي غفلت هرگز برداشت نه ڪئي ويندي.

[redacted]

آفيس ۾ هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو اجلاس ۾ سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي خاص هدايتن تحت حضرت لال شهباز قلندر رح جي عرس مبارڪ کان اڳ سيوهڻ قلعي جي بيوٽيفڪيشن جو ڪم مڪمل ڪرڻ بابت تفصيلي جائزو ورتو ويو. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو غضنفر علي قادري چيو ته وزير اعليٰ سنڌ جون واضح هدايتون آهن ته عرس مبارڪ تائين سيوهڻ قلعي جي بيوٽيفڪيشن سميت سمورا لاڳاپيل ڪم هر صورت ۾ مڪمل ڪيا وڃن. اجلاس ۾ ڊپٽي ڪمشنر لاڳاپيل آفيسرن کي هدايتون جاري ڪيون ته عرس مبارڪ کان اڳ سيوهڻ قلعي جي خوبصورتي لاءِ لائٽنگ ۽ زائرين جي سهولت لاءِ پبلڪ واش روم ۽ معلوماتي سائن بورڊ لڳايا وڃن. جڏهن ته صفائي سٿرائي جا بهترين انتظام به يقيني بڻايا وڃن ته جيئن عرس مبارڪ دوران ايندڙ زائرين کي هر ممڪن سهولتون فراهم ڪري سگهجن. اجلاس ۾ ڊائريڪٽر آثار قديمه عبدالفتاح شيخ، ايگزيڪيوٽو انجنيئر پبلڪ هيلٿ صدام حسين، اسسٽنٽ ڪمشنر سيوهڻ وقاص ملوڪ، ايگزيڪيوٽو انجنيئر هاءِ وي اصغر علي ٽگڙ، پبلڪ هيلٿ انجنيئر سيوهڻ عارف رحيم شيخ، ڊي ايس پي سيوهڻ، مختيارڪار سيوهڻ سيد عابد شاهه، اسٽاف آفيسر مظهر پنهور سميت روينيو ورڪس اينڊ سروسز، پوليس، ميونسپل، اوقاف ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي عملدارن شرڪت ڪئي. اجلاس کان پوءِ ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو غضنفر علي قادري، ڊائريڪٽر آثار قديمه عبدالفتاح شيخ ۽ ٻين آفيسرن سان گڏ سيوهڻ قلعي ۾ جاري بيوٽيفڪيشن ۽ مرمتي ڪم جو جائزو پڻ ورتو. ان کان علاوه ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو حضرت لال شهباز قلندر رح جي درگاهه تي حاضري ڀري دعا گهري. هن درگاهه جي صفائي سٿرائي انتظامن ۽ گنبذ جي ڇت جي مرمتي ڪم جو پڻ جائزو ورتو ۽ لاڳاپيل عملدارن کي هدايتون ڏنيون ته سمورا ڪم عرس مبارڪ کان اڳ بروقت، معياري ۽ ذميواري سان مڪمل ڪيا وڃن. هن اسسٽنٽ ڪمشنر سيوهڻ ۽ اوقاف کاتي جي عملدارن کي هدايت ڪئي ته درگاهه جي مرمتي ڪم جي سخت نگراني ڪئي وڃي. جڏهن ته ڪنهن به قسم جي غفلت هرگز برداشت نه ڪئي ويندي.

[redacted]

طاهر علي. مولابخش ميربحر. سڪندر علي هاٽيپوٽو. اشوڪ ۽ ٻين چيو آهي ته 13تيرهن سال اسان کي 16 گريڊ ۾ ٿي ويا آهن پر اڃا تائين نه ٽائم اسڪيل نه پروموشن ملي آهي وفاقي حڪومت 2023-2022 ۾ سول سرونٽ وفاقي ملازمن لاءِ هڪ کان 16 اسڪيل جي ٽائم اسڪيل ڏيڻ جو نوٽيفڪيشن ڪڍيو انهي ۾ ٻين ادارن جي وفاقي ملازمن کي ٽائم اسڪيل ڏنو ويو پر اسان کي نه ڏنو ويو جنهن جو سبب اين سي ايڇ ڊي جا نان ڪميشنڊ نان رينڪر آفيسر آهن جيڪي پنهنجي مفاد خاطر پنهنجي غيرقانوني گريڊن کي تحفظ ڏيڻ لاءِ فيلڊ آفيسرن جو استحصال ڪري رهيا آهن 10ڊسمبر2024 تي نوٽيفڪيشن-- vide f no-8(16) 2023-PT-1, تحت 13 سوءِ فيلڊ آفيسرن مان صرف 98 فيلڊ افيسرن جي ٽائم اسڪيل جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو باقي 12 سئو فيلڊ آفيسرن کي اڃان تائين ٽائم اسڪيل پروموشن نه ڏنو ويو آهي اسان منسٽري آف فيڊرل ايجوڪيشن جي سيڪريٽري، ڊائريڪٽر جنرل کي 2 دفعا لکت ۾ ٽائم اسڪيل پروموشن لاءِ درخواست ڏني آهي پر اڃا تائين اسان جي ٽائم اسڪيل پروموشن جو نوٽيفڪيشن نه ڪڍيو ويو آهي جنهن سبب فيلڊ آفيسرن ۾ سخت پريشاني ۽ مايوسي ڇانيل آهي.هن چيو ته اسان پنهنجي قانوني حق وٺڻ لاءِ جلد کان جلد ڪورٽ سگهوري ۾ پٽيشن داخل ڪنداسين هنن چيو ته اين سي ايڇ ڊي جي نان ڪميشنڊ نان رينڪر آفيسر پنهنجي غيرقانوني مفادن خاطر فيلڊ آفيسرن جي حق تلفي ڪري رهيا آهن جيڪا برداشت جوڳي نه آهي

[redacted]

سان تعلق رکندڙ انهن ٻن ججن هلندڙ هفتي عدالت جي اڪثريتي ججن سان گڏجي اسرائيل جي ان اپيل خلاف ووٽ ڏنو جنهن ۾ غزه جي پٽي ۾ گذريل ٻن سالن دوران شڪي ڏوهن جي جاچ لاءِ عدالت جي دائره اختيار کي چيلنج ڪيو ويو هو.هن چيو ته اسان عالمي فوجداري عدالت طرفان اختيارن جي غلط استعمال کي برداشت نه ڪنداسين. آءِ سي سي آمريڪا ۽ اسرائيل جي خودمختياري جي پيچڪڙي ڪري ٿي ۽ آمريڪي ۽ اسرائيلي شهرين کي غير قانوني طور تي پنهنجي دائره اختيار جي تابع ڪري ٿي. هن چيو ته پرڏيهي کاتو آءِ سي سي طرفان اختيارن جي غلط استعمال تي وڌيڪ ڪارروائين جو ارادو رکي ٿو. نين پابندين جو نشانو بڻيل ججن ۾ جارجيا جو انصاف وارو اڳوڻو وزير گوچالاڊڪيپا نيڊزي ۽ منگوليا جو اردني بلسورين ڊيمدن شامل آهن. ٻئي پاسي عالمي فوجداري عدالت هڪ بيان ۾ آمريڪي پابندين کي رد ڪندي ان فيصلي کي هڪ آزاد ۽ غير جانبدار عدالتي اداري جي آزادي تي سڌي ريت حملو قرار ڏنو آهي.

[redacted]

ثقافت سان محبت جو اظهار ويجهو سيف سپورٽيڊ اسڪول فاطمه پبلڪ پرائمري اسڪول الاهي بخش ڪوسو ۾ ثقافتي تقريب منعقد ڪئي وئي تقريب ۾ اسڪول جي سوين شاگردن شاگردياڻين، استادن ۽ والدين ثقافتي ويس اوڍي شرڪت ڪئي سنڌي ٻولي، ڌرتي ۽ ثقافت بابت اسڪول جي شاگردن شاگردياڻين عبدالعزيز چنو، راحيلا ڪوسو، وحيد علي، مرتضيٰ، ياسين، شبانه، نويده، صفيه، ياسمين، سيف علي، ناهيده، سراج، شفيق، اسد،طارق، رضوانا، صائمه ۽ ٻين قومي شاعريءَ ٻڌائي، تقريرون ڪري سنڌ جي ثقافت بابت ٽيبلوز پيش ڪيا ويا جڏهن ته تقريب دوران شاگردن ۽ شاگردياڻين وچ ۾ شعر شاعري ۽ تقرير ڪرڻ جو مقابلو به ڪيو ويو جنهن ۾ پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين کي اسڪول انتظاميه پاران ايوارڊ ڏنا ويا ٻي طرف ثقافتي تقريب کي اسڪول آپريٽر محمد اسحاق،هيڊ ماسٽر راشد ڪوسو،استادن اقرار چانڊيو، خادم حسين چنو،مس امام زادي،مس شڪيلان مس رضيه،والدين شاهنواز ڪوسو،علي شير ڪوسو ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته سنڌ جي تاريخ، تهذيب ۽ ثقافت 5هزار سال کان وڌيڪ پراڻي آهي. سنڌي ٻولي ڌرتي ۽ ثقافت سان اسان جو پيار ازلي آهي جيڪو ڪڏهن به ختم ٿيڻو ناهي هن ثقافتي پروگرام جو مقصد آهي ته اڄ جي دور جو هر ٻار پنهنجي ٻولي ثقافت بابت ڄاڻ حاصل ڪري تعليم پرائي ان موقعي تي والدين کي پيغام ڏنو ويو ته پنهنجي اسڪول کان ٻاهر ٻارن کي اسڪولن ۾ داخل ڪرائي تعليم جي زيور سان سرشار ڪن.

[redacted]

زنجيرن سان جڪڙيل وڊيو وائرل ڪري ڇڏي جنهن ۾ نوجوان امير علي عرف نيٺا ولد محمد ورياهه ماڻن کي اپيل ڪندي چوي ٿو ته آئون ڌاڙيلن جي قيد ۾ آهيان جيڪي 50 لک پنگ طلب ڪري رهيا آهن 50 لک ڏئي مونکي آزادي ڪرايو. گم ٿيل نوجوان جو وڊيو وائرل ٿيڻ بعد سندس وارثن ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو ٻئي طرف اهو معلوم ٿيو آهي ته نوجوان امير علي عورتاڻي آواز تي ڦاسي ساٿس شادي ڪرڻ سکر ويو جتي ڌاڙيلن کيس اغوا ڪري ورتو آهي ۽ وارثن کان آزاد ڪرڻ لاءِ 50 لک پنگ طلب ڪيو پيو وڃي نوجوان جي وارثن آئي جي سنڌ ڊي آئي جي حيدرآباد ايس ايس پي مٽياري کان مطالبو ڪيو آهي ته فوري طور نوٽيس وٺي ڌاڙيلن کان سندس نوجوان کي بازياب ڪرائي پريشاني ختم ڪئي وڃي.

[redacted]

ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي ڳوٺ باقر نظاماڻي ۾ سي سي بلاڪ اسڪيم روڊ جي افتتاح واري تقريب کي خاص مهمان طور خطاب ڪندي ڪيو. هن چيو ته افغانين کي ڪراچي سميت سڄي سنڌ مان نيڪالي لاءِ حڪومتي ادارا عملي طور ڪاروائي ڪري رهيا آهن جنهن ۾ سنڌ حڪومت غيرقانوني آيل سمورن پرڏيهين جي خلاف مضبوط آپريشن ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. افتتاحي تقريب کي پ پ ايم پي اي سيد اعجاز حسين شاهه بخاري خطاب ڪندي چيو ته وفاقي حڪومت سنڌ ۾ ڪنهن به نئين صوبي جي قيام عمل بابت فيصلو نه ڪيو آهي نه وري سنڌ کي ڪنهن جي چوڻ تي ٻن يا ٽن حصن ۾ تقسيم ڪيو ويندو. سنڌ ۽ پاڪستان هڪ آهي سنڌ کي ٽوڙڻ جي ڳالهه سان ڪو به فرق نه پوندو. سنڌ ۾ نفرتن بجاءِ ڀائيچاري جو ماحول پيدا ڪرڻ گهرجي. سنڌ ۾ رهندڙ هر ٻولي ڳالهائيندڙ سنڌي آهن جن کي غلط پروپيگنڊا کان پاسو ڪرڻ گهرجي. تقريب کي پ پ ايم پي اي خرم ڪريم سومرو خطاب ڪندي چيو ته سنڌ کي 27 آئيني ترميم سان ماليات ايوارڊ جو ڪو به نقصان نه رسيو آهي پر ان جي باوجود پيپلز پارٽي سنڌ جي ماليات ايوارڊ لاءِ پنهنجو موقف سنڌ جي مفادن ۾ رکيو آهي. سنڌ جي ترقي خوشحالي لاءِ حڪومت عملي اپاءَ وٺي رهي آهي. افتتاحي تقريب کي پ پ اڳواڻ فضل نظاماڻي، سڪندر نظاماڻي، ڊپٽي ڪمشنر ڏرمون پاواڻي، پ پ ضلعي اطلاعات سيڪريٽري ڊاڪٽر ميرحسن ملاح، ميونسپل چيئرمين سيد شاهنواز شاهه، سيد شعبان شاهه ۽ ٻين پڻ افتتاحي تقريب کي خطاب ڪيو. ڳوٺ باقر نظاماڻي ۾ سي سي بلاڪ روڊ جي ايم پي اي سيد اعجاز حسين جي ڪوٽا مان نهيل اسڪيم جو پڻ افتتاح ڪيو ويو. ٻي طرف ٽنڊو محمد خان ۾ پ پ مائنارٽي ونگ اڳواڻ رياض شيرمسيح جي گهر تي وڏي وزير جي خاص معاون ڊاڪٽر شام سندر، پ پ ايم پي اي سيد اعجاز حسين شاهه بخاري ۽ ٻين ڪرسمس جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو. جڏهن ته بجلي جي سرڪٽ سبب سڙي ويل عيسائي برادري جي چرچ جو تعميراتي ڪم مڪمل ٿيڻ تي افتتاح ڪيو

[redacted]

صداقت ناهي ان ۾ اسان کي لڳي ٿو ته سائوٿ پنجاب نارٿ پنجاب جيڪي پاپوليشن جي حساب سان ٺهي سگهن ٿا. هڪ ايم ڪيو ايم جي چوڻ تي هائوس مان بل پاس نه ٿيندا انهن جا قومي اسيمبلي ۾ ته ايترا ميمبر هي ناهن مونکي لڳي ٿو جو صوبا ٽوڙڻ جي ڳالهه ٿيندي.ان موقعي تي پ پ اڳواڻ وڏيرو محمد يوسف چنو يوسي چيئرمين اوڏيرولال اسٽيشن رئيس آصف چنو وڏيرو شعيب ايوب هنگورو، غلام مصطفيٰ شاهه حسيني، ارتضا شاهه هاشمي يوسي چيئرمين شير محمد نوڙها وفا سرفراز الهجڙيو خاصخيلي اڪبر پٽو علي نواز ڪاڪلاٽي مظهر شاهه غلام مصطفيٰ ٻرڙو ۽ ٻيا ساٿس گڏ هئا

[redacted]

ايس ايڇ او محرابپور اشفاق شر موجب پيروسڻ روڊ تي علي ڪاٽن فيڪٽري پرسان ڪار ۾ سوار چئن هٿياربندن پوليس کي ڏسي فائرنگ ڪئي جنهن سبب مقابلو ٿيو ۽ سنڌ جي وڏي ڌاڙيل ۽ پنجاهه کان وڌيڪ ڏوهن ڪيسن ۾ گهربل خيرپور ناٿن شاهه واسي عبداللطيف پنهور سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي محرابپور اسپتال نيو پيو ويو ته زخمن جا سور نه سهندي مارجي ويو جڏهن ته سندس ٽي ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا هن وڌيڪ چيو ته مارجي ويل ڌاڙيل لطيف پنهور جي قبضي مان تازو پڊعيدن ۾ لڳل ڌاڙي جا 25 تولا سون ۽ پسٽل پڻ برآمد ٿيا آهن.

[redacted]

ڪارڪنن طرفان سلام بينظير ريلي ڪڍي وئي. جيڪا پيادل سفر ڪندي سيوهڻ کان شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي مزار تي حاضري لاءِ دادو پهتي جتي پاڪستان پيپلز پارٽي ضلع دادو جي صدر بئرسٽر پير مجيب الحق، انفارميشن سيڪريٽري مير صدام ٻلهاڙو ۽ ٻيا عهديدار، ڪارڪن ۽ جيالا انهن جو ڀرپور ۽ شاندار استقبال ڪري مٿن گلن جي ورکا ڪري جيئي ڀٽو جيئي شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جيئي بلاول ڀٽو جي فلڪ شگاف نعرن سان استقبال ڪيو ان موقعي تي بئرسٽر پير مجيب الحق چيو ته هي ريلي شهيد محترمه بينظير ڀٽو سان عقيدت، جمهوريت سان وفاداري ۽ عوامي جدوجهد جي تسلسل جي علامت آهي. جنهن کي پارٽي جا سمورا ڪارڪن قدر جي نگاهه سان ڏسن ٿا. پيادل قافلي جا شرڪت ڪندڙ رات دادو ۾ پيپلز سيڪريٽريٽ (پير هائوس) ۾ قيام ڪندا ۽ ان کان پوءِ سڀاڻي کان پنهنجو اڳتي جو سفر شروع ڪندا

[redacted]

راحيله ٽانوري جي مڙس رحمت الله ٽانوري پنهنجي نياڻين ۽ پٽ سان گڏ پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو انهي موقعي تي مڙس رحمت الله ٽانوري، مسڪان ٽانوري، مهڪ ٽانوري، ناياب ۽ ٻين صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته ٽنڊوڄام جو مشهور جوا جو اڏو هلائيندڙ شبير خاصخيلي منهنجي زال ڇهن ٻارن جي ماءُ راحيله ٽانوري کي اغوا ڪري ويو آهي ۽ ڪيس وڌائي ڪوڙو بيان ڏياريو پيو وڃي. مبينا اغوا ٿيل عورت جي ڌيئڻ جو چوڻ هو ته شبير خاصخيلي ڌوهاري ۽ بااثر ماڻهو آهي. گهر جي پرسان سندس هڪ وڏو جوا جو اڏو آهي. هن وڌيڪ چيو ته شبير خاصخيلي هر آئي ڏينهن گهر مٿان فائرنگ ڪري هراسان ڪندو رهندو هو. هن چيو ته پاڙي وارن ڪيس گهرن جي پرڀر جوا جو اڏو بند ڪرڻ جو پڻ چيو هو هنن چيو ته اهڙي وڊيو سوشل ميڊيا تي ڪوڙا بيان ڏياريا پيا وڃن هنن ايس ايس پي حيدرآباد ۽ ٻين وس وارن کان نوٽيس وٺي جوابدار کي گرفتار ڪري سندن ماءُ راحيله ٽانوري کي واپس ڪرائڻ جي گهر آهي.

[redacted]

جي سخت پهرين هيٺ دادو عدالت پهتا جڏهن ته ڪيس ۾ جوابدار طور نامزد پ پ ايم پي اي سردار خان چانڊيو ۽ پ پ ايم پي اي برهان خان چانڊيو ۽ ان وقت جو ايس ايڇ او ڪريم بخش چانڊيو عدالت ۾ پيش ٿيا جڏهن ته ڪيس ۾ گرفتار ٿيل سمورن جوابدارن کي حيدرآباد جيل کان دادو عدالت آندو ويو. مسلسل 8 ڪلاڪ جوابدار ڌر جي وڪيلن جا دليل جاري رهيا جوابدار ڌر جا دليل مڪمل ٿيڻ بعد دادو ماڊل ڪرمنل ٽرائل ڪورٽ جي جج ڪيس جي ٻڌڻي 2 جنوري 2026 تائين ملتوي ڪري ڇڏي. عدالت ٻاهران امر رياب چانڊيو صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته اڄ جي حاضري دوران جوابدار ڌر جي سمورن وڪيلن پنهنجا دليل مڪمل ڪيا آهن ايندڙ حاضري تي اسان جا وڪيل دليل پيش ڪندا ڪوشش هوندي ته جلد کان جلد دليل مڪمل ٿين. هن جنوري ۾ ڪيس کي 7 سال مڪمل ٿيندا. مسلسل 7 سال ڪيس جي پيروي ڪئي آهي. دادو ضلعي جي صحافين حق سچ جو ساٿ ڏيندي ڪيس جي ٻڌڻي دوران پنهنجي موجودگي لازمي ڪئي آهي .عدالت مان پراميد آهيون ته ڪيس ۾ جوابدار ڌر سردارن ۽ پوٽارن کي سخت سزائون ملنديون. جيئن ڪڏهن ڪوبه سردار پوٽار سنڌ جي ڪنهن به مسڪين کي قتل ڪرڻ کان پهرين هن فيصلي کي ياد ڪندو. ڪيس ۾ سمورن جوابدارن کي ڦاهيون اينديون ۽ منهنجي 3 گهرڀاتين جي خونن سان انصاف ٿيندو. ڪيس جي ٻڌڻي دوران سيڪيورٽي جا سخت انتظام ڪيا ويا هئا .

[redacted]

مستقبل جي هو گذريل رات پنوعاقل ۾ ٿيل هڪ وڏي تعليمي ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيا هئا. هنن چيو ته سنڌ کي تباهه ڪندڙ عوام جا حق ڦٻائيندڙ نوڪريون پيسن تي وڪرو ڪندڙ ۽ ڪارونجهر جبلن ۽ دريائن جو سودو ڪندڙ اهي ئي ماڻهو آهن. جيڪي وڏن وڏن ادارن مان پڙهيل ۽ اعليٰ ڊگرين جا مالڪ آهن. پر هنن ملڪ ۽ صوبي کي بدترين تباهي ۾ ڌڪي ڇڏيو آهي مولانا عبدالقيوم هاليجوي چيو ته جيڪڏهن اڄ اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جو جائزو ورتو وڃي ته معلوم ٿيندو ته مستقبل جا معمار منشيات جي دلدل ۾ ڦاسندا پيا وڃن. ننڍي عمر جا ٻار آئس، ڪوڪين، شراب، چرس ۽ سگريٽ جهڙن خطرناڪ نشانن ۾ مبتلا ٿي رهيا آهن ۽ هن صورتحال جا اصل ذميوار اهي حڪمران آهن. جيڪي انهن ئي يونيورسٽين مان پڙهي اقتدار ۾ آيا. ان موقعي تي خطاب ڪندي علامه راشد محمود سومرو چيو ته تعليمي نظام ۾ ڄاڻي واڻي طبقاتي فرق پيدا ڪيو ويو آهي. غريبن جي ٻارن لاءِ الڳ ادارا، اميرن جي ٻارن لاءِ الڳ، جڏهن ته ايم اين ايز ۽ ايم پي ايز جا ٻار لنڊن ۽ برطانيا ۾ تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. هن چيو ته اسان جا اسلاف ۽ عظيم تاريخدان مدرسن جا پڙهيل هئا. جتي قرآن ۽ حديث سان گڏ سائنس، طب ۽ انجنيئرنگ جي تعليم به ڏني ويندي هئي. جڏهن برصغير تي انگريزن قبضو ڪيو ته علماءِ ديوبند سندن مقابلو ڪيو ۽ کين هٿان ڪڍي ڇڏيو پر ويندي ويندي هو طبقاتي تعليمي نظام ڇڏي ويا. علامه راشد محمود سومرو واضح ڪيو ته جمعيت علماءِ اسلام (ف) طبقاتي نظام تعليم جي سخت مخالفت ڪري ٿي ۽ جڏهن اسان جي حڪومت ايندي ته جنهن اسڪول ۾ وڏي وزير جو پٽ پڙهندو، ساڳئي اسڪول ۾ سنڌ جي مزدور جو پٽ به پڙهندو. هن اعلان ڪيو ته قائد جمعيت مولانا فضل الرحمان 21 ڊسمبر تي سنڌ جي دوري دوران ڪراچي پهچندا. جتي هو ليياري ۾ هڪ وڏي عوامي جلسي کي خطاب ڪندا ۽ اتان ئي نئين تحريڪ جو آغاز ڪيو ويندو. ان کان پوءِ 23 ڊسمبر تي لاڙڪاڻو ۽ 24 ڊسمبر تي سکر ۾ به وڏن عوامي جلسن کي خطاب ڪيو ويندو. علامه راشد محمود سومرو چيو ته لا اله الا الله جي نالي تي حاصل ڪيل ملڪ پاڪستان ۾ اڄ تائين مڪمل طور اسلام نافذ ناهي ڪيو ويو. ڪڏهن به وزيراعظم سميت ڪنهن اهم عهدي تي عالمِ دين کي ناهي ويهاريو ويو پر مغربي ادارن مان پڙهيل ماڻهن کي اقتدار ۾ آڻي عوام سان مذاق ڪيو ويو. هن الزام لڳايو ته چونڊن ۾ ڌانڌلي وسيلي نااهل، نالائق، ڪرپٽ ۽ جعلي مينڊيٽ رکندڙ حڪمران مسلط ڪيا وڃن ٿا. پر هاڻي اهي حڪمران عوام جي دلين مان لهندي پيا وڃن. هن چيو ته سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ ۾ جي يو آءِ (ف) جي عوامي ڪچهرين ۾ لکين ماڻهن جي شرڪت ان ڳالهه جو واضح ثبوت آهي ته اڄ سنڌ جي حقيقي عوامي جماعت جمعيت علماءِ اسلام آهي. هن ٻڌايو ته سنڌ ۾ اڄ به سترلک کان وڌيڪ ٻار تعليم کان محروم آهن. جڏهن ته سرڪاري اسپتالن ۾ عوام کي سستو ۽ معياري علاج نٿو ملي. علامه راشد محمود سومرو چيو ته سنڌ ۾ ڪرپشن کي هاڻي ڏوهه نٿو سمجهيو وڃي، بلڪ حڪمران ان کي پنهنجو حق سمجهن ٿا. هن سنڌ کي ورهائڻ جي ڳالهين کي رد ڪندي چيو ته ڪراچي سنڌ جو حصو آهي ۽ سنڌ ٿي رهندو. ڪنهن جي پيءُ ۾ به ايتري طاقت ناهي جو ڪراچي کي سنڌ کان ڌار ڪري سگهي.

[redacted]

چيو آهي ته ڀتا خوري واپاري برادري جي اعتماد کي شديد نقصان پهچائي رهي آهي ۽ شهر جي معاشي سرگرمين لاءِ هڪ وڏو خطرو بڻجي چڪي آهي. طحا احمد خان چيو ته ڪراچي ملڪ جو معاشي مرڪز آهي ۽ هتي عدم تحفظ جي صورتحال پوري قومي معيشت تي ناڪاري اثر وجهي سگهي ٿي. هن ٻڌايو ته بلڊرز ۽ ڊولپرز پاران ڀتا خوري سبب تعميراتي سرگرميون بند ڪرڻ جي وارننگ انتهائي تشويشناڪ آهي. جنهن سان روزگار، سيڙپڪاري ۽ ترقياتي عمل سخت متاثر ٿيڻ جو خدشو آهي. ڊپٽي پارلياماني ليڊر واضح ڪيو ته ڪراچي جو واپاري طبقو ڪا رعايت نٿو چاهي، پر تحفظ ۽ قانون جي مڪمل عملداري جو مطالبو ڪري ٿو. هن قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي صلاحيتن تي مڪمل اعتماد جو اظهار ڪندي چيو ته بهتر نتيجن لاءِ امن امان جي حڪمتِ عملي ۾ ڪراچي جي چونڊيل نمائندن کي به شامل ڪيو وڃي. خط ۾ نشاندهي ڪئي وئي آهي ته بين الاداراتي سهڪار سان ئي ڀتا خوري جهڙن ڏوهن جو [redacted]ن آهي.

مهيمر ۽ ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيسر ڪامران ساريو سندن استقبال ڪيو. ريسڪيو عملي طرفان کين سلامي پيش ڪئي وئي ۽ روايتي لونگي جو تحفو پڻ ڏنو ويو.واول شرجيل ميمڻ ريسڪيو 1122 جي آفيس ۽ آپريشنز سيڪشن جو معائنو ڪيو ان موقعي تي ڳالهائيندي هن چيو ته دوستن جي دعوت تي هو ريسڪيو 1122 جي آپريشن کي ويجهو کان ڏسڻ آيا آهن. هن چيو ته اڄ کان ٽي سال اڳ سنڌ حڪومت صوبي جي 30 ضلعن ۾ بهترين ريسڪيو 1122 سروس جو آغاز ڪيو هو جنهن بابت عوام ۾ آگاهي پهچائڻ انتهائي ضروري آهي ته جيئن ايمرجنسي جي صورت ۾ ماڻهو وقت سر هن سهولت مان فائدو وٺي سگهن.هن ٻڌايو ته سنڌ جي 30 ضلعن ۾ ريسڪيو 1122 جون ايمبولينسون موجود آهن. جڏهن ته 17 ضلعن ۾ ريسڪيو فائر فائٽرز ۽ ٻيون ريسڪيو سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن. جتي ڪنهن به حادثي يا هنگامي صورتحال ۾ ريسڪيو اهلڪار فوري طور پنهنجو فرض نڀائين ٿا.واول شرجيل ميمڻ چيو ته ريسڪيو 1122 جا اهلڪار اسان جا قومي هيرو آهن ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن وانگر ريسڪيو اهلڪار به عوام جي خدمت ۾ اڳڀرا آهن. هن حيدرآباد ضلعي ۾ ريسڪيو 1122 جي ڪارڪردگي کي ساراهيندي چيو ته هتي ريسڪيو جون 17 ايمبولينسون مقرر آهن ۽ 17 پوائنٽس قائم ڪيا ويا آهن. جتان ايمرجنسي جي صورت ۾ عملو فوري طور واقعي واري هنڌ پهچي ماڻهن جي مدد ڪري ٿو. ان موقعي تي پيپلز پارٽي حيدرآباد جو انفارميشن سيڪريٽري اسد ابڙو پڻ موجود هو.

[redacted]

حوالي . گهر ۾ ڪهرام مچي خبر موجب عمرساند ٿاڻي جي حد ڳوٺ يوسف ملاح ۾ ملاح برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو جهيڙي دوران فائرنگ ۾ هڪ ڄڻو 35 سالا صاحب ڏنو عرف منو ملاح سخت زخمي ٿي پيو زخمي کي پوليس ليٽر ڏئي سول اسپتال ٽنڊوالهيار منتقل ڪيو جتي زخمن جي سٽ نه سهندي دم ڏئي ڇڏيو مليل ڄاڻ موجب مقتول کي پنهنجي سالي اسماعيل ملاح ڪاوڙ ۾ اچي فائرنگ ڪري ماري وڌو جڏهن ته پوليس پاران ڪا تصديق ناهي ڪئي وئي پوليس موجب ٻئي ڌريون پنهنجو پاڻ ۾ هڪ ئي برادري جون آهن جهيڙي ۾ قتل ٿيل کي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي جهيڙي جي حقيقت فلحال نه ٻڌائي سگهجي جاچ ڪئي پئي وڃي ۽ جهگڙي کي روڪڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون ٻئي پاسي علائقي ۾ چوپول هلي رهيا آهن ته فوتي جو ڀاءُ ڪجهه ٽائم اڳ ملاح برادري جي عورت کي ڀڄائي ويو هو جنهن معاملي تان ڌرين ۾ تڪرار هلندڙ هو جنهن سبب واقعو پيش آيو آهي جڏهن ته جهيڙي جي زخمي جي اسپتال ۾ فوتگي بعد پوليس اسپتال روانه ٿي وٺي لاش پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو ويو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

[redacted] پابنديون لاڳو

(آءِ سي سي) جي 2 ججن تي پابنديون لاڳو ڪري ڇڏيون. پرڏيهي ميڊيا مطابق آمريڪي پرڏيهي وزير مارڪو روبيو گذريل ڏينهن بيان ۾ چيو ته منگوليا ۽ جارجيا سان تعلق رکندڙ انهن ٻن ججن هلندڙ هفتي عدالت جي اڪثريتي ججن سان گڏجي اسرائيل جي ان اپيل خلاف ووٽ ڏنو جنهن ۾ غزه جي پٽي ۾ گذريل ٻن سالن دوران شڪي ڏوهن جي جاچ لاءِ عدالت جي دائره اختيار کي چيلنج ڪيو ويو هو هن چيو ته اسان عالمي فوجداري عدالت طرفان اختيارن جي غلط استعمال کي برداشت نه ڪنداسين. آءِ سي سي آمريڪا ۽ اسرائيل جي خودمختياري جي پيچڪڙي ڪري ٿي ۽ آمريڪي ۽ اسرائيلي شهرين کي غير قانوني طور تي پنهنجي دائره اختيار جي تابع ڪري ٿي. هن چيو ته پرڏيهي کاتو آءِ سي سي طرفان اختيارن جي غلط استعمال تي وڌيڪ ڪارروائين جو ارادو رکي ٿو. نين پابندين جو نشانو بڻيل ججن ۾ جارجيا جو انصاف وارو اڳوڻو وزير گوچالاڊڪيپا نيڊزي ۽ منگوليا جو اردني بلسورين ڊيمدن شامل آهن. ٻئي پاسي عالمي فوجداري عدالت هڪ بيان ۾ آمريڪي پابندين کي رد ڪندي ان فيصلي کي هڪ آزاد ۽ غير جانبدار عدالتي اداري جي آزادي تي سڌي ريت حملو قرار ڏنو آهي.

[redacted]

ٽولن جي ڪوشش قيامت تائين ناڪام رهندي. پوليس ٽريننگ ڪاليج ڪوئيٽا ۾ پاسنگ آئوٽ پريڊ کي خطاب ڪندي سرفراز بگٽي باغي گروهن کي مخاطب ٿيندي چيو ته اسان هڪ لمحي لاءِ به توهان جي بندوق واري نظريي کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار ناهيون. بلوچستان جا بهادر سپاهي توهان جي مقابلي ۾ رڪ جي ڀت وانگر بيٺا هوندا. وڏي وزير چيو ته جيڪڏهن توهان پاڪستان جي آئيني دائري ۾ رهندي واپس اچڻ چاهيو ٿا ته رياست جا رستا کليل آهن ۽ جيڪڏهن توهان رياست جا ڪارائتا شهري بڻجڻ لاءِ تيار ناهيو ته اسان ان لاءِ به تيار آهيون. اڄ سڄي بلوچستان کي اي ايرياز ۾ تبديل ڪيو ويو آهي، اهو ڳڻو هڪ مضبوط فيصلو ناهي، پر بلوچستان پوليس لاءِ اعزاز ۽ ذميواري جي ڳالهه آهي.

[redacted]

حوالي . گهر ۾ ڪهرام مچي خبر موجب عمرساند ٿاڻي جي حد ڳوٺ يوسف ملاح ۾ ملاح برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو جهيڙي دوران فائرنگ ۾ هڪ ڄڻو 35 سالا صاحب ڏنو عرف منو ملاح سخت زخمي ٿي پيو زخمي کي پوليس ليٽر ڏئي سول اسپتال ٽنڊوالهيار منتقل ڪيو جتي زخمن جي سٽ نه سهندي دم ڏئي ڇڏيو مليل ڄاڻ موجب مقتول کي پنهنجي سالي اسماعيل ملاح ڪاوڙ ۾ اچي فائرنگ ڪري ماري وڌو جڏهن ته پوليس پاران ڪا تصديق ناهي ڪئي وئي پوليس موجب ٻئي ڌريون پنهنجو پاڻ ۾ هڪ ئي برادري جون آهن جهيڙي ۾ قتل ٿيل کي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي جهيڙي جي حقيقت فلحال نه ٻڌائي سگهجي جاچ ڪئي پئي وڃي ۽ جهگڙي کي روڪڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون ٻئي پاسي علائقي ۾ چوپول هلي رهيا آهن ته فوتي جو ڀاءُ ڪجهه ٽائم اڳ ملاح برادري جي عورت کي ڀڄائي ويو هو جنهن معاملي تان ڌرين ۾ تڪرار هلندڙ هو جنهن سبب واقعو پيش آيو آهي جڏهن ته جهيڙي جي زخمي جي اسپتال ۾ فوتگي بعد پوليس اسپتال روانه ٿي وٺي لاش پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو ويو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر
رورل ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ حيدرآباد

NO.XEN/RDD/HYD/NIT/2025-26/502 Dated: 17-12-2025

ٽينڊر گهرائڻ جو نوٽيس

1- دلچسپي رکندڙ ٺيڪيدارن/فرمن/ڪمپنين کان هيٺ ڄاڻايل ڪمن جي پروڪيورمينٽ واسطي واڪ ڪاغذن جي اسٽينڊرڊ فارم تي ڪمپوزٽ شيڊيول ريٽس (CSR-2024) تي ايس پي پي آر اي رولز 2010 (اڄ تائين ترميم ٿيل) موجب مهربند واڪ گهرائجن ٿا.

Sr	اسڪيم جو نالو	ڪٽيل لاڳت (ملين ۾)	واڪ سيڪيورٽي	ٽينڊر في	تڪميل جو مدو
1	يو سي چڇ جهان خان ۽ يو سي لاڏيون جي مختلف ڳوٺن ۾ سولر اسٽريٽ لائيٽس جي فراهمي.	25.00	ڪٽيل لاڳت/واڪ لاڳت جو 5%	5000 رپيا (ناقابل واپسي)	15 مهينا
2	يو سي اسلام ڳڙهه ۽ يو سي شاهبندر جي مختلف ڳوٺن ۾ سولر اسٽريٽ لائيٽس جي فراهمي.	25.00	ڪٽيل لاڳت/واڪ لاڳت جو 5%	5000 رپيا (ناقابل واپسي)	15 مهينا
3	يو سي دولتپور ۽ يو سي جان محمد جاٽ جي مختلف ڳوٺن ۾ سولر اسٽريٽ لائيٽس جي فراهمي	20.739	ڪٽيل لاڳت/واڪ لاڳت جو 5%	5000 رپيا (ناقابل واپسي)	15 مهينا
4	يو سي گونگاٽي ۽ يو سي جنگو جلباڻي جي مختلف ڳوٺن ۾ سولر اسٽريٽ لائيٽس جي فراهمي.	29.261	ڪٽيل لاڳت/واڪ لاڳت جو 5%	5000 رپيا (ناقابل واپسي)	15 مهينا
5	يو سي ڪار ملڪ يو سي گل محمد ٻارڻ ۽ يو سي مغل بين جي مختلف ڳوٺن ۾ سولر اسٽريٽ لائيٽس جي فراهمي.	25.00	ڪٽيل لاڳت/واڪ لاڳت جو 5%	5000 رپيا (ناقابل واپسي)	15 مهينا
1	يو سي ڪوچي ۽ يو سي غلام الله اوٺو جي مختلف ڳوٺن ۾ سولر اسٽريٽ لائيٽس جي فراهمي.	25.00	ڪٽيل لاڳت/واڪ لاڳت جو 5%	5000 رپيا (ناقابل واپسي)	15 مهينا
6	يو سي مريد ڪوسو ۽ يو سي مڙهو ٻولا خان جي مختلف ڳوٺن ۾ سولر اسٽريٽ لائيٽس جي فراهمي.	26.775	ڪٽيل لاڳت/واڪ لاڳت جو 5%	5000 رپيا (ناقابل واپسي)	15 مهينا
.7	يو سي شاهڪپور يو سي ٻيگنا جي مختلف ڳوٺن ۾ سولر اسٽريٽ لائيٽس جي فراهمي.	23.225	ڪٽيل لاڳت/واڪ لاڳت جو 5%	5000 رپيا (ناقابل واپسي)	15 مهينا

2. **اهليت:** انڪم ٽيڪس ڊپارٽمينٽ (ايف بي آر) سنڌ روينيو بورڊ (ايس آر بي) ۽ پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل (PEC) وٽ هلندڙ مالي سال جي لاءِ لاڳاپيل ڪيٽيگري ۾ ڪارگر رجسٽريشن، لاڳاپيل ڪيٽيگري ۾ (CE-04) ۽ ان کان مٿي سيريل نمبر .04 ۽ 07 لاءِ C-5 يا ان کان مٿي ۽ سيريل نمبر .01، .02، .03، 05 ۽ 08 جي ڪمن ۽ C6 ۽ ان کان مٿي جي ڪمن لاءِ) گڏ ميچنگ اسپيشلائيزيشن ڪوڊز (يعني: CE-01, CE-10, & EE-11 (I,ii,iii,vi,xvii ۽ اليڪٽريڪل انسپيڪٽر جو سرٽيفڪيٽ (اليڪٽريڪل ڪمن لاءِ هلندڙ مالي سال جو جون 2026 تائين ڪارگر).
3. **پروڪيورمينٽ جو طريقو:** سنگل اسٽيج ٽو اينوليپ پروسيجر، اوپن نيشنل ڪامپيٽيٽو بڊنگ.
4. واڪ/ ٽينڊر دستاويز (جاري ڪرڻ/ اماڻڻ ۽ کولڻ)

نمبر شمار	تفصيل	پهريون پيرو	ٽينڊرن کي موٽ نه ملڻ جي صورت ۾ ٻيون پيرو
i.	ڪورن ٽينڊرن جي اجراءَ لاءِ درخواستن جي وصولي جي آخري تاريخ اين آءِ ٽي جي اشاعت کان شام 4 وڳي تائين ٽينڊر في جي ادائگي (ناقابل واپسي) تي.	14-01-2026	02-02-2026
ii.	ٽينڊرن جي وصولي ۽ کولڻ جي تاريخ (ٽينڊرن جي وصولي صبح جو 10:00 وڳي ۽ کولڻ جو وقت صبح 11:00 وڳي)	15-01-2026	03-02-2026
iii.	اجراءَ، اماڻڻ، انڪوائريز ۽ کولڻ جو هنڌ، ايگزيڪيوٽو انجنيئر رورل ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ حيدرآباد ڊويزن ايٽ آفيس آف دي چيف انجنيئر رورل ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ حيدرآباد ريجن ايٽ اولڊ وحدت ڪالوني ويجهو ايگريڪلچر ڪامپليڪس حيدرآباد.		

5. **شرط ۽ ضابطا:**

اي) هيٺين حالتن ۾ واڪ رد ڪيا ويندا:
- i. جن واڪن سان گڏ واڪ سيڪيورٽي گهربل رقم ۽ فارم موجب شامل نه هوندي.
- ii. مقرره تاريخ ۽ وقت کانپوءِ پهتل واڪ.
- iii. بليڪ لسٽ فرمن ۽ ڪنهن به قانوني تڪرار ۾ ملوث فرمون.
- iv. اڻپورا واڪ ڪاغذ (فقط بل آف ڪوانٽيٽيز رکندڙ).
- v. جن واڪ ڪاغذن تي صحيح ٿيل ۽ ٺپو لڳل نه هوندو.

بي) پروڪيورنگ ايجنسي کي ايس پي پي آر اي رولز 2010 (اڄ تائين ترميم ٿيل) موجب ڪو به يا سمورا واڪ رد ڪرڻ جو حق حاصل آهي.
سي) متوقع واڪ ڏيندڙن کي واڪ سان گڏ هيٺيان دستاويز اماڻڻا پوندا.

- i. ٺيڪي جا دستاويز ۽ ٻيا شرط ۽ ضابطا ايس پي پي آر اي جي سرڪاري ويب سائيٽ: .https://ppms.pprasindh.gov.pk/PPMS/ تان ڏسي ۽ ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا. مٿي ڄاڻايل ٽينڊر في جي رقم ۽ واڪ لاڳت ۽ ڪٽيل لاڳت جو 5% واڪ سيڪيورٽي ڪال ڊپازٽ/ پي آرڊر/ ڊماند ڊرافٽ/ بينڪ گارنٽي جي صورت ۾ پاڪستان جي ڪنهن شيڊيولڊ بينڪ مان ايگزيڪيوٽو انجنيئر رورل ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ حيدرآباد جي نالي ۾ (فرم جي نالي) جي اڪائونٽ مان واڪ/ ٽينڊرن سان لازمي شامل هئڻ گهرجي. ٻي صورت ۾ اهڙا ٽينڊر غور حاصل نه ڪندا.
- ii. سرٽيفڪيٽ (اي) اين ٽي اين سرٽيفڪيٽ (ساڻ ايڪٽو اسٽيٽس) (بي) ايس آر بي سرٽيفڪيٽ (سي) ڪارگر PEC سرٽيفڪيٽ لاڳاپيل ڪئٽيگري ۾ (ڊي) اليڪٽرڪ انسپيڪٽوريٽ لائسنس ۽ مالڪ جو شناختي ڪارڊ (CNIC).
- iii. گذريل ٽن سالن واسطي ماليائي/ بينڪ اسٽيٽمينٽ ۽ انڪم ٽيڪس ريٽرن.
- iv. اهڙي نوعيت جي ساڳئي ٻين سول ورڪس (گورنمينٽ /پرائيويٽ سيڪٽر) ۾ ڪيل ڪم گذريل 3 سالن دوران جن جي تڪميل جا سرٽيفڪيٽ لاڳاپيل کاتي وٽان جاري ڪيل ۽ ايس پي پي آر اي آءِ ڊيز ۾ ڊيڪاريل ايويليوئيشن واڪ رپورٽ سان گڏ شامل هئڻ گهرجن.
- v. گذريل ٽن سالن جون سالياني آڊٽ رپورٽون رجسٽرڊ آڊٽ فرم وٽان.
- vi. ايڪيوپمينٽس ۽ مشينري ۽ ٽرانسپورٽ جا تفصيل جيڪي فرم/ ٺيڪيدار طرفان مالڪي ۾ هجن يا مسواڙ تي ورتا ويا هجن.
- vii. تازو قسم نامو: (اي) ته فرم ڪنهن به مقدمي بازي ۾ ملوث نه آهي (بي) ته فرم کي ڪڏهن به بليڪ لسٽ نه ڪيو ويو آهي ۽ (سي) جيڪي دستاويز/معلومات ڏني ويئي آهي اهي سڀ صحيح ۽ سچا آهن. ڪوڙي/ هٿ چراند ڪيل يا غلط معلومات/ سرٽيفڪيٽ فراهم ڪندڙ ڪمپني/ فرم کي ڪنهن به مرحلي تي بليڪ لسٽ ڪري سگهجي ٿو.
- viii. اختيار ڏنل ليٽر ۽ پارٽنرشپ ڊيڊ پاور آف اٽارني جوائنٽ وينچر ايگريمينٽ (جيڪڏهن ڪو هجي ته).

6. ٽينڊر پروڪيورمينٽ ڪميٽي/ شرڪت ڪندڙ ٺيڪيدارن/ فرمن ۽ موجودگيءَ جي خواهشمند سندن مجاز نمائندن جي موجودگيءَ ۾ کوليا ويندا.
7. واڪ سنگل پيڪيج تي ٻٽل ٻه لفافي ۾ هوندا. هر هڪ لفافو ڌار فنانشل پروپوزل ۽ ٽيڪنيڪل پروپوزل تي مشتمل هوندو. لفافن تي ڪنهن مونجهاري کان بچڻ لاءِ وڏن ۽ واضح اکرن ۾ ٽيڪنيڪل پروپوزل ۽ فنانشل پروپوزل لکيل هئڻ گهرجي.
8. فرمن جي فني لياقت واسطي چنڊڇاڻ لاءِ ٽيڪنيڪل پروپوزل کوليا ويندا ٽيڪنيڪلي ڪواليفائيڊ فرمن جا فنانشل واڪ/ پروپوزل ڪواليفائيڊ ٺيڪيدارن/ فرمن کي لکت ۾ کولڻ جي تاريخ ۽ وقت بابت آگاهه ڪيو ويندو. ٽيڪنيڪلي ڊسڪواليفائيڊ فنانشل واڪ/ پروپوزل ترتيبوار واڪ ڏيندڙن کي بنا کولڻ جي واپس ڪيا ويندا.
9. ٽيڪنيڪل پروپوزل جي هرهڪ صفحي تي نمبر لڳل ۽ فرم/ڪمپني جي مالڪ پاران مهر سان گڏ سي اين آءِ سي نمبر تصديقي صحيح هجڻ گهرجي. اهڙو جدا پروفائل سيني درخواست ڏنل ڪمن لاءِ ڏيٽو پوندو .
10. پريميم ڪوٽيڊ واڪ ڏيندڙ انگن توڙي اکرن ۾ پيش ڪندو ٻي صورت ۾ فنانشل واڪ ايس پي پي آر اي رولز تحت رد ڪيا ويندا ۽ سوٽي رقم جي فوٽو ڪاپي اين آءِ ٽي جي فنانشل پروپوزل سان گڏ شامل هجي.
11. عام موڪل يا ڪنهن حادثي جي صورت ۾ واڪ ورندڙ ڪم ڪار واري ڏينهن تي ساڳئي شيڊيول سان اماڻيا/ کوليا ويندا.

I WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com
JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

ايگزيڪيوٽو انجنيئر
رورل ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ،
حيدرآباد ڊويزن

INF-KRY.NO.4393/2025

3 سال اڳ سنڌ حڪومت 30 ضلعن ۾ بهترين ريسڪيو 1122 سروس جو آغاز ڪيو: راول شرجيل

عوام ۾ آگاهي پهچائڻ انتهائي ضروري آهي، جيئن ايمرجنسي صورت ۾ وقت سر هن سهولت مان فائدو وٺي سگهن

30 ضلعن ۾ ريسڪيو 1122 جون ايمبولينسون موجود آهن، 17 ضلعن ۾ ريسڪيو فائر فائٽرز ۽ ٻيون ريسڪيو سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن

پيپلز پارٽي اڳواڻ راول شرجيل ميمڻ جو ريسڪيو 1122 حيدرآباد آفيس جي دوري دوران ميڊيا سان ڳالهيون

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) پاڪستان پيپلز پارٽي جي نوجوان اڳواڻ راول شرجيل ميمڻ ريسڪيو 1122 حيدرآباد جي آفيس جو دورو ڪيو جتي ريسڪيو ايمرجنسي آفيسر روشن مهيسر ۽ ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيسر ڪامران ساريو سندن استقبال ڪيو ريسڪيو عملي طرفان کين سلامي پيش بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: ايمرجنسي سروس ريسڪيو 1122 جي هيڊ آفيس جي دوري جي موقعي تي راول شرجيل ميڊيا سان ڳالهائيندي

ٺٽي ۾ صوبائي وزير تعليم جي عوامي مسئلن جي حل لاءِ کلي ڪچهري منعقد

استادن جي پگهارن، اسڪولن جي زبون حالي، روڊن، پاڻي ۽ بنيادي سهولتن بابت شڪايتن جا انبار

صوبائي وزير پاران ڊي سي، ايس ايس پي ۽ لاڳاپيل عملدارن کي موقعي تي ئي مسئلا حل ڪرڻ جا حڪم

کلي ڪچهري جو مقصد عوام جا مسئلا روبرو ٻڌي انهن جي جلد حل لاءِ اپاءَ وٺڻ آهي: سردار شاهه

ٺٽو (ڊ ر) صوبائي وزير تعليم سيد سردار علي شاهه جي صدارت هيٺ عوامي مسئلن جي حل بابت جيمخانه ڪلب مڪلي ۾ کلي ڪچهري منعقد ٿي جنهن ۾ ضلعي ٺٽي جي عوام پاران نون ڀرتي ٿيل استادن جي پگهارن، حقن جي رڪارڊ، وڏ ملازمن سي ايس آر فنڊن، استاد جي ڪوٽ، اسڪولي عمارتن جي زبون حالي، حيدرآباد ٺٽو ۽ ٺٽو سڄاول ڊبل روڊ جي تعمير، سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي جي ناجائزين، پاڻي بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان قتل ڪيس، هڪ کي سزاءِ موت، ٻئي کي عمر قيد جي سزا

ايڊيشنل سيشن جج ڏوهه ثابت ٿيڻ تي ظفر ملاح سزاءِ موت ۽ معشوق ملاح کي عمر قيد جي سزا ٻڌائي

معشوق ملاح تي غيرقانوني هٿيار رکڻ جو به ڏوهه ثابت ٿيڻ تي 5 سال قيد ۽ 50 هزار جرماني جو حڪم

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) ٽنڊو محمد خان جي عدالت قتل ڪيس ۾ ڏوهه ثابت ٿيڻ تي 2 جوابدارن مان هڪ کي سزاءِ موت ۽ ٻي کي عمر قيد جي سزا جو حڪم ڏئي ڇڏيو. ٽنڊو محمد خان جي ايڊيشنل سيشن جج 2 بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ٽنڊومحمدخان جي عدالت قتل ڪيس ۾ ڏوهه ثابت ٿيڻ تي سزا يافته جوابدار لاڪپ

بدين: ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر محمد حنيف ملاڻا شيرا والي مندر ۾ ووٽ بابت آگاهي

عثمان شاهه ويجهو سنگاوتي تڪرار تان فائرنگ، نوجوان قتل، گهر ۾ ڪهرام

مرساند ٿاڻي جي حد واري ڳوٺ يوسف ميربحر ۾ گوليون لڳڻ سبب صاحب ڏنو ميربحر مارجي ويو

عمرساند پوليس واقعي واري جاءِ تي پهچي لاش ڪڍائي اسپتال منتقل ڪيو، ڪارروائي بعد وارثن حوالي

واقعي سنگاوتي تڪرار سبب پيش آيو آهي وڌيڪ جاچ ڪريون پيا، جوابدار جو نالو اسماعيل آهي: پوليس

عثمان شاهه هڙي (ت ر) عثمان شاهه هڙي ويجهو عمرساند ٿاڻي جي حد واري ڳوٺ يوسف ميربحر ۾ فائرنگ جو واقعو هڪ نوجوان نالي صاحب ڏنو ميربحر قتل واقعي جي اطلاع تي عمرساند پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش کي پنهنجي تحويل ۾ سول اسپتال منتقل ڪيو جتي ضروري ڪارروائي لاش وارثن حوالي ڪيو ويو بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ڪراچي بار جون ساليانو چونڊون چيف اليڪشن ڪمشنر جي طبعيت خراب ٿيڻ سبب ملتوي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي بار ايسوسيئيشن جون ساليانو چونڊون ملتوي ڪيون ويون آهن. اهو فيصلو اميدوارن ۽ هاءِ ڪورٽ ۾ اعليٰ عملدارن جي ملاقاتن کان پوءِ ڪيو ويو. ذريعن جي موجب صلاح مشوري کان پوءِ ايندڙ تاريخ جو اعلان ڪيو ويندو. يادرهي ته صبح جو پولنگ جي دوران اچانڪ چيف اليڪشن ڪمشنر سيشن جج نعيم ميمڻ جي خراب صحت سبب پولنگ بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

فيصل آباد: مملڪتي وزير کيئل داس ڪوهستاني، عيسائي برادري سان ڪيڪ ڪٽي رهيو آهي

قاضي احمد لڳ ٽرالر جو موٽرسائيڪل سان ٽڪر، 2 ڄڻا فوت

بائي پاس جمال شاهه چوڪ تي پنجاب کان ڪراچي ويندڙ ٽريلر جو موٽرسائيڪل سان ٽڪر ٿيو

حادثي جي نتيجي ۾ عاشق حسين چانڊيو ٿلهي تي فوت، جڏهن ته محمد هاشم زخمي ٿيو

لاش ۽ زخمي کي اسپتال منتقل ڪيو ويو، جتي زخمي جا سور نه سهندي دم ڌڻي حوالي ڪيو

قاضي احمد (ن ع) قاضي احمد بائي پاس جمال شاهه چوڪ تي پنجاب کان ڪراچي ويندڙ ٽريلر جو موٽرسائيڪل کي زوردار ٽڪر جنهن جي نتيجي ۾ مدارو جي پيدي جا رهواسي عاشق حسين چانڊيو جيڪو ٿلهي تي فوت ٿي ويو جڏهن ته محمد هاشم اوٺو سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي قاضي احمد بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

سيوهڻ قلعي جي بيوٽيفڪيشن سميت سمورا لاڳاپيل ڪم جلد مڪمل ڪيا وڃن: ڊي سي

سيوهڻ (ن ع) ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو غضنفر علي قادري جي صدارت هيٺ سيوهڻ قلعي جي بيوٽيفڪيشن ۽ درگاهه حضرت لال شهباز قلندر رح جي مزار تي انتظامن جي حوالي سان سيوهڻ ڪيمپ بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: جهنڊو ڪوسو جا رهواسي بااثر خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي

Oil & Gas Development
Company Limited

ogdc the energy

INVITATION TO E-BID
THROUGH SAP-ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-Ariba Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-PROD-306827793-2025	CAMP SERVICES FOR KUNNAR KPD-TAY FIELD, HYDERABAD SINDH	05.01.2026 AT 1030 HRS
2.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-PROD-306822574-2025	CAMP SERVICES FOR NASHPA FIELD, DISTRICT KARAK, KPK	06.01.2026 AT 1030 HRS
3.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-PROD-306825451-2025	CAMP SERVICES FOR QADIRPUR FIELD, DISTRICT GHOTKI, SINDH	07.01.2026 AT 1030 HRS
4.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-PROD-306827132-2025	CAMP SERVICES FOR SINJHORO FIELD, DISTRICT SANGHAR, SINDH	08.01.2026 AT 1030 HRS

2. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date/ time.
3. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at www.ppra.org.pk.
4. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders or https://discovery.ariba.com/profile/AN01562899621 for details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.
5. OGDC reserves the right to accept or reject any bid and to annul the bidding process and reject all the bids as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) Rule-33.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarters, Jinnah Avenue, Blue Area,
Islamabad, Pakistan.

ogdcl.com
No. 346/42

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION
WE EXPLORE PROSPERITY

اسلام آباد: لوڪ ورثا ۾ تاجڪستان جا فنڪار پنهنجا روايتي ناچ پيش ڪندي

پاڪستان کي ٽوڙڻ جي ڪوشش قيامت تائين ناڪام رهندي: سرفراز بگٽي

اسان هڪ لمحي لاءِ به توهان جي بندوق واري نظريي کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار ناهيون

توهان پاڪستان جي آئيني دائري ۾ رهندي واپس اچڻ چاهيو ٿا ته رياست جا رستا کليل آهن

ڪوئيٽا (ويب ڊيسڪ) بلوچستان جي وڏي وزير مير سرفراز بگٽي چيو آهي ته بندوق جي زور تي خدا نه ڪري پاڪستان کي ٽوڙڻ جي ڪوشش قيامت تائين ناڪام رهندي پوليس ٽريننگ ڪاليج ڪوئيٽا ۾ پاسنگ آئوٽ پريڊ کي خطاب ڪندي سرفراز بگٽي باغي گروهن کي مخاطب بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

اين سي ايڇ ڊي فيلڊ آفيسرن کي 13 سال گذرڻ باوجود ٽائم اسڪيل ۽ پروموشن نه مليا

وفاقي حڪومت جي نوٽيفڪيشن باوجود 1200 کان وڌيڪ فيلڊ آفيسر ٽائم اسڪيل کان محروم

اسان پنهنجي قانوني حق وٺڻ لاءِ جلد کان جلد ڪورٽ سگهوري ۾ پٽيشن داخل

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) منسٽري آف فيڊرل ايجوڪيشن اين سي ايڇ ڊي جي سول سرونٽ گريڊيڊ فيلڊ آفيسرن شفيع محمد ملاح علي بخش ميمڻ الهداد سومرو غلام مصطفيٰ ٻگهيو قاسم مصطفيٰ غلام حسين چانڊيو سيد ذوالفقار علوي محمد عمران شيخ عبدالحڪيم جروار بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

اسرائيل خلاف اپيل رد ڪرڻ تي عالمي فوجداري عدالت جي 2 ججن تي پابندي

آمريڪا اسرائيل خلاف اپيل رد ڪرڻ تي آءِ سي سي جي 2 ججن خلاف اهڙو حڪم ڏنو

نين پابندين جو نشانو بڻيل ججن ۾ گوچالارڊڪيپا نيڌزي ۽ منگوليا جا ارڊني بالسرين ڊيمڊن شامل

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪا اسرائيل خلاف اپيل رد ڪرڻ تي نيدرلينڊز جي شهر دي هيگ ۾ قائم عالمي فوجداري عدالت (آءِ سي سي) جي 2 ججن تي پابنديون لاڳو ڪري ڇڏيون پرڏيهي ميڊيا مطابق آمريڪي پرڏيهي وزير مارڪو روبيو گڏيل ڏينهن بيان ۾ چيو ته منگوليا ۽ جارجيا بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: سنڌياڻي ۽ قومي عوامي تحريڪ پاران بک هڙتال ڪئي پئي وڃي

فريدآباد ۾ فاطمه پبلڪ پرائمري اسڪول ۾ ثقافتي تقريب منعقد

شاگردن ۽ شاگردياڻين قومي شاعري، تقريرن ۽ ثقافتي ٽيبلوز پيش ڪيا

مقابلن ۾ ڪامياب شاگردن کي ايوارڊ، والدين کي ٻارن کي اسڪولن ۾ داخل ڪرائڻ جو پيغام

فريدآباد (ن ع) فريدآباد فاطمه پبلڪ پرائمري اسڪول الاهي بخش ڪوسو ۾ ثقافتي تقريب منعقد. اسڪولي شاگردن شاگردياڻين پاران قومي شعر شاعري، تقريرن ۽ ٽيبلوز پيش ڪري ڌرتي ٻولي ۽ بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

اوڏيرولال پرسان نوجوان اغوا، زنجيرن سان جڪڙيل وڊيو وائرل، 50 لک ڀنگ طلب

لڳ ڳوٺ ٻچل وريا جو رهواسي امير علي عرف نيئا شادي بهاني سکر گهرايو

وڊيو ۾ امير علي وارثن کي 50 لک ڀنگ ڀرڻ ۽ آزاد ڪرائڻ جي اپيل ڪري رهيو آهي

اوڏيرولال (ن ع) اوڏيرولال لڳ ڳوٺ ٻچل وريا جو رهواسي هرڪجي سکر پهچڻ اغوا وارثن کان ڀنگ طلب. ڌاڙيلن نوجوان جو بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

غير قانوني پرڏيهين جي نيڪالي لاءِ وفاق ۽ صوبائي حڪومت هڪ پيج تي آهن: شام سندر اڏواڻي

افغانين کي ڪراچي سميت سڄي سنڌ مان نيڪالي لاءِ حڪومتي ادارا عملي طور ڪاروائي ڪري رهيا آهن

وفاقي حڪومت سنڌ ۾ ڪنهن به نئين صوبي جي قيام بابت فيصلو نه ڪيو آهي نه وري سنڌ ٻن يا ٽن حصن ۾ تقسيم ڪئي ويندي

ڊاڪٽر شام سندر اڏواڻي جو ڳوٺ باقر نظاماڻي ۾ سي سي بلاڪ اسڪيم روڊ جي افتتاح واري تقريب کي خطاب

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) سنڌ ۾ غيرقانوني آيل پرڏيهين جي نيڪالي لاءِ وفاقي صوبائي حڪومت هڪ ئي پيج تي ڌارين جي نيڪالي جو آپريشن ڪري رهي آهي، اهڙو اظهار وڏي وزير جي خاص معاون بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوڄام: ڇهن ٻارن جي ماءُ جي مبينا اغوا خلاف وارث احتجاجي مظاهرو ڪندي

27ترميم ۾ سنڌ صوبي کي ٽوڙڻ واري ڳالهه ۾ ڪا به صداقت ناهي: مخدوم فخرالزمان

ايم ڪيو ايم جي چوڻ تي هائوس مان بل پاس نه ٿيندا، انهن جا قومي اسيمبلي ۾ ايترا ميمبر ئي ناهن

آءِ ايم ايف جي لون جي حساب سان آبادگارن ۽ هارين تي وڏو بوجهه پيو، ايندڙ وقت آبادگارن کي رليف ملندو

اوڏيرولال (ن ع) آءِ ايم ايف جي لون جي حساب سان آبادگارن ۽ هارين تي وڏو بوجهه پيو آهي پاڪستان وڏي مشڪل وقت مان گذري ايندڙ وقت ۾ آبادگارن کي به رليف ملندو اهڙن خيالن جو اظهار سنڌ حڪومت جي پريس ترجمان ايم پي اي مٽياري مخدوم فخرالزمان ڳوٺ چنيسر چنو ۾ سينئر صحافي سومار چنو جي پيءُ جي وفات تعزيت دوران صحافين سان ڳالهائيندي ڪيو. انهن وڌيڪ چيو 27 ترميم ۾ سنڌ صوبي کي ٽوڙڻ واري ڳالهه ۾ ڪا به بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

محرابپور لڳ مبينا پوليس مقابلو 50 کان وڌيڪ ڪيسن ۾ گهربل ڌاڙيل مارڻ جي دعويٰ

ڪاٽن فيڪٽري پرسان ڪار ۾ سوار ڇهن هٿيارٻندن پوليس کي ڏسي فائرنگ شروع ڪري ڏني

محرابپور (ت ر) محرابپور ۾ پيروسڻ روڊ تي مبينه پوليس مقابلو پنجاهه کان وڌيڪ ڏوهي ڪيسن ۾ گهربل سنڌ جو خطرناڪ ڌاڙيل لطيف پنهور مارجي ويو ان ڊس ۾ بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ٿرپارڪر: ڪارونجهر جي ڪٽائي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

دادو ۾ پيپلز پارٽي جي پاران سلام بينظير ريلي ڪڍي وئي

عاجز ڌامره جي صاحبزادي بازل ڌامره ۽ ڪارڪنن سيوهڻ کان دادو تائين سفر ڪيو

ريلي شهيد بينظير سان عقيدت ۽ جمهوريت سان وفاداري جو علامت آهي: پير

دادو (ڊ ر) پاڪستان پيپلز پارٽي حيدرآباد ڊويزن جي صدر عاجز ڌامره جي صاحبزادي بازل ڌامره ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي بيز بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوڄام ڇهن ٻارن جي ماءُ مبينا اغوا، وارثن جو احتجاج

جوا اڏو هلائيندڙ شبير خاصخيلي منهنجي زال راحيله ٿانوري کي اغوا ڪري ويو آهي

ايس ايس پي حيدرآباد نوٽيس وٺي منهنجي زال کي بازياب ڪرائي: رحمت الله ٿانوري

ٽنڊوڄام (ت ر) ٽنڊوڄام ۾ جوا جي مشهور اڏي جو مالڪ مبينه طور تي ڇهن ٻارن جي ماءُ کي اغوا ڪري ويو اغوا ٿيل ناري بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

دادو عدالت ۾ امر رباب چانڊيو جي ٽن گهر ڀاتين جي قتل ڪيس جي ٻڌڻي

وڪيلن جا دليل ٻڌڻ بعد عدالت ڪيس جي ٻڌڻي 2 جنوري 2026 تائين ملتوي ڪري ڇڏي

عدالت مان پراميد آهيون، ڪيس ۾ سردارن ۽ ڀوتارن کي سخت سزائون ملنديون: امر رباب

دادو (ڊ ر) دادو ماڊل ڪرمنل ٽرائل ڪورٽ ۾ سنڌ جي ڌيءَ امر رباب چانڊيو جي ٽن گهر ڀاتين جي قتل ڪيس جي ٻڌڻي ٿي گذري ڪيس جي ٻڌڻي دوران ڪيس جو فريادي پرويز احمد چانڊيو، امر رباب چانڊيو رينجرس بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

مٺي: سي آءِ اي پوليس هٿان گرفتار ٿيل شراب فروش پوليس تحويل ۾ آهي

موجوده تعليمي نظام قوم کي تباهي جي ڪناري تي آڻي بيهاريو آهي: راشد محمود سومرو

اقتدار ۾ ويٺل ماڻهو صرف دولت جا پوڄاري بڻجي چڪا آهن انهن کي قوم جي مستقبل جي پرواهه ناهي

ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جو جائزو ورتو وڃي ته معلوم ٿيندو ته مستقبل جا معمار منشيات جي دلدل ۾ ڦاسندا پيا وڃن

غريبن جي ٻارن لاءِ الڳ ادارا، اميرن جي ٻارن لاءِ الڳ، جڏهن ته ايم اين ايز ۽ ايم پي ايز جا ٻار لنڊن ۽ برطانيا ۾ تعليم حاصل ڪري رهيا آهن

سکر (بيورو رپورٽ) جمعيت علماءِ اسلام (ف) سنڌ جي امير مولانا عبدالقيوم هاليجوي ۽ سيڪريٽري جنرل علامه راشد محمود سومرو چيو آهي ته موجوده تعليمي نظام قوم کي تباهي جي ڪناري تي آڻي بيهاريو آهي جڏهن ته اقتدار ۾ ويٺل ماڻهو صرف دولت جا پوڄاري بڻجي چڪا آهن انهن کي نه ايمان جي پرواهه آهي ۽ نه ئي قوم جي بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

ايم ڪيو ايم جي ايم پي اي ڪراچي ۾ وڌندڙ ڀتاخوري تي ڳڻتي ظاهر، وڏي وزير کي خط لکي ڇڏيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ اسيمبلي ۾ ايم ڪيو ايم پاڪستان جي ڊپٽي پارلياماني ليڊر ۽ ايم پي اي طحا احمد خان ڪراچي ۾ وڌندڙ ڀتاخوري تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي وزيراعليٰ سنڌ کي باضابطه خط لکي ڇڏيو آهي خط ۾ هن بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: ايڪسپو سينٽر ۾ ڪراچي عالمي ڪتاب ميلي ۾ ڪتابن اسٽالن تي شهرين جي رش نظر اچي ٿي

اوٻاڙو لڳ سنڌ پوليس ۽ رينجرز جو آپريشن، 4 ڌاڙيل مارڻ ۽ 6 زخمي ڪرڻ جي دعويٰ

سنڌ پنجاب ڌنگ سونمياڻي جي ڪچي وارن علائقن ۾ ڌاڙيلن خلاف پوليس ۽ سنڌ رينجرز جو گڏيل آپريشن ڇهين ڏينهن به جاري

ڊرون ذريعي ڌاڙيلن جي ٺڪاڻن تي ڪارروائي دوران چار خطرناڪ ڌاڙيل مارڻ ۽ 6 کان وڌيڪ زخمي ڪيا آهن: ترجمان

پوليس ۽ رينجرس ڌاڙيلن جي ٺڪاڻن تي قبضو ڪري ڪيترائي ٺڪاڻن کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو آهي

اوٻاڙو (ن ع) اوٻاڙو لڳ سنڌ پنجاب جي سرحدي ڌنگ پنجاب جي سون مياڻي جي ڪچي واري علائقي ۾ سنڌ پوليس ۽ رينجرس جو گڏيل آپريشن چوٿين به جاري مقابلي دوران چار ڌاڙيل مارڻ ۽ ڇهه ڌاڙيل زخمي/بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

محرابپور لڳ مبينا پوليس مقابلو 50 کان وڌيڪ ڪيسن ۾ گهربل ڌاڙيل مارڻ جي دعويٰ

ڪاٽن فيڪٽري پرسان ڪار ۾ سوار ڇهن هٿيارٻندن پوليس کي ڏسي فائرنگ شروع ڪري ڏني

محرابپور (ت ر) محرابپور ۾ پيروسڻ روڊ تي مبينه پوليس مقابلو پنجاهه کان وڌيڪ ڏوهي ڪيسن ۾ گهربل سنڌ جو خطرناڪ ڌاڙيل لطيف پنهور مارجي ويو ان ڊس ۾ ايس ايڇ او محرابپور اشفاق شر موجب پيروسڻ روڊ تي علي ڪاٽن فيڪٽري پرسان ڪار ۾ سوار ڇهن هٿيارٻندن پوليس کي ڏسي فائرنگ ڪئي جنهن سبب مقابلو ٿيو ۽ سنڌ جي وڏي ڌاڙيل ۽ پنجاهه کان وڌيڪ ڏوهن ڪيسن ۾ گهربل خيرپور ناٿن واسي عبداللطيف پنهور سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي محرابپور اسپتال نيو پيو ويو ته زخمن جا سور نه سهندي مارجي ويو جڏهن ته سندس ڪي ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب /بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

پاڪستان ريلوي صحافين لاءِ جاري رعايتي ڪارڊن جي مدت وڌائي 28 فيبروري ڪري ڇڏي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان ريلوي هيڊڪوارٽرز موجب صحافين لاءِ جاري ڪيل رعايتي ڪارڊن جي معياد وڌائي 28 فيبروري 2026 تائين ڪري ڇڏي وئي آهي اڳ اهي ڪارڊ 31 ڊسمبر 2025 تي ختم ٿي رهيا هئا. پاڪستان ريلوي طرفان ٻڌايو ويو آهي ته سال 2026 لاءِ نون رعايتي ڪارڊن جو اجرا پهرين مارچ 2026 کان شروع ڪيو ويندو

مٺي: ڇاڇرو جي ڳوٺ ۾ پوليو ٽيم سان مزاحمت ڪرڻ تي گرفتار ڪيل ٻه جوابدار

دوڙ: مسجد مان هٿ آيل نئين ڄاول ٻار کي هنج ورتل ڳوٺاڻي جو فوٽو

نيوسعيدآباد ۾ پيپلزپارٽي قيادت خلاف جيالن ۽ ڪارڪنن بي اعتمادي ظاهر

جيالن ۽ ڪارڪنن ضلعي صدر ۽ جنرل سيڪريٽري خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو

نيوسعيدآباد (ت ر) پيپلزپارٽي نيوسعيدآباد تعلقي جي سينئر جيالن، ڪارڪنن پاران پيپلزپارٽي ضلعي مٽياري جي صدر ۽ جنرل سيڪريٽري تي بي اعتمادي ظاهر ڪري ڪندي کين عهدن تان هٽائڻ جو مطالبو ڪيو آهي اڳواڻن جو چوڻ هو ته ضلعي صدر جنرل سيڪريٽري کي نه هٽائڻ جي صورت ۾ /بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

پاڪستان کي ٽوڙڻ جي ڪوشش قيامت تائين ناڪام رهندي: سرفراز بگٽي

ڪوئيٽا (ويب ڊيسڪ) بلوچستان جي وڏي وزير مير سرفراز بگٽي چيو آهي ته بندوق جي زور تي خدا نه ڪري پاڪستان کي بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

خانپور مهر: سڙي زخمي ٿيل نينگر جا وارث مدد جي اپيل ڪندي

ٽنڊوالهيار ويجهو ملاح برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، فائرنگ، هڪ ڄڻو قتل

ڳوٺ يوسف ملاح ۾ جهيڙي دوران فائرنگ ۾ گوليون لڳڻ سبب صاحب ڏنو زخمي ٿي پيو

زخمي کي سول اسپتال ٽنڊوالهيار منتقل ڪيو جتي زخمن جي سٽ نه سهندي دم ڌڻي حوالي ڪيو

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار ويجهو عمرساند ٿاڻي جي حد واري ڳوٺ يوسف ملاح ۾ ملاح برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو. فائرنگ سبب هڪ ڄڻو قتل. لاش اسپتال منتقل. ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

Oil & Gas Development
Company Limited

ogdc the energy

INVITATION TO E-BID
THROUGH SAP-ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-Ariba Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-CSR-306408716-2025	SERVICES FOR SUPPLY OF UTILITY WATER	05.01.2026 AT 1030 HRS
2.	OGDC-SCM-LH-PT-PLANT AND PROCESS-UCH-FIELD-306818463-2025	DET-TRONICS F AND G SYSTEM SPARES FOR SGT-100	05.01.2026 AT 1130 HRS
3.	OGDC-SCM-LBF-CESS-BETTANI-307040274-2025	CONSTRUCTION OF MASJID AT BETTANI PLANT, LAKKI MARWAT, KPK PROVINCE	05.01.2026 AT 1130 HRS
4.	OGDC-SCM-LBI-PT-CESS-306176502-2025	CIVIL WORKS REQUIRED FOR SWT JOB	06.01.2026 AT 1130 HRS
5.	OGDC-SCM-LBF-CESS-TOGH-306830381-2025	CONSTRUCTION OF BARBER SHOP AND WASHER MAN ROOMS	06.01.2026 AT 1130 HRS
6.	OGDC-SCM-LBT-PT-CESS-306167550-2025	CONSTRUCTION OF DUTY ROOM WITH BATH AND SEPTIC TANK	07.01.2026 AT 1130 HRS

EXTENSION IN BID
CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice(s) published in newspapers on **21.11.2025,** and **12.12.2025,** it is notified that the bid submission/opening dates of the following cases are extended as follows:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-FB-CB-DRLG-D-303137993-2025	CASING BETTANI	30.12.2025 AT 1100 HRS
2.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-DO-305419449-2025	DRILLING HMD JAR SERVICES	12.01.2026 AT 1030 HRS

3. Bidders who have already submitted/ sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date/ time.
5. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at www.ppra.org.pk.
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders or https://discovery.ariba.com/profile/AN01562899621 for details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.
7. OGDC reserves the right to accept or reject any bid and to annul the bidding process and reject all the bids as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) Rule-33.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarters, Jinnah Avenue, Blue Area,
Islamabad, Pakistan.

ogdcl.com
No. 347/43

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION
WE EXPLORE PROSPERITY

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.